
اهنجي ڏرتي
ڊاڪٽر محبت پرڙو
ڊاڪٽر محبت اکيلاڻي قنبر
سنڌيڪار: ڊاڪٽر محبت پرڙو
38

آهنجي ڏرتي

سنڌيڪار: ڊاڪٽر محبت پرڙو

سهيڙيندڙ: رياضت پرڙو

ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي(ر)
قنبر ـ 2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي(رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر (38)

© ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي (رجسٽرڊ) قنبر 2014ع

[هِي ڪتاب ڊاڪٽر محبت پرڙي جي 17-هين
ورسيءَ جي موقعي تي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.]

ڪتاب: **اهنجي ڌرتي**
سنڌيڪار: **ڊاڪٽر محبت پرڙو**
سهيڙيندڙ: **رياضت پرڙو**
پهريون ڇاپو: **اپريل 2014ع**
ڇپائيندڙ: **ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي قنبر**

قيمت: 120 رپيا

"Ahanji Dharti" (Translated Articles in Sindhi Language)
By: Dr. Muhabbat Buriro
Compiled by: Riazat Buriro
1st Edition: April 2014 A.D
Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar
E-mail: dm.academy@yahoo.com
riazatburiro@yahoo.com

هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي قنبر جي چيئرمئن عبدالحميد ميمڻ
ڪراچيءَ مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي قنبر پاران پڌرو ڪيو.

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"اَهِنجي ڏرتي"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ، کهاڙيڪار ۽ محقق **ڊاڪٽر محبت پرڙي** پاران انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل مضمونن جو مجموعو آهي.

"اهنجي ڏرتي" جي نالي سان آڇي ويندڙ، سياسي مضمونن جي هيءَ ننڍي سهيڙ؛ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جوڳي آهي هر ان ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو ڏرتيءَ ۽ ڏرتيءَ واسين جي اَهنجن، ايذائن، تڪليفن، ڏُکيائن، مسئلن ۽ مامرن کي ڪجهه قدر جاڻڻ ۽ کوجڻ چاهي ٿو. ڏرتي؛ دنيا-گولو ۾ آهي، مختلف ڪنڊَ ۾ آهي، ننڍا وڏا ڏيهه ۾ آهي، ته رياستون، صوبا ۽ علائقا ۾. ڪنهن به قوم يا ملڪ اڳيان، ايڪي جو ننڍو يا وڏو هڻڻ پي ۽ هيٺين درجي جو ٻڌجي ٿو پوي، جيڪڏهن اها قوم يا ملڪُ پنهنجو انسان-دوست ڪردار صحيح طرح ادا ڪري ٿو. اهو ڪردار ئي ان قوم يا ملڪ ۽ ان جي ماڻهن جي پهريت سڃاڻپ آهي: ڇڪي هلت ساراهه لائق ۽ لڳي هلت نندڻ جوڳي آهي.

هي ڪتاب 2014ع ۾ ڊاڪٽر محبت پرڙي جي سترين ورسيءَ جي موقعي تي ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ پاران ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست رياضت پرڙي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

بہ اکر 06

پاڳو پهريون:

- روايت اجا جيئي پئي 08
- سوويت يونين کان پالهي ڏرتي 11
- مهانگائي ــ يلتسن لاءِ مسئلو 15

پاڳو ٻيو:

- "مددگار" جٿو ــ سِي.آءِ.اي 18
- جنسي هراسپ 22

پاڳو ٽيون:

- سنڌ ۾ پنجاب کي گم ڪرڻ 33
- سنڌ ۾ چور-ڪڌا ۽ خطرا 39
- سنڌ ۾ للڪار 50
- اهنجي ڏرتي سورهه ساري ٽي 56
- رڍن جي مات 63
- سنڌ جي صورتحال جا بنياد 67
- اوپرا همبستر 71
- پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون 74
- ڪٽرپڻو ــ هڪ قوم خلاف (تخليقي-تنقيدي ليک) 79

ٻه اکر

"**اهنجي ڏرتي**" جي نالي سان آڇي ويندڙ، سياسي مضمونن جي هيءَ ننڍي سهيڙ؛ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جوڳي آهي هر ان ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو ڏرتيءَ ۽ ڏرتيءَ واسين جي اَهنجن، ايذائن، تڪليفن، ڏُکيائن، مسئلن ۽ مامرن کي ڪجهه قدر جاڻڻ ۽ کوجڻ چاهي ٿو. ڏرتي؛ دنيا-گولو ٻه آهي، مختلف کنڊَ ٻه آهي، ننڍا وڏا ڏيهه ٻه آهي، ته رياستون، صوبا ۽ علائقا ٻه. کنهن ٻه قوم يا ملڪ اڇيان، ايڪي جو ننڍو يا وڏو هڻڻ ٻي ۽ هيٺين درجي جو ٻڌجي ٿو پوي، جيڪڏهن اها قوم يا ملڪُ پنهنجو انسان-دوست ڪردار صحيح طرح ادا ڪري ٿو. اهو ڪردار ئي ان قوم يا ملڪ ۽ ان جي ماڻهن جي پهريت سڃاڻپ آهي: ڇڪي هلت ساراهه لائق ۽ لڳي هلت نندڻ جوڳي آهي.

ڏرتيءَ جي ٻِن ملڪن سوويت يونين ۽ پاڪستان، ۽ پاڪستان ۾ خاص طور اسان جي سنڌ ڏرتيءَ جي اهنجن بابت سهيڙيل هنن چوڏهن مضمونن مان 13 مضمونَ، اسان جي سڃاڻ اديب ۽ محقق ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پاران روزاني "ڊان" اخبار مان ترجمو ڪيل آهن ۽ هڪ (آخري) مضمونُ ڊاڪٽر محبت جو تخليقي-تنقيدي آهي ۽ ترجمو ڪيل هڪ مضمون جي چنڊچاڻ آهي، ته جيئن پنهنجو نُڪتي نظر ٻه پيش ٿِي سگهي.

ڊاڪٽر محبت جي بنيادي سڃاڻپن ۾ هڪ اهم سڃاڻپ سياسي تنقيدنگار ليکڪ جي ٻه هئي. هن نه صرف سنڌ جي سياست بابت تجزياتي ڪتاب ــ "...جيڪو سچ چوي"، "سنڌي عوام جو قومي اتحاد ۽ ڪي سازشي"، "سنڌيو متحد ٿيو"، "ڇاڪي سڃاڻي ويهان ڪيئن ماڻ ڪري"، "سنڌي مار سورما"، وغيره ــ ۽ تمام گهڻا مضمون لکيا، پر سنڌ جي حوالي سان "پاڪستاني" پرنٽ ميڊيا ۾ ڇپيل انيڪ مضمون ترجمو ٻه ڪيا، ان مقصد سان ته سنڌ-دوست يا سنڌ-دشمن نُڪتي نظر کي ٻه ڇاڻي سگهجي، ۽ ڪجهه ٻين اهم ملڪي ۽ غيرملڪي معاملن جي ٻه آگاهي ونڻي سگهجي. گڏوگڏ ڪجهه ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا. هُن اهڙو اظهار ترجمو ڪيل هڪ ڪتاب "**انڪ قلعي کان**" (1990) ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو: "عام طرح جيڪو ٻه چگو ڪتاب ڪنهن ٻه ٻولئ ۾ پڙهندو آهيان، پڙهڻ کان پوءِ سوچيندو آهيان ته جيڪر اهو ڪتاب سنڌي ۾ ٻه هجي ته جيئن گهڻي کان گهڻا سنڌي پڙهي سگهن. انهن ئي جذبن هيٺ ڪجهه ڪتاب، مضمون، پمفليٽ وغيره ترجمو ڪيا اٿم."(ص-1)

هن ڪتاب ۾ آندل 14 مضمونَ؛ ٽن پاڳن ۾ ورهايا ويا آهن: پهرين پاڳي ۾ ڪَني ڪيل ٽي مضمون سوويت يونين جي حوالي سان آهن، ٻي پاڳي ۾ ٻه مضمون پاڪستان جي مسئلن کي نِروارن ٿا، ۽ ٽئين پاڳي ۾ آندل نوَ مضمون سنڌ بابت آهن، جن مان اڪثر ۾ خاص طور 1992 واري فوجي آپريشن جو، مثبت يا منفي، ذڪر آهي. جڏهن ته ان پاڳي جو پهريون ۽ بيحد اهم ليک "سنڌ ۾ پنجاب کي گُم ڪرڻ (بالادست سامراج جو هڪ صديءَ تي پکڙيل داستان)" پاڪستان جي وڏي صوبي پنجابَ جِي، 1947ع ۾ ڪاميابي ماڻڻ تائين، ساندهه ڪئي ويندڙ سازش جي ڪٿا ٻڌائي ٿو. ان سازش جي ڪاميابيءَ، نيٺ، اسان کي ان ابتر حال تي پهچايو آهي جو سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ تي ٻه وارَ ٿي رهيا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ کي استحصالي ٻوليءَ کان لاحق خطرا، خطري جي انتهائي حد ڏانهن وڌي رهيا آهن.

هِن ڪتاب کان اڳ، 2006ع ۾، ڊاڪٽر محبت جي لکيل سنڌ بابت سياسي مضمونن جِي هڪ

سهيڙ "**سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام**" جي نالي سان پيش ڪري چُڪا آهيون، جنهن ۾ ڊاڪٽر محبت جا لکيل 21 مضمون گڏ ڪيا ويا هئا.

ڊاڪٽر محبت مسلسل لکندڙ ۽ نہ ٽڪجندڙ ماڻهو هو. ان ڪري سندس تخليقي ۽ ترجمو ڪيل سياسي مضمونن جو ڇڳو تعداد مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. اسان جي ڪوشش آهي تہ انهن سياسي مضمونن کي بہ سهيڙي ڇپيندا وڃون.

مهرباني.

رياض پرڙو

12 مارچ 2014، لاڙڪاڻو

پاڳو پهريون

روايت اڄا جيئي پئي

ڪارل مارڪس مري ويو آهي. مارڪسمَت عملي طرح سڪرات جي سورن ۾ آهي، پر هن نظريي جو مَنڊ اڄا ب ايڏو ئي جيئاڪ آهي، جيڏو هو. عمل ۾ مارڪسمت پنهنجن سپنن جي ساڀيان ڏسڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي، پر نظريي ۾ ماڻهوءَ ذات جي سڀ کان وڌيڪ گنڀير تجربن منجهان هڪ ٿي رهندو.

هن جو نراڙ وڏي گنجي قبي جيان آهي ۽ مٿو مائيدار، ڏاڙهي، جيڪا ٽپيل جبلن تان وهندڙ لاوا (ڳاڙ) جيان، لهرون ناهيندي ۽ هيٺ مٽانهيون ڪندي ڳلن کان هيٺ لهي ٿي. ڪرڙيون اکيون ۽ انهن اکين ۾ شڪتيءَ وارو هيءُ هڪ مڪمل وس-رکندڙ منهن آهي جيڪو هن گهڙيءَ ب دنيا کي گهٽي ئي مصيبت ڏيڻ گهري ٿو.

ڪميونزم جو تجربو هر نموني ناڪام ثابت ٿيو آهي، تڏهن ب ماڻهو اڄا سوڏو اٽڪندڙ ڳٽپ ۾ کين مٽيا ڏيندڙ ـــ ڪارل مارڪس ـــ جي مزار آڏو اڇي بيهن ٿا جيڪا اتر لنڊن ۾ هاءِ گيٽ قبرستان جي وڏ وڪڙ (منجهائيندڙ) ٽڏڪڙي باغ ۾ آهي.

ڪي ماڻهو نبيرو (پرچاءُ) ڪرڻ ايندا آهن، ڪي تيرٿ واسي (زيارتي) هوندا آهن. گهٽا رڳو ان شوق ۾ ايندا آهن ته بت تراش لارينس برادشا جو ناهيل ان ماڻهوءَ جو ٻنگاري مجسمو ڏسن، جنهن دنيا کي بدلائڻ جو وچن ڪيو هو ـــ ۽ بدلايائين ب، جيتوٽيڪ بهتريءَ ۾ نه.

مجسمي جو منهن ڏنڊ ۽ جهڪور جي ڪري ڪاراڇجي ويو آهي. اهو جوان جماڻ ايش وڻن جي (ٽارين ۽ پتن جي) جهالرن منجهان جهاتيون پائيندي نظر اڇي ٿو. عشق پيچ جهڙا گلن پريا ٻوٽا سندس وڏي، پڪي مقبري (جنهن ۾ سندس زال جيني، سندس پٽن مان هڪ، هئري ۽ سندس خانداني "گهر-سنياليندڙ" هيلينا ڊيمٽ پڻ پوريل آهن) پنيان ننڍڙين قبرن کي لڪائي ڇڏين ٿا.

سماق پٽر مان نهيل سندس مقبري جي پٽريلي پاڙ وٽ ڇهه گلن جون ڪوندبيون ڪيس خراج عقيدت پيش پيون ڪن. جيڪي رواجي حساب سان ڪي قدر گهٽيون آهن. اها ڳالهه فريندس آف هاءِ گيٽ سيميٽري (هاءِ گيٽ قبرستان جا دوست) نالي رضاڪار تنظيم جي چيئرپرسن "جيئن پئٽمئن" چئي. رضاڪارن جي هيءَ تنظيم مري ويل نامور وڪٽورين سان پريل هن عجيب هنڌ جي سار لهندي آهي.

"سرڪاري وفدن ۽ رسمي پارٽين جي اڇ وڇ گهٽجي وئي آهي." جين چوي ٿي، "پر فرد جي صورت ۾ ايندڙ لنڊن ۾ رهندڙ ماڻهن جي عوامي دلچسپيءَ ۾ اسان کا ب ڪوٽ محسوس نه ڪئي آهي."

هوءَ مختلف ٻولين ۾ لکيل لکيتن ۽ وڏل صحيحن سان پريل هڪ وزيٽرس بوڪ (ملاقاتين، ايندڙن، زيارتين جو ڪتاب) مهيا ڪندي آهي. چيني لکيتون ۽ صحيحون گهٽيون آهن. اهي اڄا سوڏو سرڪاري پارٽين ۾ ايندا آهن.

ان ڪتاب تي هڪ صحيح يوسف دائود جي آهي جيڪو ڏکڻ آفريقي ڪيمونسٽ پارٽيءَ جو پايو وجهندڙ هو. هن جي وفاداري انتها درجي کي پهتل هئي. هو هاءِ گيٽ قبرستان ۾ پنهنجو هڪ زمين جو ٽڪرو ولارڻ (قبر ۾ پوڻ) لاءِ موٽي آيو. سندس قبر ان پيچري جي پاسي ۾ آهي جيڪو سمورن انقلابين جي تپڻي ۽ (ڪاوڙ ۾) ڳاڙهسري ديوتا جي سامهون آهي.

ويساهه رکندڙ وفادار ماڻهو اجا تائين ايندا رهن ٿا. سڃيءَ دنيا ۾ مارڪس جي خيالن کان جيڪو انڪار ٿيو آهي تہ ان جي کين پرواهه ئي ناهي. اهي ان بابت ڇا پيا سوچن؟ اهي سوويت يونين، مارڪسي اصولن تي بينل پهرين عظيم ڏيهه ۾ ٿيل ٽوٽ ڦوٽ بابت ڇا پيا سوچن؟ ۽ ممڪن آهي تہ اهو مارڪسي اصولن تي هلندڙ ڏيهَن لاءِ آخري بہ ثابت ٿئي.

"ان (ٽوٽ ڦوٽ) جو مون تي ڏاڍو اثر ٿيو،" هڪ جاگرافيءَ جي ماهر مارڪسي، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي پاتي، ڊيوڊ هاروي چيو. سياسي طور اها نجات ڏيارينڊڙ هئي، ان معنيٰ ۾ تہ ان استالني رويي جي ردي پاسن کي ختم ڪيو. ٻي پاسي اها ڏاڍي هڪ ناڪاري اثر وجهندڙ هئي ڇو تہ سوويت يونين گهڻين قومپرستين ۾ تڻي رهيو آهي، جيڪو ڪجهه ٿئي پيو اهو ڏاڍو ڏک ڏيندڙ آهي."

هن وڌيڪ چيو، "پر ذهانت جي حوالي سان ان (سوويت يونين جي سرحدن ۾ موجود هل بکيڙي) منهنجي نظرياتي سمجهه کي ڪو بہ ڏڪ نہ رسايو آهي. ان ذري جيترو جهوٻو بہ پيدا نہ ڪيو آهي."

هاروي کاٻي ڌر جِي سڃي دنيا ۾ اڳواڻي ڪندڙ هن فلاسافر (مارڪس) بابت ڪيترائي شرعي ڪتاب لکيا آهن. هو سينٽ پيٽرس ڪاليج ۾ جاگرافي (خاص ڪري شهري اوسر بابت) ۽ ان سان گڏ مارڪسمت، ٻئي آڪسفورڊ ۽ جاهنس هاپڪن يونيورسٽين ۾ سيڪاريندو پڙهائيندو آهي.

"دنيا ۾ ٽيندڙ واقعن جي ڦيري نہ تہ هن جي شاگردي ۾ ڪوٺ آندي آهي ۽ نہ ئي وري انهن جي اتساهه ۾." هو چوي ٿو.

اهي ماضيءَ واري ساڳي رويي، ان کي پنهنجائڻ جي سڪ سان يا (ان کي رد ڪرڻ جي) ويڑ سان نہ ايندا آهن. ان (مارڪسمت) هڪ عظيم دئت، هڪ پوت جو درجو وڃائي ڇڏيو آهي. ماڻهو ان کي سرمائيداريءَ جي هڪ سڻي تنقيدنگار جي حيثيت سان ڏسڻ ايندا آهن."

"هاڻي سوال هي آهي تہ،" هو چوي ٿو، "سرمائيداريءَ جو متبادل ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وجي. مارڪسمت هڪ انتهائي ڳوڙهو ۽ شاهوڪار سرشتو آهي ۽ اهو اسان کي سمجهائي سگهي ٿو تہ اڳيان آئيندي ۾ ڇا آهي."

چيٽر "مارننگ اسٽار" هڪ کاٻيءَ ڌر جي اخبار، جيڪا اڳوڻيءَ ڊيلي ورڪس جهڙي آهي، جو ايڊيٽر آهي. ان اخبار جون لندن ۾ ڏهاڙي 9-هزار ڪاپيون ڪپنديون آهن.

مارڪس، هو پڪ رکي ٿو تہ، هڪ وهم (Ideologue) نہ هو جنهن جا خيال موضوع هيٺ واقعن جي سوالن سان ختم ڪري سگهجن. "مارڪس هڪ سائنسدان هو." هن چيو. هن (مارڪس) سماج اندر جيڪو ڪجهه ٿيو پئي ان جي چنڊچاڻ (تپاس) ڪئي. هن سچايون گڏ ڪيون. هن انهن مان نتيجا ڪڍيا. "گڏيل نموني مارڪس جيڪو ڪجهه چيو اهو جيڪو ڪجهه ٿيو هو ان منجهان ڄاول هو." هن طبقاتي جدوجهد جي وجود کي سڃاتو، چيٽر چيو. "هن بيان ڪيو تہ ڪيئن سرمائيداري ڪم ڪري ٿي، سرمائي جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ۽ رڇجڻ."

چيٽر پروسو رکي ٿو تہ طبقاتي جدوجهد اڄ سوڌو برطانيا ۾ (بہ) هلي رهي آهي، جيتوڻيڪ ان جو ڇوهہ گهٽ آهي. اها پنهنجو پاڻ کي مختلف شين، جيئن (Poll- Tas) خلاف پورهيت طبقي جي رندڪ ۾ پاڻ کي ظاهر ڪري ٿي، هن چيو:

هُو بہ هاروي جيان پڪ ٿو رکي تہ سوويت يونين ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو سڀ جو سڀ مارڪس وادين وٽ خراب ڪونهي.

"سوويت يونين سان لاڳاپيل انڌي عقيدي پرستي موڪلائي وئي آهي ۽ انڌي عقيدي پرستي سائنس جي ويري آهي،" هن چيو، "اسين سمجهون ٿا تہ اتي جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو انهيءَ ڪري ٿيو جو سوشلسٽ آدرش بگاڙيو ويو هو."

سنڌيڪار پاران: "مارڪس دنيا کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ گهريو، ڪميونزم جو تجربو ناڪام ٿيو آهي، مارڪس دنيا کي بدلائڻ گهريو پئي پر انسان ذات جي بهتريءَ ۾ نہ، وغيرہ" جهڙن ليڪڪ جي خيالن سان مون کي ڪو بہ اتفاق راءِ ڪونهي، بلڪ ان جي ابتڙ خيال رکان ٿو. هو سرمائيدار دنيا سان واسطو رکي ٿو ۽ آءٌ مظلوم سنڌي قوم جي پورهيت گهراڻي سان ــ ظاهر آهي تہ ابتڙون ٿيندیون. ليڪڪ جي خيالن کان سواءِ هن مضمون ۾ هاروي ۽ چيٽر جا خيال بہ آهن تہ مارڪس جي آخري آرام گاهہ جو ڪجهہ تفصيل بہ، ۽ اهي ئي سنڌي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي نيت رکي، ترجمو ڪيو اٿم. ترجمي جو فرض پنهنجيءَ جاڳ آهر ايمانداريءَ سان نيايو اٿم. سڌ رکان ٿو تہ ڪاش اسان جو هر سنڌي ماڻهو ۽ خاص ڪري سياسي ڪارڪن نہ رڳو ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينجلس، ولاديمير لينن، مائوزي تنگ، هوچي منهہ، ڪم ال سنگ، فيڊل ڪاسترو ۽ اهڙن ٻين مسئلن تي سوچي، سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، اخلاقي ۽ ٻين سيني شعبن کي پرکي پر اهي ٻڌائي ۽ لکي بہ. اختلاف رکندڙن کي ضرور پڙهڻ گهرجي جو ڪنهن ڏاهي جي چوڻ موجب ڪيس جاهلن ئي ڏاهپ سيکاري. جهالت ڏاهپ جو اختلاف آهي. هن وقت ڏاهپ کي ڏک ملن ٿا ۽ ڏنگيو وڃي ٿو پر اهو وقت پري ناهي جڏهن ڏاهپ سک ڏسندي ۽ مانُ ماڻيندي، جنهن لاءِ لطيف سائين دعائون گهريون آهن. آخر ۾ ڪجهہ سوال، جيڪي هن مضمون جي روشنيءَ ۾ ايرن ٿا، پڙهندڙن آڏو رکڻ گهران ٿو، تہ ڇا واقعي:

- مارڪس دنيا کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ گهريو پئي؟
- ڪميونزم جو تجربو ناڪام ثابت ٿيو آهي (پئرس ڪميون جي ناڪاميءَ کان پوءِ بہ ائين چيو ۽ هُلايو ويو هو)؟
- مارڪس دنيا کي بدلائڻ گهريو پئي پر انسان ذات جي بهتريءَ ۾ نہ!؟

(چپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 30 مارچ 1992ع)

ليکڪ: مشتاق احمد

سوويت يونين کان پالهي ڌرتي

جڏهن روم ناس ٿيندو ته ڌرتي ۾ تباهه ٿي ويندي، رومين پنهنجيءَ سلطنت، جنهن دنيا کي پنهنجي سدائين ويکري ٿيندڙ پاکر ۾ پري پئي ورتو، جِي اجيتيءَ بابت ائين پئي محسوس ڪيو. روسين يا نيڪ نيڪ چئجي ته سوويتن اها اميد پئي رکي ته دنيا کي پنهنجي وڌندڙ پاکر ۾ پري وڃندا، اهو سوچڻ کان سواءِ ئي ته روس پنهنجي سر پاڻ ئي پنهنجي نظرياتي ويرين جي جلهه آڏو جُهکي (جُهري) پوندو. بهرحال، سوويت يونين وڏو ۽ سگهارو ٿيندو پئي ويو، ايڏو بلوانُ جو پنهنجي ڌرتيءَ تي ڪاهي آيل نازي بدمعاشن کي تڙي ڦٽو ڪري ۽ پنهنجو پاڻ کي بچائيندي، حقيقت ۾ دنيا کي بچائي وڃي.

واٽر لو مان پاڇ کان پوءِ ويلنگٽن جي سوپ نپولن بونا پارٽ کو نه مڃي هئي پر اهو چوندي ته پنهنجيءَ هار جو ڪارڻ هو پاڻ ئي هو، هن پنهنجي جنگي هنرمنديءَ سان گڏ پنهنجي جنرلن جي زِٽن (ڏُکن) جي ناڪاميءَ کي به باسي ڇڏيو هو. واشنگٽن-لنڊن-پئرس بان محور (مرڪز) ڪريملن ۾ بل-اڏاوت جي ڌاڻ کي ڪو نه وڌايو هو. پنهنجي اندر مان ايرندي، اهو هڪ نموني پنهنجو پاڻ کي رضاڪارانه طور ڌاهڻ هو ــ هڪ اهڙو يڪراءِ نهراءُ جيڪو سوشلسٽ جمهوريائن جي يونين جي عيوضي چونڊيندڙن مٿان ٻاهرين دٻاءَ بدران پنهنجي اندرين زور جي ڪري ڌار ڪندڙ راهن کي گڏ رکڻ جي نيت سبب وجود ۾ آيو هو ۽ اهڙيءَ طرح انهن کي چڪي چني ڌار ڪري هڪ پاڻ تي پاڙيندڙ ۽ پنهنجو اقتدار اعليٰ رکندڙ رياست ناهي ڇڏي.

سوشلزم جي قلعي، جنهن جون پٽيون ڌرتيءَ جي انتهائي گهراين ۾ پيهي ويل آهن، کي چڙوچڙ ڪرڻ جي ذميوار قوتن کي چگّيءَ طرح سجاڻڻ ۾ گهٽو ئي وقت لڳي ويندو. سوويت يونين کان ٻاهر وينلن مان کو به اهو ڪاٽو ڪري نه پئي سگهيو جيڪو ڪجهه اندر ٽي چڪو آهي. رڳو اندر وينلن کي ئي ٿيندڙ واقعن جي رازن جي پروڙ هئي. اهي راز جيڪي اولهه جا انتهائي منظم ۽ پيهي ويندڙ ڪوجي ادارا پنهنجن انتهائي پکڙيل اورڪن (جاسوس) تاندورن ۽ چنڊچاڻ ڪندڙ پڙ عالمانه ذهانت هوندي به پرکڻ ۽ پروڙڻ لائق نه هئا.

1917ع ۾ پنهنجي جنم ڏينهن کان وڃي سوويت يونين ڳُوڙهي اپياس ۽ وڌيل اورڪائپ جو موضوع ٽي رهيو آهي. ان واقعي (انقلاب) سرمائيدار دنيا کي سندس انتهائي پاڙن تائين ڏوڏي رکيو هو ۽ اهي (سرمائيدار رياستون) لاڳيتو ان ڊپ ۾ ورتل هيون ته اڳي پوءِ ان جي گهيري ۾ اچي ويندیون. بالشويڪ انقلاب مغربي سامراج لاءِ ان جي بينڪي راڄن ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرائتي ڏمڪي پيدا ڪري رکي هئي. اهي پوئتي پيل راڄ سندس اثر ۽ سگهه جي زورائتي ايراضي هئا جن جو بچاءُ اولهه (مغرب) جي جيئاپي لاءِ انتهائي اهم هو. انهن جي آزاديءَ ۾ اولهه کي پنهنجي تباهيءَ ۽ زوال جي شروعات نظر پئي آئي.

مغربي ۽ ٻين سامراجي قوتن پاران نازين خلاف جنگ ان لاءِ کو نه وڙهي وئي هئي ته دنيا کي جمهوريت لاءِ محفوظ رکيو وڃي، جنهن (جمهوريت) کان سلطنت جا لکين ڦريل ماڻهو ۽ ڏيهه پري

رکيا ويا هئا. اهو ڪنهن بہ ضروري ۽ ڦورو لاچار (جيڪو منجهس سمايل هو) کان سواءِ نہ هو، جو هن هيبتناڪ چڪتاڻ جي وچ ڏاڍو زور ڏئي ۽ فخر سان اعلان ڪيو هو تہ هو هِز مئجيسٽي جو ڪو پهريون وزير ڪو نہ هو جنهن برطانوي سلطنت جي ٽوٽ ڦوٽ جي صدارت ڪئي هجي. هن جي تقرير، جڏهن جنگ پوري ٿي، ان اعلان جي اعليٰ پڇاڻي هئي. هن جي سمجهہ موجب لوهي پردي جي هن پار کان سوويت يونين کي چتاءُ ڏيڻ گهرجي تہ پنهنجا هٿ (گهٽ ۾ گهٽ اهي پنهنجا ڳُجها رستا جيڪي هن سلطنت تائين پهتا ٿي) اولهہ جي سلطنتن کان پري رکي.

سوويت يونين جي اڳل نظرياتي اپيل ۽ تاريخي رندڪ فاشي چاڙهہ جي چڙهندڙ ويڑ کي پوئتي موٽائي نيڪ ان برلن تائين پهچايو جتان اها چڙهي (اڳلي) هئي ۽ سڄي يورپ کي ٻوڙي ڇڏيو هئائين. پنهنجي تباهہ ڪُن هار کان پوءِ چرچل ۽ سندس ڪنزرويٽو (قدامت پسند/پراڻيار) پڙهيا ڪڙهيا سکر ماڻهو پنهنجن چونڊيندڙن (ووٽرن) جي گهڻي ئي لعنت ملامت جو شڪار ٿيا هئا. روسين هن کي اهڙيءَ هڪ سراهہ جو مزو مهيا ڪيو هو جيڪو هن ڪڏهن بہ نہ چکيو هو.

هڪ مٿير ماڻهوءَ هڪ وڏي (شاندار) دَور کي اها راهہ ڏيکاري هئي. اهو ڪميونسٽ دَور هو جنهن جي نڪار (ايرڻ) کان هن (چرچل) ۽ (سندس) سلطنت اڏيندڙن کي ڏاڍو ڊپ هو.

سيني قوتن ۾، جنگ جي پڄاڻيءَ جنهن نئين دَور جو اعلان ڪري ڇڏيو هو، سوويت تصور بنا ڪنهن سوال (اعتراض) جي هڪ سپ کان وڌيڪ سگهارو هو، جنهن اپڪند ۾ برطانوي اندين سلطنت (جنهن جو اسين اڃڻ حصو هئاسون) سميت سيني سلطنتن جي موت (پڄاڻيءَ) ۾ تيزي آندي. انگريز ڪڏهن بہ انهن حدن تائين ايڏي تيزيءَ سان هٿ کڻڻ يا قبضو ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هجن ها جن کي اڄ ڪلهہ پاڪستان ۽ پارت سڏجي ٿو. هڪ ساندهہ وڏندڙ ۽ جهورينڊڙ پوءِ هو تہ علائقي ڇڏڻ ۾ جيتري دير اوتري ئي ڪميونسٽ سوچ وڏڻ جا موقعا.

انهن کي جيڪڏهن پڇڻو ئي هو، انهن سوچيو، وڌيڪ بهتر اهو هو تہ حڪومتون اهڙي اڳواڻيءَ (اڳواڻن) جي هٿن ۾ ڏنيون وجن جن کي اجا بہ عوام تي قبضو هو ۽ جن سان سڪارتا لاڳاپا رکي سگهجن پيا ۽ اهڙا ناهہ ۽ اتحاد ڪري سگهجن پيا تہ جيئن "سوشلسٽ بگهڙ" کي پاڻ کان پري رکي سگهجي. پوءِ وارن سالن ۾ بين الاقوامي سياست جي واڌ (تعليم) ان دليل جي اهميت کي گهٽو وڌايو آهي. چين ۾ گهرو ويڑهہ جي ڪرڙائيءَ پڪي طرح مجرايو تہ ڪميونسٽ روس سان اتحاد اولهہ ۾ سهنج سهولت پيدا ڪرڻ واري هنرمندي هئي ۽ اوپر ۾ چيني ڪميونسٽن خلاف يانگ ڪائي-شيڪ سان (ڏوهہ ۾) شراڪت هڪ اعتقاد (ڏوهي نهرائڻ) جو معاملو.

ڏرتيءَ جي سپ کان وڌيڪ آبادي واري ڏيهہ (چين) ۾ جيڪڏهن نظريي سوپ ماڻي ورتي، تہ پوءِ ان جا اثر تنهن گهڙيءَ بينڪي بانهپ ۾ بدل ڏيهَن ڏانهن بہ وڏڻ گهرجن (تنهنڪري) قرلٽ جي جهان مان هٿ وقتائتو ڪڍي وجڻ سياسي ڏاهپ ۽ معاشي (ڏَنيري) لاپ وارو عمل هو، وڌيڪ دير هڪ مهانگو ۽ اجايو (نسقل) جوکو کڻڻ هجي ها.

سوويت يونين جي موجودگي ان صورتحال ۾ جيتوڻيڪ فيصلي ڪُن عنصر نہ هو پر جنگ کان پوءِ واري دنيا، جنهن ۾ اڻ-پاڙڻ (انڊيپينڊنس) وارين تحريڪن سگهہ ماڻي ورتي هئي، تي پڪ سان وڏو واهرو-عنصر ثابت ٿي سگهي پئي. اسين تڪرار کي خيالي تاريخ ۾ سڪڻي عياشي چئي رد ڪري نہ ٿا سگهون تہ ڪميونزم جي بين الاقوامي افق تي چمڪندڙ اولڙي کان سواءِ بينڪي سلطنتن ۾ آزاديءَ جون هلچلون ايڏي تپرس ڏيندڙ تيزيءَ سان سوپ ماڻي سگهن ها. هڪ ڪميونسٽ روس،

ان کري ترقيءَ لاءِ اتساهيندڙ سگھ سان گڏ عالمي سياست ۾ مضبوطي (پائداري) ڏيندڙ عنصر پڻ هو.

هر هڪ سولائيءَ سان سوچي سگھي ٿو ته لينن گراڊ کان ولاديواسٽوڪ تائين سوويت يونين جون ڪشاديون سرحدون جوڙيندڙ پندرهن عوامي جمهوريائن تي اختيار هلائيندڙ سوويت ڪميسارن جي پيٽ ۾ ڇا دنيا جي حالت ساڳيءَ طرح هجي ها، جيئن سامراجي (روسي شهنشاهن) جي ڏينهن ۾ جيڪي پيٽرسبرگ کان وٺي اولهه ۾ بالٽوڪ سمند تائين پکڙيل سلطنت تي حڪمراني هلائي رهيا هئا؟ اها سلطنتن جي هڪ دنيا هجي ها جيڪي ٻيو ڪو چارو نه ڏسي امن پرين ۽ شڪي بقاء-باهمي (سهه-وجودي، ڪو-ايگزسٽينس) جي مونجهارن هيٺ رهنديون هجن ها. جيئن هن وقت تائين آهي تيئن سياسي ڳري-ڇڪ (گريويٽيشن) جو ڳڙهه هجي ها، پر ان وٽ اهو ڳري-ڇڪ جو زور نه هجي ها جيڪو وٽس هو. اسين ڪميونسٽ فلسفي کي مجون يا نه، پر ڪميونسٽ روس کان اهو اعزاز (اها پت/معتبري) کسي نه ٿا سگھون جيڪو جنگ کان پوءِ واري دنيا ۽ ان جو نئون نقشو جوڙڻ جي سلسلي ۾ مختلف خدمتون ڏئي هن ماڻيون آهي.

سوويت يونين کو زاراٽي ليسي آٽن (Czarist Leciaathan) جو ٻيو جنم نه هو جيڪو پنهنجي جوڙيندڙ (خالق) جو پنهنجي ئي پنجو ۾ ماري پوريل هجي ۽ جنهن کي ٻيهر جيئاري نه سگھجي. پراٽي جي ڪنڊرن تي نسريل جيڪو نئون روس نهيو ان وٽ هڪ نڪور خاڪو (تصور) هو جنهن سرحدن کان پراهن يا ويجهن ڏيهَن جي ڏٽڙيل طبقن کي سگھ ۽ اميد ڏني. سندس قرلٽ کان پاڪ معيشت ۾ اولهه ۽ ان جي ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا وارين (بينڪي) رياستن جي قرلٽ واري سرشتي ۾ ڪا به (انتهائي ڏورانهين پڻ) هڪ جهڙائي نه هئي.

غير روسي عوامي جمهوريائون، قوت جي جوڙجڪ ۾ انهن جو ڪيترو به حصو هجي، جيڪي ڪن ڏينهن ۾ روسي سلطنت (سامراج) جو حصو (ڳنڍ، چَتي) هيون، هاڻي جيڪڏهن واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ برابر پائيوار نه به هيون، ته به حصو ونڊڙ (شريڪ) ضرور هيون. اهي برطانيا، فرانس ۽ آمريڪا جي بينڪن جيان پوئتي پيل ۽ گهٽ اسريل پر پنهنجن وڏن مشيني ۽ بجليائي ڳٽاٽن (ڪامپليڪس، ڳٽاٽو) جن سندن ڏنيري (معاشي) حالتن کي سگھارو ۽ جٽادار پئي بنايو، صنعتي طرح وڌيل ۽ ترقي ڪيل هيون ـــ آزاديءَ جي نعمت سان مالا مال. اسان جيتوٽيڪ 1947ع ۾ ٻڙيءَ کان پنهنجو اقتصادي سفر شروع ڪيو پر مرڪزي ايشيائي جمهوريائون نيوڪليئر سگھ سميت هلڪي توڙي ڳري صنعت ۾ اسان کان گهڻو اڳتي آهن ۽ دنيا جو هڪ اهڙو سڌريل سماجڪ (سوشل) حصو جنهن عام ماڻهن لاءِ سنساري پَڙهپ (يونيورسل لٽريسي) صحت جون سهولتون ۽ روزگار جا وسيلا مهيا ڪري رکيا آهن. هڪ غير طبقاتي راج (سماج) ۾ (مخصوص) طبقن هٿان عوام جي قرلٽ جو ڪو به اهجاڻ ڪونهي ۽ نه ئي وري هڪ علائقي پاران ٻئي علائقي جي قرلٽ جو. جڏهن قرلٽ نه ٿا ڳولي سگھن تڏهن مغربي عالم روس تي ثقافتي سامراج جي تهمت هٽن ٿا. ان عوامي جمهوريا تي جيڪا هاڻي جمهوري سڌاري جي انتهائي مٽين سري طور ساراهي پئي وڃي، اهو وساريندي ته اولهه جون آزاد ڪيل بينڪون ٻوليءَ ۽ ٻين نمونن سان اڄا سوڌو سندن ثقافتي برتريءَ جي غلبي هيٺ آهن ۽ اها مٽائنئن مڙهيل سياسي ۽ معاشي سامراج جو اٽٽر انگوريل ٻج آهي.

سوويت يونين جي موت تي دنيا کي هڪ اٽٽڻ (ڳٽتي) ۽ جهوبي (صدمي، شاڪ) جي حالت ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي، جنهن مان نڪرڻ ۾ ڪين خاشو وقت لڳي ويندو. ان (سوويت يونين) جي ڳمشدگيءَ

سان گڏ عالمي سياست مان هڪ مقابلو ڪندڙ قوت پڻ، بي پهچ (نبل) قومن کي هڪ طرفي (يونيپورل) دنيا ۾ پاڻ کي بچائڻ جو جتن ڪرڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي، گم ٿي وئي آهي. جيتوڻيڪ گڏيل قومن جي چارٽ ۾ سپ لاءِ سلامتيءَ (تحفظ) جو نظام موجود هوندي به ڪڏهن حقيقت نه بڻيو آهي، ٻئي مٿير قوتون (سپر پاورس) هڪ ٻي تي نظرداري (چڪاس /رندڪ) جو ڪم ڪندي نندين رياستن کان پنهنجين پاليسين کي سهارو ڏيارڻ لاءِ ڪلها هڻي رهيون هيون. پڙ ۾ هاڻي رڳو هڪ مٿير قوت موجود هئڻ سبب ان جي ڳالهين (حڪمن) جي مجتا (تابعداري) لازمي ٿي پوندي يا جهيڙن جي حل لاءِ اميد جي جاءِ ورلد آرگنائيزيشن (دنيا جي تنظيم "قومن جي ايڪي واري تنظيم"؟) جيڪڏهن پوري طرح ختم نه به ٿئي ته به اها ڪمزرو ٿي پوندي. عراق جي تباهي وچ-ايشيا ۽ ٻين هنڌن جي رياستن لاءِ چٽي نشان طور اسان جي سامهون آهي. پنڌين پاسي ويهي ڏسڻ سان اهو چٽيءَ طرح ڪٽي سگهجي ٿو ته سوويت يونين اڳ ئي هڪ گهوٽالي جي چنبي ۾ هو جنهن يونائيٽيڊ استيٽس (گڏيل آميريڪي رياستن ــ يو ايس اي، گ-ا-ر) کي وچ-ايشيا ۾ ڇُوٽ (ڪليل آزادي) ڏئي ڇڏي ۽ پڻ اهو به ته يُو-اين (يونائيٽيڊ نيشنس، ايڪي ۾ آيل قومن جي تنظيم) کي پنهنجن چڑهتو ارادن لاءِ هڪ هٿيار طور ڪم آڻي سگهي.

(چيپل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 01 مارچ 1992ع)

لیکڪ: چارلس قئسٽ اداد

مهانگائي ــ يلتسن لاءِ مسئلو

يلتسن انتظاميا پاران نئين سال جي ابتدا ۾ شين جي مُلهه کي جائيتو رکڻ وارو قبضو هٽائڻ جي کري هڪ وڏوڙي لقاءِ پيدا ٿي ويو. اڳهن ۾ واڌ جي ٽين ڏينهن تي ئي سينٽ پيٽرسبرگ جي گهٽين ۾ رولو ڪتن ۽ بلين جي ڳٽپ تيزيءَ سان وڌي وئي. مهانگائيءَ سبب تنگي ۾ ورتل بلونگڙا-پالينڊڙ، جيڪي مهانگي جانوراٽي ڪاڏي جي خريداريءَ جو بار سهي نه پيا سگهن، گذريل سال جي اپريل ۾ ئي پنهنجا بلونگڙا تڏهن اڇلائي ڦٽو ڪرڻ شروع ڪيا، جڏهن پريميئر والينٽن پاولوف پاران بنيادي گهرجون پوريون ڪندڙ شين جي اڳهن ۾ 200، 300 سيڪڙو واڌ ڪئي ٿي وئي.

پنهنجن مالڪن پاران اپريل ۾ چڏي ڏنل بلونگڙا هن پيري به پاڳيريا نه ٿي سگهيا آهن، ڪيترائي گهٽين ۾ ٽڪي رهيا آهن. سندن مالڪن محسوس ڪري ورتو ته سڏيو ويندڙ پاولوفائي روگ ــ هڪ اهڙي صورتحال جنهن جي پيدا ڪرڻ لاءِ حڪومت مُلهن ۾ واڌ آڻي ٿي ته جيئن دڪان سامان سان ستجي وڃن پر اهي اڳ جيئن خالي رهن ٿا ــ پاڻ کي ورجائڻ وارو آهي.

نون اڳهن جي اعلان کان ٿي ڏينهن پوءِ خريداري ڪئي ۽ ڏنو ته گهٽيون جيتوڻيڪ رولو ڪتن ۽ بلين سان پريل هيون ۽ ڪيترن ئي قسمن جا پرڏيهه کان گهرايل بيئر (جون جو شراب) ۽ شيمپو (وارن جو گهوٽو) وڪامجي رهيا هئا پر کاڏو ڪو نه هو.

مون ڏنو ته دڪان بنيادي گهرج جي شين جيئن آنن، گوشت، سٽين، پروٽين (گوشتاٽا، گوشت ناهڻ جا بنيادي ڪيميائي مرڪب) قورمن ۽ صوفن کان وانجها هئا جڏهن ته ڪجهه وڌ جيئن پاڃين جو تيل، ملائي ۽ روٽي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ اڳهن تي وڪامجڻ لاءِ تيار رکيا هئا. مثال طور 2 جنوري 1992ع تي پاڃيون 24 روبل في ڪلو، ملائي 40-50 روبل في ڪلو ۽ نارنگيون 19-20 روبل في ڪلو وڪامي رهيون هيون.

65-سيڪڙو کان به وڌيڪ روسي ــ جن جي ماهوار پگهار 35 روبل ٿئي ٿي، پوري طرح جيئي به نه ٿا سگهن. گهٽن پينشنرن ۽ بيروزگار ماڻهن لاءِ نون اڳهن جو مطلب اهوئي هوندو جنهن کي روسي ماڻهو سڃو ڏينهن "روٽي ۽ کير تي ويهڻ" چوندا آهن.

بس ڊرائيور يوري ڪافتونوف، 37 ورهيه، چوي ٿو، "اسان (مان ۽ منهنجي زال) جي ڏهاڙي مزدوري اڳهن ۾ واڌ کان ٿورو اڳ ٻيٽي ڪئي وئي هئي. هاڻي اسين مهيني ۾ 12 سؤ روبل ڪمائيندا آهيون، پر نوان اڳهه مزدوريءَ ۾ واڌ جو احساس نه ٿا رکن. ڪڪڙ جي چوڳيءَ جيترو اهو کاڏو گهر جو پيٽ پري به سگهي، ته به مان پنهنجي ٻار جيترو ۽ پنهنجي زال کي ڪپڙا ڪٽان آڻي اوڊايان؟"

پينشر پاڻ ساڳي ئي سختيءَ سان سٽيل آهن. آئگر ڪرليو، 67 ورهيه، ماهوار پينشن 4 سؤ روبل، پُر اميد ذهن رکندڙ بهترين ماڻهو چوي ٿو، "مان ٿورَ خرچو ماڻهو آهيان. مون سمجهيو پئي ته پنهنجي پينشن تي گذارو ڪري سگهندس. محشر جي ڏينهن بابت ٽيندڙ اڳ ڪٽين کان مان بيزار آهيان. اسان

گذريل وقت ۾ رڳو اٽيءَ روٽيءَ تي گذارو نہ ڪيو آهي ۽ هاڻي بہ اسين، ڪنهن بہ حالت ۾ رڳو روٽيءَ تي گذارو نہ ڪري سگهنداسين."

انيسا اوانوونا، جيڪا اڳي وڪامجنڊڙ شين ۾ واهر ڪرائڻ جو ڪم ڪندي هئي، جمهوريت پسندن (ڊيموڪريٽس) سان سخت ڪاوڙيل آهي. اهي (ڊيموڪريٽس) سُجار ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهن. انهن سراڃارن ۽ سُراڃار سرشتي کي تباهہ ڪيو ۽ هاڻي انهن پنهنجو اهو تباهہ ڪندڙ ڏيان عوام ڏي ڦيرايو آهي. (هڪ فلسفيانہ نظريو جنهن موجب سمجيو وجي ٿو تہ ڪنهن بہ شيءِ کي حقيقي وجود ڪونهي، رڳو سُڃ ئي سُڃ آهي. ان فلسفي کي 'سُڃ مَت' (يا نهلزم) سڏجي ٿو ۽ اهو ميجينڊڙن کي 'سُجارُ' يعني سُجَمت واري فلسفي جو پوئلڳ سڏجي ٿو، جنهن ۾ هر شيءِ، ڳالهہ، عمل کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسو وجي ٿو ۽ ان بابت شڪ رکيو وجي ٿو. 'سُراڃمت' يعني سنو راڄ جوڙڻ بابت فلسفانہ نظريو، جنهن کي عام طرح ڪميونزم سڏيو وجي ٿو، جيڪو هن نظريي کي مڃي ان کي 'سراڃار' سڏجي ٿو.)

اوانوونا رڳو 50 ورهين جي آهي. هوءَ پڪ رکي ٿي تہ تاريخ "ڪوڙن جمهوريت پسندن جي هن ٽولي بابت سڀ کان وڌيڪ سخت فيصلو" ڏيندي.

جيڪڏهن اوانوونا جي ڪاوڙ کي عوامي سطح تي ظاهر ڪجي تہ سندس ڏهاڪين لکن ريسواسي متان ڏڳ ثابت ٿين.

(دنيا جي ڪيترن ئي ڏيهَن ۾ اخبارون، رسالا، ريڊيا ۽ ٽيوِيون هلائيندڙ ادارا ڪيترن ئي واسطيدار ماڻهن وٽ يا خطن وسيلي مختلف مسئلن تي عوام جي راءِ وٺندا آهن جنهن جي بنياد تي ڪيترائي نتيجا ڪڍندا آهن. انهن کي "راءِ چونڊون" سڏجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن حڪومت پاران بہ راءِ چونڊون ڪرايون ويندیون آهن.)

راءِ چونڊون ۾، جيڪي نيوسڪو ورميا چپي پڏرا ڪيا، جاڻ ملي ٿي تہ ماڻهو هڪ وڏيءَ ڳٽپ ۾ جمهوريت پسندن کان ڇڏندا پيا وڃن.

رڳو 4-سيڪڙو ماڻهن چيو آهي تہ اهي جمهوريت پسند حڪمرانيءَ مان مطمئن آهن. يلتسن ۽ بجليءَ جي جهٽڪي سان علاج ڪندڙ سندس ٽيم لاءِ وڌيڪ ڳڻتي پيدا ڪندڙ ڳالهہ شايد اها آهي تہ روسين مان رڳو 32-سيڪڙو ماڻهو اهڙا آهن جيڪي قيمتن ۾ ڇڙواڳي پسند ڪن ٿا.

لڳ ڀڳ 78-سيڪڙو ماڻهو اڳهن ۾ واڌ جي ڪري حياتي گذارڻ جي حالتن ۾ سوڙهہ پيدا ٿي پوڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا ۽ 50-سيڪڙو ماڻهو چون ٿا تہ انهن اڻ رچيل آگسٽ بغاوت جي حمايت پئي ڪئي.

ٻي راءِ ــ چونڊن ۾ ظاهر ٿيو تہ 35-65 ورهين تائين ڄمار وارا روسي پڪ رکن ٿا تہ گورباڇوف ۽ جمهوريت پسندن جي استالن، خروشيف ۽ برزنيف جي حڪمرانيءَ دوران حياتي گهٽي سني هئي. پوڙهن ماڻهن ۾ پراڻن سنهرن ڏينهن بابت پنهنجائپ وڌي وئي آهي، جيڪي ماڻ ميڙ ۽ استرتا (ٽڪاءَ، پائداريءَ) وارا هڻا ۽ (هر شيءِ ۾) نسبتن وڌيڪ ججهائي پئي رکيائون.

جيڪڏهن راءِ چونڊون ڪا اهم نشاني آهن، پارکو چون ٿا تہ، (پوءِ) جمهوريت پسندن جو آئيندو ڏاڍو خراب آهي. ان جو مطلب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ .... جي نئين ٽيم لاءِ حمايت وڌي ويندي جيڪڏهن اهي اڳهن ۾ تڪڙي بيهڪ (اواڙ) ۽ ڪاڏو مهيا ڪرڻ جو وعدو ڪن.

اليگزيندر رٽسڪي، يلتسن جي نائب صدر، اڳهن ۾ ڇڙواڳيءَ واري اگر گيدر ۽ هارورڊ جي معاشي ماهرن جي ٽيم جي جوڙيل حڪمت عمليءَ تي سخت ڇوهہ ڇنديا آهن. هو زور ڏئي چوي ٿو تہ

ان کي عمل ۾ اچڻ گهرجي. پر رياستي ملکيت جي نجکاريءَ، هڪ هٿي رکندڙ (معاشي) اڌاوت جي تباهيءَ ۽ ڪليڇٽي (ڪرپٽ) ۽ چٽيءَ جهڙي ڪامورا شاهيءَ جي ڇانٽي کان پوءِ.

بي حالت ۾، مافيا، جيڪا اڳ ئي هڪ هٿي واري وارڇُو، (ورچيندڙ) سرشتي سان ڳنڍيل آهي پنهنجو وجود برقرار رکندي ايندي ۽ ان سان گڏ هٿرادو کوٽون خلقيندي رهندي، ته جيئن عام ماڻهوءَ جي ڪمائيءَ تي سٽيا ٽڪر کائي سگهي.

جيتوڻيڪ جنرل ۽ افغان جنگ جو سورهيه ٿي رهيو آهي پر رسٽڪي پنهنجي ان ڪردار کي سختيءَ سان رد ڪري ٿو. وڌِي پڪي ٽيندڙ سوچ اها آهي ته هو ڪجهه سراڃارن سان گڏجي يلتسن کي ڌاهڻ جي سٽا ڪري رهيو آهي، رسٽڪيءَ يلتسن جي نوجوان وزيرن کي "مواڙ مڙسن جي سلوار ۾ ٻار" سڏيو آهي.

اگهن ۾ واڌ گهٽو اڳ رٽي وئي هئي، پر "پورهيتن جي ڪاوڙ" جي ڊپ گورباچوف کي ڪُٽل ۽ وڏي پيماني تي زيان ۾ گهيريل (سوڙهيل ڪيل) رياستي ملکيت تي کهاڙو وهائڻ کان جهلي رکيو هو.

معاشي اڳ ڪٽيون ٻڌائن ٽيون ته جيتوڻيڪ قيمتن ۾ وڌيڪ واڌ جو امکان ڪونهي پر پاولوفائي روڳ يلتسن جي انتظاميا تي ڪجهه وڌيڪ وقت لاءِ واسو ڪيو وينو هوندو.

سوويت سلطنت مان پاتي ڏيهَن (رياستن) جي ڌار ٿي وڃڻ اڳوٽين سوويت عوامي جمهوريائن جي وچ ۾ سڌن سنون ڳانڍاپن کي تباهه ڪري ۽ روسي معيشت کي منڊي بدڪ بنائي رکيو آهي.

ان سڀ ڪجهه باوجود، امکان اهي آهن ته گهٽائي روسي اگهن ۾ واڌ هوندي به مانا رهندا. گذريل ڊسمبر ۾ يلتسن جڏهن اگهن ۾ واڌ تي بحث پئي هلايو تڏهن ڪيترن ئي پنهنجا فريزر ۽ ٽرايا‌ج (ٽاڏلا ۽ چوندا) بن مهينن تائين گهرجون پوريون ڪري سگهندڙ محفوظ کاڌي سان ڏٽي رکيا هئا.

حڪومت لاءِ اوٽ اٽڻ تڏهن ممڪن آهي جڏهن اهي پنهنجا سنيالي رکيل کاڇ کائي چُڪندا ۽ مقامي اسٽورن (پاندن ۽ دڪانن) ۾ خالي ڪباٽن جو منهن ڏسندا.

(چيبل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 30 اپريل 1992ع)

پاڳو ٻيو

ليکڪ: حسن مجتبىٰ ۽ او.ٽي. صديقي

"مددگار" جٿو ـــــ سي آءِ اي

سي آءِ اي ــ ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (ڏوهه جاچ اَيجنسي ــ ڏ.ج.ا) پنجاهي ڏهاڪي جي ابتدائي ورهين ۾ انهن منجهل ڪيسن کي جاچ هيٺ آڻڻ جي نيت سان ناهي وئي، جن کي پوليس حل نه ڪري سگهي هجي. ان جو مهندار هڪ پوليس سپريڊنٽ کي مقرر ڪيو ويو ۽ سندس مدد لاءِ ٻيا اهي ماڻهو رکيا ويا جن کي پوليس نوڪري ڪندي ڏوهن جي جاچ ڪرڻ جو چڱو تجربو هو.

سي آءِ اي کي پوليس قاعدن جي دائري ۾ رهي ڪم ڪرڻو هو، ان کي ايترو اختيار به مليل نه هو ته ڪنهن ڏوهاريءَ کي ڪنهن قانوني عدالت ۾ چالان ئي ڪري سگهي. ان جو فرض رڳو ايترو هو ته ڏوهه جي جاچ ڪري ۽ هٿ ڪيل ڄاڻ ۽ سڀ شاهديون/ثبوت واسطيدار پوليس اداري جي حوالي ڪري. بهرحال، ان نظام بلڪل ٺيڪ، ڪارائتي ۽ رڦيل نموني ڪم نه ڪيو ۽ ترت ئي بي قاعدگين/لاقانونيت جون رپورٽون عام ورتاءُ بنجي ويون.

ڦات تڏهن ڦاٽو جڏهن سي آءِ اي پاران قيد ڪيل هڪ مقامي واپاري نور محمد سي آءِ اي جي تحويل ۾ هوندي ئي مري ويو. اها پنجاهي واري ڏهاڪي جي ئي ڳالهه آهي. سي آءِ اي جي تحويل ۾ اهو پهريون رڪارڊ ٿيل موت هو ۽ سمجهيو ويو ته نور محمد کي اذيتون ڏئي ماريو ويو هوندو. انهن ڏينهن ۾ سي آءِ اي جي ڊپٽي سپريڊنٽ پوليس (ڊي ايس پي) اقبال شاهه ۽ ٽن ٻين ڪارندن تي قتل جي الزام آيو. انهيءَ قتل تي ايڏو ته عوامي ردعمل/احتجاج ٿيو جو جڏهن به ملزمن کي سندن ڪيس جي ٻڌڻيءَ لاءِ ڪورٽ نِيو ويندو هو، تڏهن رستن تي گهمندڙ ماڻهو مٿن آنن ۽ سڙيل ٽماٽن جو وسڪارو لائي ڏيندا هئا. "انهيءَ کان پوءِ سي آءِ اي هڪ راکاس جي صورت اختيار ڪرڻ شروع ڪئي،" هڪ سينئر سِي آءِ اي آفيسر چوي ٿو.

ستر واري ڏهاڪي ۾ سي آءِ اي کي نئين ناهيل "شاهين فورس"، جيڪو سي آءِ اي جيڏو ئي بدمعاش هو، سان ڳنڍيو ويو، پر اها جوڙجڪ ترت ئي ختم ڪئي وئي. وقت گذرڻ سان گڏ سِي آءِ اي سينٽر بابت زوريءَ گهلڻ، بند ڪرڻ، اذيتون ڏيڻ، ڦُرڻ، اغوا ڪرڻ ۽ غير قانوني ڏنڊ وجهڻ جون رپورٽون هڪ عام وهنوار بڻجي ويون. هڪ پاسي ڪجهه اهڙا سينئر سي آءِ اي آفيسر به هئا جن کي چڱايون ڪيون پئي، انتهائي بدمعاش ڏوهاري ٽولن کي تباهه ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو ٻيڻا هئا، ته ٻي پاسي کي هئا جن انهن بدمعاشن کي هر قسم جون رعايتون پئي ڏنيون. ضروري ناهي ته رعايتون هر واري قانوني ئي هجن. اهڙن مان گهڻا آفيسر هاڻي ڪروڙ پتي آهن ۽ ظاهر آهي ته سندن قسمتون پگهارن جي پيڙهه تي اڏيل ناهن.

ڪڏهن ڪڏهن، بهرحال، قانون جي سگهه مٿان سَرنديءَ وارن جي سگهه برتر ثابت ٿيندي رهي. انسپيڪٽر نور احمد شيخ هڪ پيري رانا اشرف جي ڊفينس هائوسنگ اٿارٽيءَ واري جاءِ تي هڪ وڏي جوئا جي ٽڪريءَ کي ڳولي لڌو، جتي سيٺ عابد به موجود هو، ۽ رانا اشرف ۽ ان جي دوستن کي ڪروڙين روپين سان گڏ سڳ سوڌو پڪڑي ورتو. بهرحال، ملزم جي سرنديءَ کي جس هجي، ترت ئي اهو ڪيس ٻهارجي ويو ۽ انهن ڏينهن ۾ پوليس جي انسپيڪٽر جنرل (آءِ جِي) ڪراچي، بشير احمد صديقي کي اسلام آباد بدلي ڪيو ويو.

آگسٽ 1990ع ۾ بينظير حڪومت جي خاتمي کان پوءِ سنڌ جي وڏي وزير جام صادق علي جي ڏينهن ۾ بدمعاش سي آءِ اي، جيتري سدائين هئي، هن ڏيهه جي هڪ اهڙي تنظيم ٽي ايري جيڪا سپ کان وڌيڪ ڊيڄاريندڙ ۽ هيبائتي هئي. انهن ڏينهن ۾ اعليٰ عهديدار صدر غلام اسحاق خان جي نياڻي عرفان الله خان مروت کي وڏي وزير جو گهريلو معاملن وارو صلاحڪار مقرر ڪيو ويو.

آفيس والارڊ کان ترت پوءِ جام صادق علي ڪيترن ئي ايس ايس پي عملدارن کي گهرايو ۽ کين حڪم ڏنو ته اهي آصف علي زرداريءَ کي غلام حسين انڙ ڪيس سان گڏ ٻين ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث ڏيکاري گرفتار ڪن. توڙي جو جام صادق علي انهن پوليس آفيسرن کي حڪم جي پوئواري ڪرڻ سبب مبينہ طرح سخاوت پريا انعام ڏنا، پر رڳو هڪ ماڻهو هو جيڪو مامري کي سڃي نموني نباهي سگهيو، اهو هيو سِي آءِ اي جو ايس ايس پِي سليم اختر صديقي، جنهن بابت ٻڌو پيو وڃي ته ڪيس پ پ جي پير مظهرالحق ۽ ڪجهه ٻين پ پ اڳواڻن خلاف شخصي ويڑ هو. آصف علي زرداري ۽ سندس سنگتين ۽ نوڪرن کي قيد ڪرڻ جو معاملو هن پنهنجي هٿ ڪنيو.

صديقيءَ بابت چيو ٿو وڃي ته هن شخصي طرح ڪيترن ئي پ پ اڳواڻن ۽ سرگرم ڪارڪنن کي، جن ۾ اهي به شامل هئا جن تي آگسٽ 1990ع ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪئمپن تي فائرنگ ڪرڻ جي تهمت آندل هئي، اذيتون ڏيڻ جو حڪم ڏنو. عيوضي ۾، هڪ جونيئر آفيسر کي ٽڪڑي ۽ وڏي ترقي ڏئي حيدرآباد علائقي جو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل (ڊِي آءِ جِي) مقرر ڪيو ويو، جتي هن هڪ سؤ کان وڌيڪ ماڻهن کي فرضي مقابلا ڏيکاري اهو الزام هٽي قتل ڪري ڇڏيو ته اهي ڏاڙيل هئا. اهو به ڇيو وڃي ٿو ته صديقيءَ کي ڪيل خدمتن جي عيوض جام صادق علي هڪ ڪروڙ روپيا عنايت ڪيا ۽ سندس نالو قائداعظم ميدل لاءِ تجويز ڪيو.

توڙي جو سي آءِ اي پنهنجي نئين تازي سربراهه، ايس پِي ممتاز برنيءَ جي سربراهيءَ هيٺ هن وقت هينئين سطح تي رکيل آهي پر ان ايجنسيءَ جي ڪم جو طريقو، ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته گهٽ ئي تبديل ٿيو آهي. سميع الله مروت ۽ سندس ٽِگ ٽولي کي هٽائڻ به هن تنظيم کي ڪيترين ئي براين کان نجات نه ڏياري آهي. توڙي جو سرنديءَ وارا فرد هاڻي ڏار ڪيا ويا آهن، پر عام ماڻهو اڃا به سخت هراسپ جو شڪار آهن. سِي آءِ اي جا اهلڪار شهر اندر ٽيندڙ ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ساڻاري آهن. غير قانوني والار (اينڪروچمينٽ) ۽ ٽرئفڪ جي ڀڃڪڙين کان ويندي منشيات جي ڏي وٺ، ڇڪلا هلائڻ ۽ هٿيارن جي وڪري تائين سمورا ڏوهه ان جي مڪمل جاڙ ۾ آهن ۽ اڪثر ڪري سندس چشم پوشي سبب ٽين ٽا. اها چشم پوشي پَتي (رشوت) جي ڪري آهي جيڪو ڏهاڪين لک روپين ۾ هوندو آهي. روليڪس واچن ۽ ڳچين ۾ ڳرين سونين زنجيرن جي نمائش ڪندي، هٿ ۾ انسٽافون رکندڙ سِي آءِ اي جا انسپيڪٽر ايترا ئي امير ٿي سگهن ٿا جيترا ڪي امير ترين شهري صنعتڪار. اهي ناهوڪي/ريس ڪرڻ جوڳي حياتي گذارن ٿا، اهي شهر جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ تفريحون ڪن

ٿا، مهانگا بوسڪيءَ جا وڳا اوڍن ٿا ۽ ڪي ڊي ايس پِي ته پنهنجون شخصي پجيرو ۽ لئنڊ ڪروزر گاڏيون رکن ٿا. پنهنجي جاءِ تان تازو هٽايل هڪ اڳوڻو سِي آءِ اي انسپيڪٽر مجي ٿو ته "منهنجي پگهار ڪل 32 سؤ رپيا في مهينو هئي پر منهنجي (مٽڪي) ڪمائي چار ڪان پنج لک رپيا ماهوار هوندي هئي."

سي آءِ اي پنهنجي مخصوص اصطلاح سازي ڪري ڇڏي آهي. هفتيوار رشوت کي اهي "هفتو" سڏيندا آهن. سي آءِ اي جا ماڻهو رستي تي والار ڪري وينل ماڻهن کان هر هفتي 50 رپيا اڳاڙيندا آهن ۽ ڪل اوڳڙ سوين هزارن ۾ ٿيندي آهي. "اسين رڳو صدر جي ٽن گهٽين مان هر هفتي ٽي لک رپيا رڳو انهن کان وصول ڪندا آهيون جيڪي رستي تي والار ڪري وينل هوندا آهن. اهي جيڪڏهن پتو نہ ڏيندا ته انهن کي غير قانوني والار جي ڏوهہ ۾ چڪي ونندا آهيون." سِي آءِ اي جي اختياريءَ هيٺ سڄي ايراضي "سيڪٽرن" ۾ ورهايل آهي جن مان هر هڪ سيڪٽر تي انسپيڪٽر نظر رکندا آهن. هر هڪ انسپيڪٽر هيٺ هيڊڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل ۽ عوام مان خابرو (انفارمر) رکيل آهن، جيڪي ان لاءِ ڪم ڪندا آهن. اهي نہ رڳو انسپيڪٽر کي اها خبر ڏيندا رهندا ته سندس ايراضيءَ ۾ چا چا پيو ٿئي، پر سِي آءِ اي سينٽر ۾ واڙيل ماڻهن کي اڏيتون ڏيڻ ۾ حصو پڻ ونندا آهن. اهو ڄار، سِي آءِ اي جي اصطلاح ۾ "پارٽي" سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ڪو انسپيڪٽر پنهنجي ايراضيءَ جي دوري تي نڪرندو آهي تڏهن ايراضيءَ جي رهاڪن پاران سندس ترِي سڌِي ڪئي ويندي آهي. هڪ وهنوار جنهن کي "چاٽو" سڏيو وڃي ٿو. ايراضيءَ جي هِي درجي وارن هوٽلن مستقل طرح انسپيڪٽرن لاءِ ڪمرا خالي رکيل هوندا آهن جتي کين عورتون ۽ جام پيش ٿيندا. غير-سي آءِ اي ماڻهو اڪثر ڪري پاڻ کي "سِي آءِ اي وارا" سڏائيندا آهن، جيئن اڻ شَڪي مقامين کان پئسا ۽ حمايت ونڊي سگهن، توڙي جو سي آءِ اي جا سمورا ماڻهو ڊيوٽي تي هجڻ مهل وردي پائي رکڻ لاءِ پابند آهن پر اهي ورلي ڪنهن قاعدي کي مجيندا، جيئن ان قسم جي ڏوڪي لاءِ سولو بهانو ناهي سگهن.

ڪي ايراضيون سي آءِ اي عملدارن لاءِ ڏاڍيون لاڀائيون آهن. هوائي اڈو ۽ سامونڊي بندرگاهہ (سمگلنگ جا مکيہ اڈا)، سهراب ڳوٺ (جتان رات پيٽ ۾ ريتي بجريءَ جون ٽرڪون غير قانوني طرح پرجي نڪرنديون آهن)، ڪيچي ڳوٺ (سهراب ڳوٺ ۽ گڏاپ ويجهو، جتي منشيات لاهي ذخيرو ڪئي ويندي آهي)، "ڳاڙهي" بازار، نيپيئر روڊ ۽ شاهہ فيصل ڪالوني ۽ لسبيلي ۾ جوئا جون ٽڪريون ۽ منشيات جا اڈا، جن کي هلائيندڙ ڄاتل سڃاتل "دادا" سيف الرحمان، دلدار خان، حنيف گل خان ۽ اسلم ناٽا حقيقي طرح سونَ جون ڪاٽون آهن.

سِي آءِ اي آفيسر پنهنجو ڏنڊو جاري رکڻ لاءِ مختلف قسمن جون ڪيڏون ڪندا آهن. هڪ اندرين ماڻهوءَ جي چوڻ موجب (جنهن اهو بہ مڃيو ته سينٽر ۾ واڙيل قيدين تي تشدد ٿيندو آهي)، سِي آءِ اي جا آفيسر مختلف نشئي ماڻهن کي باقاعدگيءَ سان "دوائون" مهيا ڪندا رهندا آهن، ته جيئن سي آءِ اي پاران ڪورٽ ۾ آندل ڪيسن جي شاهد طور پيش ڪري سگهجن.

سي آءِ اي ۽ مختلف پوليس اسٽيشنن پاران هلائجندڙ رشوت جي مامرن بابت "انٽيليجنس" (هڪ جاسوس ڪاتو) جي رپورٽ ٻڌائي ٿي ته بلوچستان ۾ آر سِي ڊي هائوس جي ٻاهرين پوليس چوڪي "موچڪو" (هڪ ايراضي جتي هٿيارن، بارود ۽ منشيات جي سمگلنگ هڪ وڏندڙ ڏنڊو آهي) مان هر مهيني اٽن کان ڏهن لکن رپين تائين اپت ٿيندي آهي، ريتي بجريءَ ۽ حب ندي ۽ ڪيرٽر جبلن مٽان هٿيارن ۽ بارود جي سمگلنگ جي ڏنڊي مان گڏاپ پوليس اسٽيشن جي آمدني اٽن کان نوَ لک رپيا

في هفتو آهي. سپر هاءِ وي تي هٿيارن ۽ منشيات جي سمگلنگ سميت مختلف قسمن جي غيرقانوني سرگرمين ۽ ريتي بجريءَ جي ٽرڪن تان ايندڙ گلزار هجري پوليس اسٽيشن جو پتو ٻڌ کان ٽڻ لک رپين تائين ٽئي ٽو. هوائي اڈي تي اسمگلنگ جو اجورو ۽ مسافرن کان گڏ ڪيل پتو ويهڻ کان پنجويهن لک رپين تائين پهچي ٽو. جئڪسن ۽ ٽي پي ايڪس پوليس اسٽيشنون هر مهيني سمنڊ ڪناري غير قانوني سرگرمين، عام طرح اسمگلنگ مان ٻڌ کان چئن لکن تائين ڪمائيندیون آهن ۽ نيپيئر روڊ ۽ ڪالا ڪوٽ پوليس اسٽيشنون رندي بازيءَ (چڪلا هلائڻ) ۽ جوئا جي ٽڪرين تان وَيو وَيو ويهه ته ٻه ڏهن کان ٻارهن لک رپيا وصول ڪنديون آهن.

هٽ ڪيل مال مختلف حصن پتين ۾ ورهايو ويندو آهي. گڏ ڪيل مايا جو 50 سيڪڙو ڊي ايس پي صاحبن ۾، 20 سيڪڙو هيڈڪانسٽيبلن ۾ ۽ 10 سيڪڙو ڪانسٽيبلن ۾ ورهايو ويندو آهي. باقي ڏوڪڙ انسپيڪٽر ڪٽندا آهن جن کي نه رڳو "ڏنڏو" جاري رکائڻو هوندو آهي پر پنهنجن صاحبن جون گهرجون ٻه پوريون ڪرڻيون هونديون آهن.

صدر ڪراچيءَ ۾ مکيه سِي آءِ اي سينٽر لڳ ڀڳ 30 آفيسرن/جاچيندڙن جي سهڪار وسيلي ڪم ڪري ٽو. هر هڪ کي پنهنجي آفيس سان گڏ هڪ ڪونڙي آهي جتي شڪي ماڻهن جون "جاچون" ڪيون ويندیون آهن. اها ڪاروائي اڪثر ڪري سج لٽي کان پوءِ، جڏهن ٽورڙا ماڻهو موجود هوندا، شروع ڪئي ويندي آهي. پڪي ۾ ابتو لڙڪائي ٻڌڻ، پيرن ۽ ڏڏ تي رٻر جي لڻ سان ڪُٽڻ ۽ ٽرڊ ڊگري اذيتن جا ٻيا مختلف طريقا آزمايا ويندا آهن. "اذيت کان سواءِ آڏي پڇا ناممڪن آهي،" هڪ سينئر سِي آءِ اي جاڇُو زور ڏئي چوي ٽو، "توهين جيستائين عذاب نه ٽا ڏيو، هڪ شڪي ماڻهوءَ جي وات مان سچ نه ٽا اوڳرائي سگهو. اهو سڄيءَ دنيا ۾ ٽئي ڀيو." هو زور ڏئي ٻڌائي ٽو ته عمل بهرحال راين سان نهڪي نه ٽو. "اسين شڪي ماڻهن جي اهڙن عضون کي ڏکائيندا آهيون جيڪي ڏسڻ ۾ نه اچن، جيئن ڪو به مئجسٽريٽ سندس جسم تي اذيت جا نشان ڳولي نه سگهي، اذيت ڏيڻ به هڪ فن آهي."

(چيل: روزاني "برسات" ڪراچي، 11 اپريل 1994)

ليکڪ: فرح ناز زيدي

جنسي حراسپ

(ڪم ڪندڙ عورتن جو مونجهارو)

شيخوپوره هاءِ اسڪول جي هڪ هيڊماستر بابت چيو وڃي ٿو ته هن پنهنجي اسڪول جي ڪيترين ئي نوجوان چوڪرين جون عزتون لٽيون ۽ انهن مان ڪيترين جا اگهاڙا ۽ اڌ اگهاڙا فوٽو ڪڍي کين دهشتزده ڪري خاموش رهڻ تي مجبور ڪيو ۽ انهن مان ڪيترين ئي چوڪرين کي بليڪ ميل ڪري ان ڄالهه تي مجبور ڪيو، ته اهي ساڻس جنسي لاڳاپا رکن. جڏهن معاملو گهٽو وڌي ويو، ته انهن مان ڪجهه چوڪرين مجبورن راز فاش ڪيا ۽ شرم کان اسڪول وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو. جڏهن ته هيڊماستر وري ڪنهن اسڪينڈل جي زد ۾ اچڻ بنا ساڳي ئي اسڪول ۾ پنهنجن سمورين ڪٽپائن، ڪميٽپائن ۽ بيحيائين سان بالمر بٽيو وينو رهيو.

ان بعد اهو ڪيس انساني حقن جي هڪ تنظيم جي سرگرم اڳواڻ ۽ وڪيل عاصمه جهانگير جي ليگل ايڊ سينٽر (قانوني مدد واري مرڪز) تي آيو. ان ڪيس جي مطالعي کان پوءِ عاصمه جهانگير ان نتيجي تي پهتي ته مذڪوره هيڊماستر ڪيترين ئي معصوم نياڻين جي لڄالٽ جي ڪڍي حرڪت جو مرتڪب رهيو آهي، ان ڪري ان کي وڌيڪ دير ڏيڻ ڪنهن به طرح ٺيڪ نه آهي.

ٽي مهينا اڳ هڪ نوجوان خوبصورت آرٽسٽِ ٽيليويزن تي پروگرام حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو هن پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن جي عمارت جي ستين ماڙ تان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهيءَ موقعي تي هن جي زندگي بچائي وئي ۽ پوءِ جڏهن ان نوجوان ۽ خوبصورت فنڪاره جي خودڪشيءَ جو ڪارڻ سامهون آيو، ته پتو پيو ته پي ٽي ويءَ جي هڪ سينيئر پروڊيوسر سندس زبردستي لج لٽڻ پئي چاهي، جنهنڪري هن پنهنجي عزت ۽ عصمت بچائيندي پي ٽي وي عمارت جي ستين ماڙ تان ٽپو ڏنو هو.

ملڪي قومي ايئر لائين جي پر ڏيهه ويندڙ هڪ اڏام ۾ هڪ مرد مسافر، خاتون فضائي ميزبان کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ پنهنجي پينٽ کي لاهيندي خاتون فضائي ميزبان کي چيو، ته هن وٽ هڪ شيءِ آهي، جيڪا ڪيس ڏيکارڻ چاهي ٿو.

هڪ سينيئر سرڪاري آفيسر پنهنجي آفيس جي هڪ 21 سالن جي ڪنواري ملازم چوڪريءَ سان زوري زنا ڪئي. بعد ۾ اها چوڪري جڏهن "اميد" سان ٿي، ته ان جو ٻار ڪيرايو ويو.

ملڪ جي هڪ وڏي اڙدو اخبار جي هڪ خاتون صحافيءَ کي ان ڪري جبري طور استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو، چاڪاڻ ته پريس جي امير ماڻهوءَ، جيڪو اخبار جو مالڪ پڻ آهي، لڳاتار ان خاتون صحافيءَ کي چيو ته هوءَ هن سان جنسي لاڳاپا قائم رکي، نه ته هن جو جيئڻ جنجال بنايو ويندو.

گذريل حڪومت جي دَور ۾، سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پرائمري استادن جي جاين لاءِ درخواستون گهرايون ويون هيون، جنهن بعد وڏي وزير جي هڪ خصوصي صلاحڪارَ خاتون اميدوارن کي پاڻ وٽ پئي گهرايو ۽ انهن کي چيو ته، جيڪڏهن انهن کي نوڪري ڪپي ته اهي ساڻس هڪ نجي

انٽرويوءَ لاءِ سندس رهائشگاهه تي هلن. جڏهن ان غير روائتي واقعي تي خاتون اميدوارن احتجاج ڪيو تہ سندن جي وڏي وزير ان واقعي بابت تحقيقات جو حڪم ڏنو.

اهڙي قسم جا واقعا، اسڪولن، سرڪاري ۽ نجي ملازمتن جي آفيسن، فيڪٽرين ۽ شريف گهراڻن ۾ ٻنين ٻارن توڙي سِرن وارن بنن... انهن سمورن هنڌن تي روزانو ٿيندا رهن ٿا جتي عورتون ڪم ڪن ٿيون، جتي ساڻن ڏاڍايون ٿين ٿيون، عزتن تي حملا ٿيندا رهن ٿا ۽ سندن عزتن ۽ عصمتن کي تار تار ڪيو وڃي ٿو. ماڻهن جا انبوهه اڪثر معنيٰ خيز بيهودي مرڪ مرڪندي نظر ايندا، انهن جون چُيندڙ شهوتي نگاهون ڪپڑن پار گذرندي محسوس ٿيندیون آهن. "وَن سِي تان چڙهندي"، "حادثاتي طور" توهان کي اڌ درجن ڪپڑن پاتل جنسي بگهڙ، پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارياندا هلندا.

پنهنجي آفيس جي ڪم ڪرڻ واري جاءِ ۾ داخل ٿيڻ سان آفيس جي صفائي ڪندڙ جو آواز توهان جو آدرياءُ ڪندو. پاسي ۾ هڪ مخصوص انداز ۾ ڪو اندیا جو فلمي گانو جهونگاري رهيو هوندو ۽ ان جون چور نظرون، ڪپڑن اندر نسواني خدوخالن جو جائزو وٺي رهيون هونديون. جڏهن توهان آفيس جي پٽيوالي معرفت ان جو وات بند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندَو تہ اهو بہ اچڻ سان آڏو ويهي ڏند ٽيڙي ڪلندو ۽ ڪجهہ چوڻ جي صورت ۾ نہ ختم ٿيندڙ وراندي جي ڪنڊ ۾ وڃي بيهندو ۽ پوءِ ان جي هجڻ جو جڙ تہ ڪو فائدو ئي ڪونهي. نہ... توهان اهو نہ سوچيو تہ ڪو سمورو گند اتي اچي ختم ٿي ويو. 60 سالن جو باس، فائل ڏيندي هٿ وڌائيندو تہ ڇاٽي ٻجهي هو پنهنجو هٿُ هٿ سان ڇهائيندو. توهان اچرج ۾ چو ٿا پئو؟ "ڇا مان ڪو غلط ٿو چوان؟" پوءِ جيڪڏهن ان وقت توهان ان جي ان عمل تي خاموش رهو ۽ پنهنجو پاڻ "نروس" ٿي ويؤ تہ پوءِ هو چنبڙي پوندو ۽ توهان جي مٿي تي اوڍيل اڍائي والن جي رئي کي پکڙي لاهڻ جي ڪوشش ڪندو. جيڪي ڳالهيون مان ڪريان/لکان پئي، ممڪن آهي توهان سان اهڙو واقعو پيش نہ آيو هجي يا جنسي تشدد جو نشانو نہ بنايو ويو هجي.

"جنسي ڏاڍ آهي ڇا!" ان جي "آمريڪي ايمپلائيمنٽ اپرچونٽي ڪميشن" 1980ع ۾ بلڪل بنيادي تشريح ڪئي آهي. ان جو چوڻ آهي تہ، "شعوري طور جنسي عمل جو مرتڪب ٿيڻ"، "جنسي عمل لاءِ زبردستي هٿ وجهڻ"، "زباني يا عملي طور جنسي حرڪتون ڪرڻ" وغيرہ، اهي سڀ ڳالهيون جنسي جُلهہ جي تشريح ڪن ٿيون. جيان جي ليبر واري وزارت تازو ان جي تشريح هن ريت ڪئي آهي تہ جنسي جلهہ، هڪ اهڙي اڻ چيل ڳالهہ، جيڪا جنسي عمل ڪرڻ جي حوالي سان اشارن ڪنايَن سان چئي وڃي ۽ ڪم ڪار جي معاملي ۾ ڏکيائي پيدا ڪري." ۽ جڏهن ڏرتيءَ جي گولي تي ان فطري ڏاڍائي خلاف سڃاڪي پيدا ٿي تہ نتيجي طور ڪيترن ئي ملڪن جي عدالتن ان کي تسليم ڪندي قبول ڪيو.

تحقيق بعد سامهون آيل انگ اکر ظاهر ڪن ٿا تہ پاڪستان اندر ڪم ڪار لاءِ گهر کان ٻاهر قدم رکندڙ ڪيترين ئي عورتن کي جنسي ڏاڍ جو نشانو بنائي، سندن زندگيون زهر ڪيون ويون. هڪ خاتون ليکڪ ڪيترائن مئڪنن پنهنجي لکيل هڪ ڪتاب "عورت جي ابتر حالت" بابت مختصر طور لکي ٿي تہ "معاشري ۾ عورت جو ڪارج صرف جنسي محرڪ طور سمجهيو وڃي ٿو بلڪل ائين، جيئن مڇي پاڻيءَ ۾ ئي رهي سگهي ٿي... هر عورت، هر وقت جنسي ڏاڍ جي خوف ۾ مبتلا آهي."

پاڪستاني عورتن جو جنسي ڏاڍ بابت نُڪتي نظر ڇا آهي؟ ڪراچي ڪالیج جي هڪ پروفيسر نجمہ صديقيءَ جو ان باري ۾ چوڻ آهي تہ، بدقسمتيءَ سان هيءَ اها لاعلاج بيماري آهي، جنهن جي

شڪار صرف عورت ٿئي ٿي ۽ اها ئي ان کي محسوس ڪري سگھي ٿي ۽ ائين نہ آهي تہ اها صرف ڪم ڪار وارن هنڌن کان شروع ٿئي ٿي. ان جو عمل زندگيءَ ۾ گھٽو اڳ کان شروع ٿئي ٿو، جڏهن توهان جو ٻالڪپڻو هجي ۽ مرد ملازم اها ڪوشش ڪندا آهن تہ جڏهن توهان جي والده توهان جي پر پاسي ۾ نہ هجي، تہ هو توهان کي پاڪر ۾ ونيِ ڳلن تي چميون ڏين. جنسي ڏاڍ جي سرگم ۾ اهڙا تہ لگ ڪاندرايندڙ سر ٻہ سامهون آيا آهن، جن ۾ جسماني جنسي حرڪتن ۽ جذباتي بليڪ ميل وسيلي محرم عورتن کي ٻہ جنسي ڏاڍ جو شڪار ڪرڻ جهڙا ڳرا مثال سامهون آيا آهن، پر ان ڏاڍائيءَ خلاف عورتن کي احتجاج ڪرڻ جو حق ٻہ نہ ڏنو ويو آهي ۽ انهن کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح خاموش رهڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي.

هڪ فري لانسر ليکڪ زرميناح شاهد جو نڪتي نظر ظاهر ڪري ٿو تہ جنسي ڏاڍ کي سندن جنس جي حوالي سان زندگيءَ جو هڪ حصو سمجهي ٿي. ”ائين مون سان ڪڏهن نہ ٿيو آهي تہ اسان جي ٻہ ڪا پسند هجي يا اسان ان جي حاصلات لاءِ ويڙهاند ڪري سگھون. ان ڪري مون تہ اهو ئي سڪيو آهي تہ اسان سان اهي رويا ٻہ زندگيءَ جو هڪ حصو آهن، جنهنڪري اسان کي انهن کي قبول ڪرڻو پوندو. ان گھرن ۾ عجيب قسم جي لٽڪيل زندگي، ويندي پٽيان 'ڪسيل' مخصوس آواز، رويا، سوچون، ڇا اهي هاڻ اسان وٽ روايتي نہ ٿي ويا آهن. ان ڪري انهن ڳالهين کي هاڻي سنجيدگيءَ سان ونڻ ڇڏي ڏنو آهي. مان انهن سان منهن ڏئي نٿي سگھان.“

هڪ گھريلو عورت تبسم حسين ان بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ جنسي ڏاڍ بابت اسين ان ڏوهہ جون پاڻ ڏوهاري آهيون، ڇاڪان تہ اسان عورتن ڪڏهن ٻہ ان بابت آواز نہ اٺاريو آهي؟ هن چيو تہ، ”اسان ان کي جنس يا ائين ڪٽي سمجهو تہ زندگيءَ جو هڪ حصو سمجهيو آهي.“ هن چيو تہ اسان اهو ٿيون سمجهون تہ اهو مردن جو حق آهي تہ اسان سان اهو سلوڪ روا رکن ۽ اسان جي جسمن کي ننهن کان چوٽيءَ تائين رنيوٽيندا ۽ تسڪين حاصل ڪندا رهن. ڪجهہ عورتون تہ ان کي اعزاز، خوشامد ۽ ساراهہ سمجهن ٿيون، جڏهن مرد وٽن اچن ٿا ۽ تسڪين حاصل ڪن ٿا، پوءِ اسان مردن تي ڀلا اهو الزام ڇو ڏريون؟

هڪ اسلامي اسڪالر ساجده بانو، گذريل 11 سالن کان قرآن جو درس ڏئي رهي آهي. ان جو چوڻ آهي تہ، ”اهو صحيح آهي تہ مرد جي اها عادت رهي آهي تہ عورتن کي ڏاڍ جو نشانو ٻڌائي. مان تہ اهو ٿي سمجهان تہ ان خلاف عورت کي تحفظ ڏيڻ بابت ٻہ قانون هجڻ گھرجي، جن سان ڪين تحفظ ملي سگھي ۽ هو پنهنجي گھر کان بنا ڊپ ڊاڻ قدم ٻاهر ڪڍي سگھن، پر دراصل اهو سوچن جو نتيجو آهي، ڇاڪاڻ تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ان ڪري ئي تہ عورتن کي حڪم ڪيو آهي تہ پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور پردي ۾ رکو، سو ان جو مقصد اهو ئي آهي.“ اهڙو هڪَ انتهائي مذهبي، گھريلو خاتون مقصوده سلطان ۽ ان جي ماڻهن جن ڪڏهن ٻہ گھر کان ٻاهر ڪم ڪار سانگي ٻہ پير نہ ڏريو آهي، جو ان بابت خيال آهي تہ عورتن ۽ مردن جي حقن بابت الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن ۾ چٽيءَ ريت بيان ڪيو آهي، جنهن موجب تہ، مرد روزي حاصل ڪندو ۽ عورت گھر سنياليندي. انهن قدرتي قانونن جي پيڪڙي گمراهيءَ طرف ونيِ وڃي ٿي. ان جو وڏيڪ چوڻ آهي تہ، عورت جو اصل مقام ان جو گھر آهي. جيڪڏهن هوءَ پنهنجي لاءِ ان کان سواءِ ڪو رستو چونڊي ٿي، تہ ظاهر آهي تہ ڪيس مسئلن سان منهن ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن هن لاءِ حالتون اهڙيون آهن جو هن لاءِ گھر کان ٻاهر نڪرڻ اٽڪل آهي، تہ

پوءِ ظاهر آهي ماڻهن جون اکيون ته ڪيڊي نه ڇڏبيون. پوءِ جيڪڏهن ان سان مرد معاشري ۾ ڪي ڏاڍايون ٿين ٿيون، ته اها ڳالهه ڪا اڻ ٽيٽي نه آهي.

صباح واسطِي هڪ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندي آهي. تازو هن کي طلاق ملي آهي. هيءَ چوي ٿي ته "طلاق کان پوءِ مون لاءِ مسئلا پيدا ٿي ويا آهن. جڏهن منهنجي باس کي خبر پئي ته مان شادي شده آهيان ته هي (باس) مون کي پنهنجي ڏيءُ ڪري ڪوٺيندو هو، پر هن کي جڏهن منهنجي طلاق جي خبر پئي آهي ته هن جو رويو يڪدم بدلجي ويو آهي. هاڻ منهنجي باس جا فون بنا ڪنهن سبب جي گهر ايندا آهن. هاڻ باس منهنجو پليڪار هڪ معنيٰ خيز مرڪ سان ڪندو آهي، پر مون ايجا استعيفيٰ نه ڏني آهي، ڇو جو اها نوڪري منهنجي ضرورت آهي، بلڪ هينئر ان نوڪريءَ جي مون کي وڌيڪ ضرورت آهي ۽ هُو ته چگّيءَ طرح سمجهي ٿو." پر صباح جا مسئلا اتي ئي ختم نه ٿا ٿين. سندس ساٿي، جيڪي هن سان گڏ آفيس ۾ ڪم ڪن ٿا، هن جي ۽ باس جي لاڳن کي پنهنجيءَ تنقيد جو نشانو ٿا بنائين، هن مٿان ننوليون ٿا ڪن. اهو هن لاءِ وڌيڪ ايذاءُ رسائيندڙ آهي، ڇاڪاڻ جو هوءَ زنده رهڻ لاءِ ساڳيءَ جڳهه تي ڪم ڪندي رهندي ۽ هيءَ انهن ڳالهين کان ڪيترو به پاسو ڪري، پر بچي نٿي سگهي.

هڪ ڪنواري سيڪريٽري حنا جو چوڻ آهي ته اوهان پاڻ سان "مسز" جو اکر ڳنڍي پاڻ کي تحفظ ڏيو ٿا. مرد اسان جي باري ۾ جيڪو سوچين ٿا سو "مسز" چوڻ کان پوءِ بدلجيو وڃي، پر طلاق يافته عورت لاءِ ته وڏو مسئلو پيدا ٿيو وڃي. هيءَ حقيقت آهي ته اهو مسئلو اهم آهي. هڪ سوشالاجيءَ جو ماهر چوي ٿو، "معاشري جي ڪمزوريءَ جو پهلو هِي آهي ته عورت کي وڌيڪ مسئلي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو خاص ڪري ان عورت کي جنهن کي ڪا پٽ نه هجي. جهڙوڪ پيءُ يا مڙس جو ڏيڍ. اهڙي حال ۾ اسان پاڪستان جي ڳالهه ٿا ڪريون، ته پاڪستاني عورت کي، معاشري کي به منهن ڏيڻو پوي ٿو. هتي جي عورت هونئن به معاشري جي قدرن ۽ سوچ جي جَنڊ ۾ پيڙهجي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪا عورت گهر کان ٻاهر پير رکي، ته هن کي ته ٻيڻو سماج سان وڙهڻو ٿو پوي."

جنسي ڏاڍ جا واقعا اُتي وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ٿا وڻن جنهن معاشري ۾ سماج اوهان کي ان ڳالهه جي اجازت نه ڏي.

جاچ ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي آهي ته جنسي ڏاڍ جا واقعا اتي وڌيڪ ٿيندا آهن جتي عورت وڌيڪ دير لاءِ ڪم ڪار ڪري ٿي، جهڙوڪ نرس. هيءُ اهڙو پيشو آهي جنهن ۾ جنسي ڏاڍ جا واقعا رونما ٿي سگهن ٿا. ان عمل ۾ نرس سان گڏ ڪم ڪندڙ ماڻهو، مريضُ ۽ مريض سان لاڳاپيل ماڻهو اچي وڃن ٿا، ۽ جيڪڏهن کا پرائيويٽ نرس آهي ته هن لاءِ وڌيڪ مسئلو پيدا ٿيندو ڇاڪاڻ جو هن کي مريض جي گهر وڃي ان جي تيمارداري ڪرڻي ٿي پوي.

هڪ نرس پاڻ سان ٽيل ورتاءُ ٻڌائي ٿي ته ڪهڙي نموني رات جو هن جي مريض هن جو هٿ جهلي ورتو ۽ هن سان ڪِريل ڳالهيون ڪرڻ لڳو، ڇو جو هن جي گهر وارن کي ڪنهن رات جي مانيءَ جي دعوت ڏني هئي ۽ سڀ گهر وارا اوڏانهن ويل هئا. چئي سگهجي ٿو ته هيءَ خوش قسمت هئي جو هن ڪجهه وڃائڻ کان پهرين گهٽو ڪجهه ڪري پاڻ کي بچائي ورتو، پر جڏهن هن مريض جي مائٽن کي هن جي رويي جو ٻڌايو ته مريض مورڳو ڪاوڙجي پيو ۽ هن کي چور ۽ الائي ڇا ڇا چوڻ لڳو. اها نرس هاڻ ان واقعي کي تمام خراب اکرن سان ياد ڪري ٿي. هوءَ چوي ٿي، "خدا جو شڪر آهي جو ڪجهه خراب ڪم نه ٿيو. ان واقعي کان پوءِ مون گهرن ۾ ڊيوٽيون ڏيڻ ڇڏي ڏنيون.

جيتوڻيڪ نرسنگ کي ماڻهو مقدس پيشو سڏين ٿا، پر سندن سلوڪ نرسن جي پيشي کي غلط نالو ڏي ٿو. نرسون جهڙي نموني تيمارداري کن ٿيون، تہ ماڻهو انهن کي ڪِريل ٿا سمجهن ۽ اهي نرسن سان غلط سلوڪ ڪرڻ کي صحيح ٿا ڄاڻن. مريض بہ نرسن تي پنهنجو حق سمجهن ٿا، ويندي ڊاڪٽرن تائين سڀ نرس کي غلط نظرن سان ڏسن ٿا." تازو ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال ۽ ڪوئٽہ جي اسپتال ۾ بن نرسن جي لڇالڇ وارا واقعا ان ڳالهہ جو ثبوت پڻ آهن.

جنسي ڏاڍ جو دائرو صرف نرسن تائين محدود ڪونهي، بلڪ جونيئر فيميل ڊاڪٽر کي بہ ان مسئلي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پنهنجي ڊيوٽيءَ دوران جونيئر فيميل ڊاڪٽرياڻي کي پنهنجي سينئر جي رويي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

فضائي ميزبان جي ناتي، اسان وٽ ايئرهوسٽس جي باري ۾ گهڻائي خواب اسان جي ذهنن ۾ هوندا آهن، پر خود ايئرهوسٽس پاڻ چون ٿيون تہ ايئر هوسٽس جو پيشو هن ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ جنسي ڏاڍ جو شڪار ٿئي ٿو. "سچيءَ دل سان ٻڌايان تہ اهو مونجهارو آهي تہ اوهان مسئلن کي ڪيئن ٿا منهن ڏيو." هڪ سينيئر ايئر هوسٽس راشده صغير چيو، "اسان وٽ ٽن قسمن جون فضائي ميزبان آهن. هڪ اهڙيون جيڪي پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ مردن جي روين کي سختيءَ سان نظرانداز يا رد نہ ٿيون ڪري سگهن، ڇو جو ان سان انهن جي نوڪريءَ جو مسئلو هوندو آهي. ٻيون اهي، جيڪي هن پيشي ۾ صرف مزي يا مڙئي وقت پاس ڪرڻ لاءِ آيون آهن ۽ اهڙيون انهن ڳالهين کي وڌيڪ اهميت نہ ڏيندیون آهن، بس دل جي مرضي هوندي اٽن. ٽيون اهي، جيڪي ڊپلوميسي ڪرڻ ڄاڻن ٿيون. پائلٽ يا پنهنجي آفيسر پاران ڏنل رات جي مانيءَ جي آڇ کي سولائيءَ سان ٽاري يا ان کي مطمئن ڪري سگهنديون آهن. اهڙيءَ طرح اهي دوستيءَ جي نالي ۾ سينيئرن کان گهٽو ئي حمايت حاصل ڪري وڃن ٿيون ۽ موت ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿيون ڏين."

جيستائين ٽين وڌڪ واريون ميزبان (عورتون) آهن، انهن بابت ٿورو ڳالهائڻ ئي وڌيڪ بهتر آهي. انهن کي اوهين ٻين عملي جي ماڻهن سان، جتي بہ جهاز وڃي ٿو انهن سمورن اهم ماڳن تي ڊسڪوٿيقن ۾ چولولائيون/ناز نخرا ڪندي ڏسي سگهندؤ. اهي ڇوڪريون پنهنجيءَ نوڪريءَ لاءِ هر شيءِ جي قرباني ڏيڻ تي تيار هونديون آهن. ٿمينہ عالم هڪ اڳوڻي اسٽيواردیس (جهاز ۾ نظرداري ڪندڙ) چوي ٿي، "اسان جو سينئر پائلٽ زور پريندو هو تہ هن سان گڏ ڪاڪپٽ (جهاز جو اڳيون حصو جتي پائلٽ ويهي) ۾ ويهان" ۽ پوءِ جواني جا ٽوٽڪا/قصا بيان ڪرڻ لڳندو تہ ڪيئن هو ڇوڪرين کي ريجهائيندو/پيار ڪندو هو ۽ پوءِ، انهن سان جيڪو ڪجهہ ڪندو هو اهو ڏاڍي چٽي تفصيل سان بيان ڪندو هو. "هو بيمار هو. مون کي پنهنجيءَ شاديءَ، پنهنجيءَ زال ۽ ويندي پنهنجن ذاتي مسئلن بابت ٻڌائيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو مون شادي ٽيندي ئي نوڪري ڇڏي ڏني." عاصمہ جهانگير، وڪيل ۽ انساني حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ، چوي ٿي، "هر ٽن فضائي، ميزبان (عورتن) مان هڪ پنهنجو گهر هلائي ٿي ۽ گهراٽي جو سهارو آهي. اهي ڪم ڪرڻ لاءِ مالي طرح باندي آهن." ٿمينہ جي حالتن کيس اهو موقعو مهيا ڪيو تہ نوڪري ڇڏي سگهي. سوين ٻيون فضائي ميزبان آهن جيڪي اهڙو موقعو ملڻ جي نعمت نہ ٿيون ماڻي سگهن ۽ ان ڪري اٽڪل جنسي هراسپ/ستاءُ لوڙيندیون رهن ٿيون.

هوڏانهن، شوبزنس (نمائشي ڏنڊي جيئن فلم، ٽي وي ۽ اشتهاربازي ۾ ڪم ڪندڙ) ۽ ان سان واسطيدار ڏنڊن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون تهائين وڌيڪ جنسي ستاءَ جو شڪار ٽين ٿيون. انهن بابت

عام ويچار اهو آهي تہ اهي بي دماغ بمبو آهن جيڪي پنهنجن نگاهن/نهارن مان کاڌ خوراڪ/جياپو ماڻن ۽ ان ڪري ڏيان ڇڪائي رکڻ گهرن ٿيون ۽ پوءِ ان (ڏيان) جي فطرت جهڙي بہ هجي ايتريقدر جو اهي عورتون جيڪي بي چيڙي تي ۽ ان ڏوهہ جون مخالف آهن ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ شڪار ٿي وڃن ٿيون.

اها چگيءَ طرح جاتل حقيقت آهي تہ مهاجر قومي موومينٽ (ايم.ڪيو.ايم) جون ڪيتريون ئي ڪارڪن عورتون پنهنجن ليڊرن پاران جنسي استحصال هيٺ آيون. حقيقت ۾ ايم.ڪيو.ايم (حقيقي) دعويٰ ٿي ڪري تہ ايم.ڪيو.ايم (الطاف ٽولي) سان سندس اختلاف اهڙن ئي عملن جي ڪري شروع ٿيو هو.

ساڳيءَ طرح، هڪ ڪابي ڏر واري پارٽيءَ جي عورتن واري تنظيم جي ڪارڪن (عورتن) بابت اڳوٽي پارٽي اڳواڻ پاران چيو ٿو وڃي تہ هر هر جنسي هراسپ/ستاءَ جو شڪار ٿيندیون رهيون جنهنڪري ڪيتريون ئي عورتون اها پارٽي ڇڏي ويون.

پر مالياتي ڏاڪڻ جي سپ ڪان هيٺين ڏاڪي تي اهي بہ عورتون آهن جن کي انتهائي گهٽ درجو مليل آهي. ڪراچيءَ ۾، ڊفينس فيز-1 کان ايندي ڪورنگي روڊ تان گذرندي هر هڪ جو ڪورنگي انڊسٽيريل ايريا ۾ قطعي مختلف قسم جي دنيا سان واسطو پئجي وڃي. وڏين فئڪٽرين جي پٽين پنيان نظاري ۾ ايري ايندڙ نقطن جيان هزارين عورتون پنهنجين حالتن کان مجبور ٿي ڪم جي انهن هنڌن تي پنهنجي ڇمار جو وڏو حصو غلامانہ انداز ۾ گذاريو ڇڏين، پر اهڙيءَ طرح جيئن اهي پنهنجن گهرن ۾ ٻارن جو خيال رکنديون آهن. موٽ ۾ اجوري طور جيڪو ڪجهہ ڪيس ملندو آهي اهو سندن مردن پاران ڪمايل ناڻي جي اڌ جيترو هوندو توڻي جو انهن کان انتهائي ڪِريل ڪم ورتا ويندا آهن. پر سندن بدحاليءَ جو اهو سپ کان وڌيڪ خراب ڪم ناهي. انهن مان گهڻيون جنسي ستاءَ جي انتهائي ردي نمونن جو شڪار ٿيندیون آهن. پر انهن جي ڏاکڻن/اهنجن بابت ساڻن ڳالهايو تہ پهريائين اهي رُکي انداز ۾ مرڪنديون. "اسان کي ڪوبہ مسئلو ناهي." اهي چون ٿيون، "سپروائيزر صاحب هڪ پيءُ جيان آهي ۽ همڪار ساڻي اسان جا پائر آهن." اچتو هڪ چيڙيندڙ/پڙڪائيندڙ هندي گانو چولي ڪي پِيڇي ڪيا هي... هڪ پراڻيءَ ڊيڪ جي لائوڊ مان گجڻ لڳي ٿو. اهو ڪنهن هلايو؟ "هنن چوڪرين هلايو هوندو." اها عورت ڏوهي انداز ۾ قبول ڪري ٿي. ٻاجهاري انداز ۾ ٿورو پرچائڻ کان پوءِ 45 ورهن جي گوهر خاتون اوچتو ڦاٽ ڪائي ٿي. "باجي، مان هتي گذريل سورهن ورهن کان ڪم ڪندي اچان ۽ مون گهڻو ڪجهہ ٿيندي ڏٺو آهي. مرد وري بہ مرد ئي رهندو، اهي جنسي مريض آهن، اهو سندن نقص ناهي، اهي تہ ڇاوا ئي اهڙا آهن، نيڪ آهي، اهي اسان کي ستائن ڀا پر اسان انهن کي قابو ڪرڻ سکي ورتو آهي. هتي ڪيل پندرهن ورهن جي ڪم دوران مون کي ياد ٿو پوي تہ رڳو هڪ سپروائيزر ئي ڏاڍو سلجهيو ماڻهو هو. هن هڪ ماڻهوءَ کي مون سان بدتميزي ڪندي پڪڙيو ۽ ڪٽي ڪيس ٻاهر ڦٽو ڪيو، پر هاڻوڪو نگران هڪ نج پڄ ماڻهو آهي ۽ تون سمجهي سگهين ٿي تہ ڇا ٿيندو هوندو." 34 ورهن جي پاروتي چوي ٿي تہ عورت کي بهرحال پنهنجيءَ حالت ۾ حصيدار سمجهڻ گهرجي. "فئڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ هنن چوڪرين مان گهڻيون بدڪردار آهن. اهي مرد جون پيش قدميون/چڑهتون همتائن ٿيون ۽ اهي لباس پهرن ٿيون جهڪ عيد هجي يا ڏيارو، توڻي جو اهي ڪم ڪرڻ اچن ٿيون. انهن کي چگي هلت ڏارڻ ۽ هڪ مفاصلو رکڻ کپي." پاروتي چوي ٿي.

جهنگ شهر جي رهاڪو بشيران، 16 ورهين جِي هڪ نوجوان پورهيت، اسان کي هڪ ڪنڊائتي پاسي وٺي وڃي ٿي. جيئن ئي هوءَ شروع ڪري ٿي سندس اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا. "توهين مون کان منهنجيءَ حياتيءَ بابت پڇو ٿيون. منهنجي ته ڪا حياتي ئي ناهي. آئون رڳو ڪاوان ٿي، ڪم ڪيان ٿي ۽ سمهان ٿي... ۽ نيٺ به ته مون کي جاب جي گهرج آهي، ان ڪري لاچار هتي موجود مردن جي حمايت ونان ٿي. پر ان موضوع تي ڳالهائڻ جي ڪهڙي گهرج آهي! توهان ته مون کي واريءَ جي ان ڪن مان ڪڍي نٿيون سگهو جنهن ۾ آئون قاتل آهيان. آئون اهو سڀ ڪجهه هتي پنجاب ۾ رهندڙ پوڙهي ماءُ پيءُ لاءِ ڪيان ٿي. مون کي جيئرو رهڻ لاءِ جيڪو ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو، جيڪڏهن ڪين ان جي سمڪ پئجي وڃي اهي شرم کان ٻڏي مري ويندا. مان توهان کي اهو ضرور ٻڌائيندیس ته ڪالهه چا ٿيو..."

هن جو آواز هڪ مشين آپريٽر جي زور سان ڪنگهڪر جي ڪري بند ٿي وڃي ٿو جيڪو ان مهل اتان اچي مٽيو. انهن سڙهاٽن ۾ هڪ انوماني/معنيٰ پريو نياپو آهي. ان کان پوءِ دنيا جي ڪا طاقت ناهي جو بشيران کي هڪ وڌيڪ لفظ ڳالهائڻ تي آماده ڪري سگهي.

پڌرو آهي ته هراسپ/ستاءُ رڳو اڪيلو ناهي جيڪو عورتون لوڙين ٿيون. ڪين ماڻ ۾ رکڻ لاءِ ڏڙڪو هڪ بي هٿيار طور ڪم آندو وڃي ٿو.

سوسن برائون ملر جي زوري زنا بابت لکيت "اسان جي خواهش" خلاف، جنهن ۾ هوءَ زوريءَ زناڪار جي سگهه جي حيثيت جو چيد ڪري ٿي، جنسي هراسپ جي سلسلي ۾ سنو تجزيو مهيا ڪري ٿي. هوءَ لکي ٿي، "ڪن زوريءَ زناڪارن وٽ جسماني قوت کان وڌيڪ ڪجهه ٻيو هوندو آهي. اهي هڪ قسم جو نظام جوڙي رکن ٿا جيڪو سندن مفاد ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ قاتل شڪار کي ڪو وجهه نٿو ملي جو پنهنجا ڏڪ سور اوري سگهي... يا هڪ پاڙيندڙ ناتيداريءَ ۾ ڦاسائي رکن ٿا جيڪا کين هڪ مخصوص ذهني برتري جو درجو، هڪ مختيار ڪُل ڊانچو جوڙي ڏي ٿي جنهن ۾ شڪار جي مذاحمت گهٽجي وڃي ٿي."

حياتي انهن لکين عورتن لاءِ به بهتر ناهي جيڪي پنهنجي جياپي لاءِ گهريلو نوڪر طور شريف گهراٽن ۾ ڪم ڪن ٿيون. گهريلو نوڪرياٽين جون جنسي ستاءَ بابت اٽڪُٽ ڪهاڻيون آهن، جنهن ۾ اهي گهر-مالڪن، انهن جي چوڪرات پُٽن، جيڪي حياتيءَ جون سڌيون/اصلي حقيقتون ڄاڻڻ گهرن ٿا يا خود ٻين مرد نوڪرن هٿان زوريءَ زنا جو شڪار ٿين ٿيون ۽ ڪي ته ڳهراريون به ٿي پون ٿيون.

ثريا، جيڪا اتر ناظم آباد ۾ ڊي سلوا ٽائون ويجهو هڪ ڪچي آبادیءَ ۾ رهي ٿي ۽ گذريل ڏهن ورهن دوران هڪ ٻهاري ڏيندڙ عورت طور 25 کان وڌيڪ ڪم ڪري چڪي آهي، جي چوڻ موجب نوڪر-رکندڙ بدران پاڻ نوڪر وڏو مسئلو آهن. اسين نوڪرن کي سنيالي سگهون ٿيون، ته جيئن گهٽو جوکم نه رسائي سگهن پر پاڪر ۾ پرڻ يا پنيان ٽپڪيون ڏيڻ جهڙا عمل، يا ايتري قدر جو ڪڏهن ڪڏهن ته مختلف رسالن ۾ اعتراض جوڳا فوٽو ڏيکارڻ هڪ عام عمل آهي. جيڪڏهن اسين چئون ته مالڪياٽيءَ کي اهڙي شڪايت ڪنديونسين ته اهي اسان کي ڊيڄارينداً ۽ ڏڙڪا ڏيندا ته اهي هن کي وري اسان جي بدڪردار هجڻ بابت قصا گهڙي ٻڌائيندا ۽ اسان جون مالڪياٽيون پنهنجن مڙسن جي سلسلي ۾ ايڏيون ته غير محفوظ/بي اعتبار آهن جو اهي جيڪڏهن ان قسم جي ڪا ڳالهه ٻڌن ته اسان کان وڌيڪ انهن مرد نوڪرن تي پت ڪنديون. ان ڪري اسين انهن کي ڪجهه ٻڌائي نه

ٿيون سگھون ڇو ته اهي پنهنجي گھر ۾ هڪ چڱي-ڏيکارجندڙ (سھڻي منهن مهاندي واري) عورت رکي، پنهنجي شاديءَ خلاف جوکم کڻي نٿيون سگھن.

شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو گھريلو نوڪرياٽيون بدلائڻ جو رجحان ايڏو وڌيل آهي. "ماڻھو شڪايت ٿا ڪن ته اسين پنهنجي نوڪري ڪندي هڪ هنڌ ڇو ٽڪي نٿيون رهون. ڇا اسان کي پنهنجيءَ پسند جو حق آهي؟" 20-ورهن جي پرڪشش رشيدان پچي ٿي، جنهن کي هڪ سال ۾ چار نوڪريون بدلائڻيون پيون. "اسين ته پنهنجن مڙسن کي رڳو ايتري دانهن به ٻڌائي نه ٿيون سگھون ته اسان کي ڪو جنسي طرح هرسايو وڃي ٿو." بلقيس چوي ٿي، جيڪا ڊفينس ويجھو گھٽ آمدنيءَ وارن جي رهائشي ايراضي "اعظم بستي" ۾ رهي ٿي. "امڪان اهي آهن ته هو اهو سمجھندا ته اسان ان مصيبت کي پاڻ ئي سڏ ڏنو آهي."

حقيقت ۾، عورتن کي گھٽن ئي محاذن تي جنگ وڙهڻي پوي ٿي. پنهنجي ڪم واري هنڌ جنسي طرح اهي عورتون پنهنجي مڙسن (يا مائٽن) کي ان ڊيڄڙي مان ڪيڏ جي دانهن نه ٿيون ڏئي سگھن، ڇو ته اهي به خود کين ئي ڏيان ڇڪائڻ جو ذميوار سڏيندا. جنسي هراسپ هڪ اهڙي قسم جو ڏوھ آهي جنهن جو نقص، عام سمجھ موجب، اڳرائي ڪندڙ کان وڌيڪ ان جي شڪار ٿيل ۾ سمجھيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر عُنيزه نياز انور، هڪ ڪنسلٽنٽ سائڪياٽرسٽ چوي ٿي، "عورتون اهڙن روين جي ڪري پنهنجيءَ شڪايت ڏانهن خصوصي ڌيان/ردعمل جي اميد رکنديون آهن ۽ اهو، جڏهن ان حقيقت سان ملائجي ٿو ته جنسي ستاءُ اڪثر ڪري اڻ برابر قوت وارن ناتن ۾ جنم وٺندو آهي، هڪ اهڙي فضا پيدا ڪري ٿو جنهن ۾ گھٽا شڪار ڳالهائڻ بند رکن ٿا، بس اڪيلي سر سانديي رکن ٿا." ڊاڪٽر عنيزه وڌيڪ ٻڌائي ٿي ته عورتون پنهنجي بي عزتيون انهيءَ ڊپ کان ماڻ منيءَ ۾ لڪائي رکن ٿيون ته متان راڄ ياڳ ۽ گھريلو ماحول ۾ سنڌن قدر کي سخت هاجو رسي. ڊاڪٽر عنيزه جي چوڻ موجب جنسي بدنامي هڪ اهڙو هٿيار آهي جيڪو عورت کي پنهنجيءَ عزت جي سلسلي ۾ لاڳيتي ڊپ سان ناھ ڪرائي رکي ٿو، ڇو ته اهو سندس نوڪري يا گھريلو سھارو يا هن ساڙيلي دنيا ۾ سنڌن جياپو ئي ختم ڪري سگھي ٿو.

ڊاڪٽر عنيزه جي مريضن مان هڪ نوجوان ڇوڪري انهيءَ صورتحال جو جيئرو مثال آهي. جڏهن اها ڇوڪري هڪ مقامي اسپتال ۾ سائڪياٽرڪ مدد (من-روڳ جي علاج) لاءِ آندي وئي تڏهن هوءَ اڳواٽ ئي شديد نراسانيءَ/اداسيءَ (ڊپريشن، اندروني ڪُھٽ) جي مريض ٿي چڪي هئي جنهن ۾ پاڻ مارڻ جو لاڙو سمايل هو. هن جو اڪيلو نقص رڳو اهو هو ته هن کي بس اسٽاپ تي ڪنهن نوجوان سان ڳالهائيندي ڏٺو ويو. هن جي پاڙيسريءَ، جنهن کيس ڏٺو، اهو واقعو وڌائي چاڙهي بيان ڪيو. ڪھاڻي هن جي ماءُ پيءُ تائين پهتي ۽ انهن کي هن جي نقص جي ايتري ته پڪ ٿي وئي جو هنن سندس ڳالھ ٻڌڻ کان ئي نابري واري ڇڏي. هوءَ ته رڳو عام رواجي هراسپ جو شڪار ٿي هئي، ان جو سبب نه هئي. خود پنهنجن سپ کان وڌيڪ ويجھن لاڳيتن مھڻن، طعنن ۽ بدنامين جي ڪري هن جو من گھائجي پيو. ٻاهرين اثرن کي پري رکو، ڪيترين عورتون ته پنهنجي اندر جي اونهائين ۾ پيھي ويل ڊپ رکنديون آهن ته اهي پاڻ ئي پنهنجيءَ بدحاليءَ جون ڏوهاري آهن. "هي هڪ ڏاڍو، پراٽو مونجھارو آهي، هڪ روڳ. "جيئن ته اسان پارن ماڻھن جي ثقافت ماءُ ۽ زال هجڻ کان سواءِ عورت جي ٻي هر حق کي رد ڪري ٿي، ان ڪري هن تي فرد جي حيثيت ۾ مرڪوز ٿيل ڪوبہ ڌيان/عزت منجھس گھِري شڪ جو احساس جاڳائي ڇڏي ٿو." هڪ من-جاڙڪ (سائڪالاجسٽ) چوي ٿي. من-جاڙڪ

ٿمينہ متين چوي ٿي، "جن عورتن کي جنسي طرح ستايو ويو آهي اهي ڏوهہ، نراسائيءَ ۽ شرم جي احساسن هيٺ ونجي/گهٽجي وڃن ٿيون."

حالتن سان نهڪائڻ ۽ عورتاڻي من بابت ڳالهائي جيئن سوسن برائونملر پڌرو ڪري ٿي، "عورتن کي اهڙي سکيا ڏني ٿي وڃي جو اهي زوري زنا جو شڪار ٿي سگهن.... سنيهو صاف صاف آهي. زوري زنا کي اسان جي جنس سان ڪجهہ ڪجهہ ڪرٽو آهي. زوري زنا خواتين سان ٿيندڙ هڪ هيبتناڪ شيءِ آهي... ۽ جيستائين اسان پنهنجي قدم کي سنياليون، ان کان اڳ ئي اها اسان جي تقدير/قسمت بنجي وڃي ٿي."

ڪنهن مرد سان جنسي جلهہ بابت ڳالهائي ڏسو، پوءِ اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي تہ عورتون ڇو ان بابت ائين سمجهن ٿيون. ڪيترن ئي مردن سان انٽرويو ڪندي خبر پئي تہ اڪثر عورتون ان آپدا جي شڪايت ڪن ٿيون. "اهي پهريائين پيش قدمي جي دعوت ڏينديون ۽ ان کان پوءِ مرد تي تهمت آڻيندیون تہ غلط رويو رکي ٿو. هر آرگنائيزيشن ۾ اهڙيون عورتون اوس هوندیون جيڪي ٻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ هراسيون وڃن ٿيون. ڪڏهن سوچيو اٿوَ تہ ڇو؟ مان اهو نہ ٿو چوان تہ عورتون کو هراسيون نہ ٿيون وڃن، پر نہ ٿو قبوليان تہ اهي هر واري رڳو شڪار هوندیون آهن." ظفر زيدي، هڪ اڪائونٽنٽ، چوي ٿو، جيڪو مڃي ٿو تہ هن پنهنجي ڪيترين ئي همڪار ساٿي عورتن ڏانهن پيش قدمي ڪئي آهي پر هن جي نيت هراسڻ ناهي. "مان چوڪريءَ سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ کان اڳ ان جو نمونو/قِسم سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ۽ ان کان پوءِ ان پٽاندڙ ڪيس رسندو آهيان. فضيلت پريون چوڪريون عزت لهڻن ٿيون ۽ اهي مون جهڙن ماڻهن کان اها ماڻن ٿيون."

اهڙي قسم جي پارسا رهڻي ڪهڻي جيڪا سمورو بار عورت تي اڇلائي ڇڏي، پاڻ ۾ جنسي غلط ڪاري سان واسطيدار سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ڏند ڪٿا جو جوهر رکي ٿي تہ ڪابہ عورت پنهنجيءَ خواهش خلاف ناپاڪ نٽي ڪري سگهي. ڪئٽرين مئڪينن جي چوڻ موجب: "زوري زنا ڪيل عورتن کي اهڙين نظرن سان ڏنو وڃي ٿو جڏڪ انهن اهڙي گُهر ڪئي هجي... مردَ، جيڪي جنسي طرح ستائن ٿا، اٽلو وري اهو چون ٿا تہ عورتون کين ئي جنسي طرح هراسن ٿيون. انهن جو مطلب آهي تہ منجهن "جاڳ" اهي ئي عورتون پيدا ڪن ٿيون جيڪي وري کين ڏتاريو ڇڏن." فرائيڊين ڏوهجاڻڪ (ڪرمنالاجسٽ) چوي ٿي تہ جيڪي زوري زنا جهڙي مامري کان پاسو ڪندڙ هئا، انهن پاڻ جنسي طور جُلهہ ڪندڙن ۽ زنا ڪارن کي ڏوهہ جو خطادار سمجهڻ بدران شڪار سڏڻ شروع ڪيو. "جنسي حملي آور ۽ ان جا حملا" ۾ بينجامن ڪارپمن لکيو، "(زوري زناڪار) هڪ مرض جو شڪار ٿيل آهي جنهنڪري انهن مان گهٽا پنهنجي شڪار کان وڌيڪ پاڻ لوڙيندا آهن." ڇِتو آهي تہ هڪ صدي گذرڻ باوجود جنسي بدڪاريءَ ڏانهن مردن جو رويو ڪو خاص نہ سڌريو آهي.

ڊاڪٽر عنيزه محسوس ڪري ٿي تہ هيءَ هڪ جنگ آهي جنهن ۾ عورتن کي مجموعي طرح مرد جي پاسي کان رڳو معمولي/ٿورڙي مدد جي ئي اميد رکڻ گهرجي. هوءَ چوي ٿي تہ اهو ان ڪري ئي ٿئي ٿو جو مردن ۾ هڪ ٻي کي تحفظ ڏيڻ جو لاڙو موجود آهي. عورتن کي گهرجي تہ عورتن جو سهارو ٿين. هوءَ وڌيڪ چوي ٿي، تہ مرد عورتن مان ان ڪري غير واجبي فائدو ونن ٿا جو اهڙين حالتن ۾ اهي ورلي کو هڪ ٻي جي بچاءَ ۾ اڳتي اچن ٿيون. هر عورت کوشش ڪري ٿي تہ پنهنجن مفادن جو بچاءُ ڪري، بنا اهو محسوس ڪرڻ جي تہ پيٽپي ۾ سگهہ وڌيڪ آهي.

ڪراچي ۾ رهندڙ گهٽين عورتن لاءِ "بوهري بازار" وڃڻ وارين اوائلي يادن ۾ اها شامل هوندي ته کين ڇُهنبڙيون لڳنديون ۽ ٽيلها/ڏڪا ايندا ۽ ڪونہ ڪو "دوپتہ گليءَ" کان ونڊي "چاٽ ڪارنر" تائين سندن پويان پيو ايندو ۽ ساڳيو ماڻهو ٽي ٽي پيرا ٻہ ساڻن ڪلها گسائيندو. اها ڳالهہ لڳ ڀڳ سمورين مقامي بازارن، فن فيئرز يا اهي هنڌ جتي پيهہ ٿئي ٿي، بابت سچ آهي.

مسئلو انهن عورتن لاءِ وڌيڪ شديد آهي جن کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڊگهي پنڌ تي وڃڻو پوي ٿو. هڪ جائزو ٻڌائي ٿو تہ جنسي هراسپ جي ڪجهہ بدترين واقعن مان ڪي بس اسٽاپن تي ۽ بسن ۾ ٿين ٿا. سلمہ مختلف آفيسن ۾ گذريل ٽن ورهن کان هڪ رسيپشنسٽ (ڪنهن ڪم واري هنڌ آڏرياءُ ڪندڙ) واري ڊيوٽي پئي ڪئي آهي. هن کي ڊيوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ ايف 16 بس ۾ سفر ڪرڻو پوي ٿو. هوءَ چوي ٿي، "جڏهن توهين بس اسٽاپ تي انتظار ڪري رهيا آهيو، مرد نہ رڳو تبصرا ڪن ٿا پر اهي توهان کي ڏڪا ٻہ ڏيندا، ايتري قدر جو چنبو ٻہ هڻي ڪيندا، ۽ ڪوبہ واهر ڪرڻ وارو ناهي، پوليس ٻہ نہ. سمجهيو ٿو وڃي تہ بسن ۾ ڪي سيٽون عورتن لاءِ محفوظ رکيل هونديون آهن، پر مرد سدائين اهي والاري ويهندا آهن. سيٽ جي گُهر ڪرڻ معنيٰ نظارو خلقڻ، تنهنڪري آئون جيڪو ڪجهہ ڪري سگهندي آهيان، اهو هيءُ تہ ماڻ ڪري ڪنهن ڪنڌ ۾ بيهي رهان ۽ ڏاڙي الله کي ياد ڪندي رهان، تہ مون کي هراسپ کان بچائي."

جنسي هراسپ جو درجو ۽ شدت پنهنجين شهر واسي پينرن جي پيٽ ۾ ڳوٺ واسي عورتن کي شايد وڌيڪ ڏسڻو پوي ٿو. ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ عورتون، خاص طرح جيڪي گهٽ ذاتين سان واسطو رکن ٿيون، جيئن سِرن جي بڻن تي ڪم ڪندڙ، عادتن هراسيون ويندڙ هونديون آهن ۽ ايتري قدر جو کين زوري زنا ۽ اذيت/تشدد جو ٻہ شڪار ڪيو ويندو آهي. اهڙن ڪيسن جي سلسلي ۾ داخل ڪيل ايف آءِ آرون هيئن شروع ٿيندڙ: "مان پنهنجين ٻڪرين کي چارائي رهي هئس جو مون تي حملو ڪيو ويو...

عاصمہ جهانگير پڪ رکي ٽي تہ ڳوٺ واسي عورتن جي پيٽ ۾ شهر واسي عورتن کي مليل فائدا گهٽ آهن، جو تہ ڳوناڻين عورتن وٽ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ اهڙا طريقا موجود آهن جو اهي ڪنهن ٻہ اهڙي قسم جي بگاڙي کي منهن ڏئي سگهن. ڳوٺن ۾ هر هڪ ٻي ماڻهوءَ کي سڃاڻي ٿو تنهنڪري سڄي راڄ ۾ شرمندو ٿي پوڻ جو تصور موجود آهي، پر اهڙي ڳالهہ شهر ۾ وجود نہ ٿي رکي. گهٽيءَ ۾ ٽيندڙ ڏوهہ کي ماڻهو لاتعلقيءَ سان ڏسندا. شهرن ۾ عورتون وڌيڪ اڪيليون ۽ ڇڪل آهن. سول قانوندان فيض عيسيٰ ان نظريي جي تصديق ڪئي. "توهان جيڪڏهن ڪوئٹا يا بلوچستان جي ڪنهن ڳوٺ ۾ سينڊ وڃايو ٿا، اهو هڪ قبائلي جهيڙي کي چٽنگ ڏيارڻ هوندو، پر جيڪڏهن اهڙو ئي عمل صدر بازار ڪراچيءَ ۾ ڪبو، تہ ان عمل کي نندڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو.

هڪ عورت کي جنسي هراسپ جيڪو جذباتي ۽ ذهني ڏک رسائي ٿي، ان کي پاسيرو رکندي، اهو ٻہ هڪ عملي مسئلو آهي تہ اها ڪيئن سندس ڪم جي لياقت تي اثر وجهي ٿي. ملڪ جي هڪ گهڻ قومي اداري مان هڪ سيڪريٽري ٽي مهينا اڳ نوڪري ڇڏي هلي وئي، جو تہ سندس چوڻ موجب هن جي باس/بالاعملدار لاڳيتو ڪيس ستايو پئي ۽ سندس لاءِ ڪم ڪرڻ ناممڪن بنائي ڇڏيو. جيئن تہ هن جي ڪم جي اپت واري سطح گهڻجي وئي ان ڪري ڪيس پاڻهرتو شڪ ٿيو تہ شايد سندس لياقت ختم ٿي وئي آهي. سندس باس ۽ سندس اندروني مونجهارن جي لاڳيتي دباءَ جي وچ ۾ پيسجندي، هوءَ ڪم ڪرڻ لائق نہ رهي جنهنڪري اهو جاب ڪيس ڇڏڻو پيو جنهن سندس حياتيءَ ۾ هڪ اطمينان پيدا ڪيو.

هڪ مشهور من-جاڻڪ چوي ٿي، ته اهڙين حالتن ۾ ڪيتريون ئي عورتون پنهنجو جاب ڇڏي ڏين ٿيون، توڻي جو ائين ڪرڻ اهي برداشت ۽ نه ٿيون ڪري سگهن. "جيڪي ان باوجود نوڪري جاري رکيو اچن، اهي سڪ محسوس ڪرڻ بدران ڏاڍي بيچينيءَ ۽ مونجهه ۾ رهن ٿيون. انهن جي ڏيان گهرندڙ هنرن تي اثر پوي ٿو ۽ ان سان گڏ هن جي ٻاهرين زندگيءَ تي به اثر پوي ٿو. اهو متن من روڳي اثر پڻ وجهي سگهي ٿو." هوءَ چوي ٿي.

نيٺ جواب ڪهڙو آهي؟ جيئن جيئن وڌيڪ عورتون گهرن کان نڪري ڪم واري هنڌ اچن ٿيون ــ هڪ اهڙو عمل جيڪو ضرورتن ۽ عورتن جي جمار ٻنهي جي تقاضا آهي ــ جنسي هراسپ جو مامرو بحث هيٺ اچڻ لاءِ وڌيڪ اهميت وٺندو وڃي.

مسئلي جو حل موٽ کائي، هار مجي، گهرن جي تحفظ هيٺ لڪڻ ۾ ناهي ــ جيئن بنياد پرست پرچار ڪندا رهندا. هيءَ هڪ جنگ آهي جيڪا نه رڳو وڙهڻي، پر کٽڻي به آهي.

هڪ من-روڳ جاڻڪ چوي ٿو، "خبرداري ۽ سچيتائي ئي اها ڪُنجي آهي جيڪا هن تمام حقيقي مسئلي جو حل آهي. جنسي هراسپ کي هڪ ڏوهه طور مڃڻو پوندو. جيئن ته اهو تمام لازمي آهي ته عورتون پنهنجن تجربن بابت ڳالهائڻ شروع ڪن. مثال طور، اهڙو ڪو واقعو جيڪڏهن راهه هلندي ٿي پوي، ته ستايل شڪار کي گوڙ ڪرڻ گهرجي. عورت کي اتي موجود مرد جهڙو مثال قائم ڪرڻ ۽ رکڻ گهرجي. ان کان پوءِ کا حرڪت ڪرڻ کان اڳ مرد کي به ٿي پيرا سوچڻو پوندو."

من-روڳ جاڻڪ ٿمينه متين ٻڌائي ٿي ته ڪيئن سندس ڪار جي ڪڍ مردن جو (واهيات) ٽولو پئجي ويو ۽ ڪيس هراس ڪرڻ لڳو، جڏهن هوءَ اڃا شاگرد ياٽي هئي. ۽ هڪ گهريلو نوڪرياڻي ٻڌائي ٿي ته ڪيئن پنهنجي بچاءَ ۾ پنهنجو اڪيلو هٿيار ڪم آڻيندي هئي، جڏهن ڪو مرد ڪيشٽ ڪندو هو. اهو هٿيار هو هڪ پلاسٽڪ جي ٽيلهي؛ ٻوڙ سان پريل.

هڪ من-جاڻڪ چوي ٿي، "مان ٻن سطحن تي ڪم ڪندي هئس. پهريون، آئون اهي واهون جاچڻ شروع ڪندي هئس ته جيڪو ماڻهو هراس گهڙي ٿو، ان کي ڪيئن ان جو ذميوار ٻه قرار ڏياري سگهجي ۽ ان ڪوشش ۾ ڪيئن ٻي ماڻهوءَ جي سهڪار هٿ ڪجي، ۽ جذباتي سطح تي، آئون شڪار ٽيل عورتن سان ڳالهيون ڪري ڪين ان عمل تي آماده ڪندي هئس، اهو سندس نقص نه هو، ته جيڪو ڪجهه ٿيو، ان بابت پاڻ تي تهمت نه آڻين ۽ انهن کي پنهنجن احساسن کان ڌڃڻ نه گهرجي."

ڏڍ بنجندڙ ٽولا اهو اهم وسيلو آهن، ان ڪري ساڻيءَ حالت ۾ قاتل ٻين عورتن سان ويجها ناتا قائم ڪرڻ گهرجن. مسئلن کي سجاڻڻ، همدردي ڪرڻ ۽ هراسپ کي ختم ڪرڻ لاءِ حل ڏيڻ، شڪار ٽيل عورتن جي مدد ڪرڻ آهي ۽ ممڪن آهي ان نموني مسئلو حل ٿئي.

عاصمه جهانگير چوي ٿي، "جنسي هراسپ ملڪ ۾ عورتن جي عمومي/گڏيل قدرن جي موٽ آهي. ڪنهن به تبديليءَ پيدا ڪرڻ لاءِ روين ۾ تبديلي، عورتن جي تصورن ۾ تبديلي آڻڻي پوندي. قانون کي بدلائڻ پنهنجي سر ڪو موٽ-جواب ناهي. ان کي عورتن جي گڏيل واڌاري/سڌاري لاءِ به ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو. هڪ مضبوط عورت کي جنسي هراسپ جو موضوع نه ٿو بنائي سگهجي، چو ته مرد چگيءَ طرح جاڻي ٿو ته هوءَ هاڻي ان وسيلي ستائي نه سگهبي." ("نيوز لائين"، جنوري 1994ع جي ٿورن سان)

(چپيل: "عبرت ميگزين" حيدرآباد ۾، 1 ۽ 15 فيبروري 1994 ۾، بن قسطن ۾)

پاڳو ٽيون

ليکڪ: پروفيسر ڊاڪٽر صاحب خان چنو

سنڌ ۾ پنجاب کي گم ڪرڻ

(بالادست سامراج جو هڪ صديءَ تي پکڙيل داستان)

هيءُ مضمون پڙهڻ کان پوءِ

سمجهه ۾ اچي ٿو ته: بنگال کي بيدرديءَ سان ڦرڻ، مارڻ ۽ اڌ ڪُنو ۽ تباهه ٽيل حالت ۾ ڦٽي ڪرڻ جو اصل سبب ڪهڙو هو ــ "عظيم پنجاب" منصوبي جي ور چڙهي ويل مفت جو مال!

سوال ٿو اٿي ته: "عظيم پنجاب" جي هن منصوبي ۾ حصو ونڊڻ ۽ هٿ وڌائيندڙ سنڌي سياستدانن کي اٻوجهه سڏجي، احمق سڏجي يا پنجاب ۽ انگريز جو باشعور چاڙتو؟

سوچڻ گهرجي ته: ڪشمير لاءِ "ويڙهه" جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟

۽ جيڪڏهن ڪي... هي مضمون پڙهڻ کان پوءِ به عظيم پنجاب جي خدمت گذاري ڪندا رهن، ته انهن کي چا سڏجي؟

- سنڌيڪار

1843ع ۾ سنڌ کي جيتيو ۽ برطانوي انڊين سلطنت سان ڳنڍيو ويو. سنڌونديءَ تي قبضو ڪري علائقي ۾ روسي اثر خلاف هڪ بچاءُ بند قائم ڪرڻ ۽ موٽ ڏئي سگهڻ لاءِ سامراج جو برج (Bastion) ناهڻ ئي برطانوي پاليسي جي عمل جو ڪارڻ هو. ترت ئي، پنجاب، جيڪو افغانستان منجهان روسي دڙڪي دهمان خلاف ڏينهون ڏينهن بهتر پرزو پئي ڏٺو، نيٺ جيتيو ويو ۽ 1849ع ۾ انڊين سلطنت سان ڳنڍيو ويو.

پنجاب تي جيت افغانستان ڏانهن سولي متبادل راهه مهيا ڪرڻ سبب، سنڌ جي حيثيت (Nature) ۽ اهميت تمام گهٽي وڌائي ڇڏي. سنڌ پنجاب سميت سڄي انڊيا جي اتر-اولهه ڏانهن هڪ قدرتي رستو ٿي پئي. سنڌ هاڻي نه رڳو اتر-اولهه سرحد جي بچاءَ لاءِ پر انڊيا جي هن حصي ۾ سپاهين جي اچ وڃ ۽ پهچاءَ لاءِ پڻ وڏي اهميت واري ٿي پئي. ان ڪري ترت ئي سامراجي جنگي ماهرن محسوس ڪري ورتو ته سنڌ کي هڙپ ڪري وڏاييُ ۽ سگهاريلُ پنجابُ بمبئي پريزيڊنسي ۾ رکيل اميدن جي پيٽ ۾ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. نتيجي ۾، 20 فيبروري 1856ع ۾ ئي، لارڊ ڊلهوزي انڊيا جي گورنر جنرل (1848ع-1856ع)، اها صلاح ڏني ته پنجاب کي چيف ڪمشنرشپ (وڏي اختياري) مان ليفٽيننٽ گورنرشپ (نائب حاڪمي) تائين وڌايو وڃي ۽ سنڌ ان حڪومت هيٺ هجي. هن اعلان ڪيو ته "پنجاب ۽ سنڌ پنهنجي مائٽاڻي/نسبتي جاگرافيائي بيهڪ جي لحاظ کان قدرتي طرح انڊين سلطنت جي اولهندي پاسي سرحد صوبو ناهن ٿا." ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ، بهرحال، مالي سببن جي ڪري ان

منصوبي جو مزو ماڻڻ لاءِ تيار نہ هئي، پوءِ بہ، ان قبول ڪيو تہ ڪنهن ٻي مرحلي تي ان بابت سوچي سگهجي ٿو.

اها صلاح ان وقت وري ورجائي وئي جڏهن 1857ع جي اڻل ڪان پوءِ نئين سر انتظامي جوڙجڪ ڪئي وئي. 1857ع جي بغاوت نہ رڳو انڊيا کي قبضي هيٺ رکڻ لاءِ برطانوي ساموندي قوت جي اهميت تي زور ڊرامائي انداز ۾ وڌرائي ڇڏيو پر ڪراچي بندر ۽ پنجاب جي وچ ۾ ڳنڍيپون (Communications) سڌارڻ جي گهرج پڻ وڌائي ڇڏي. 1857ع وارا واقعا هلندي جڏهن بنگال بغاوت هيٺ هو، اتر-اولهہ صوبن (يو-پي = اتر پرديش) ۽ ڪلڪتي جي وچ ۾ سموري سڌي ڳنڍيڀ تباهہ ٿي وئي. "اٽٽر نموني ڪراچي وات ٿي پئي" ۽ سنڌ "اها نڙي جنهن منجهان ئي پنجاب جي فوجي قوت وڃائي ۽ رسد پهچائي سگهي پئي ۽ ڪلڪتي يا لنڊن ڳالهائي سگهجي پيو." نتيجي ۾ سنڌ کي پنجاب سان گڏائڻ جو خيال سامراجي مفادن کي ڏاڍو وڻڻ لڳو ۽ ان جِي انگلئنڊ ۽ انڊيا جي ڪجهہ اخبارن وسيلي ڏاڍي ڏام ڏوم سان وڪالت ٿيڻ لڳي. 1857ع جي بغاوت کي چيپاڻڻ ۾ پنجاب جون خدمتون نيٺ هن نموني انعاميون ويون جو اتر-اولهہ صوبن (يو-پي) جو ڳٽپ جوڳو پاڳو ان جي حوالي ڪيو ۽ ان کي ليفٽيننٽ گورنرشپ جي درجي تي پهچايو ويو. پنجاب سان سنڌ کي گڏائڻ جو سوال وري ڏيان هيٺ آندو ويو پر سنڌ ڳنڍيڀ وسيلن جي پوئتي پيل حالتن جي ڪري لارڊ ڪيننگ، انڊيا جي گورنر جنرل ۽ پهرين وائسراءِ (1856ع-1862ع)، پنهنجي رضا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ان ڪري 'جيئن هو تيئن' برقرار رکيو ويو. تڏهن بہ انڊيا ۾ بينڪي انتظاميا سان ويجهو واسطيدار ڪجهہ نمايان برطانوي آفيسرن پنجاب-سنڌ گڏڀ جي وڪالت جاري رکي. گڏڀ لاءِ ان لِيلاءَ جو مقصد نج سياسي ۽ لشڪري (Military) بنيادن تي بينل هو. ان جو اتم مقصد انڊيا جي پوءِ ٽهيل اتر-اولهہ سرحد جي پوري پکيڙ تي عمل ۾ ٻڌيءَ کي مضبوط رکڻ هو. بهرحال، ان کان پوءِ، بيڙا ارادا رکندڙ حلقن، خاص طرح پنجاب ۽ سنڌ جي يورپي واپاري برادريءَ پاران اهو معاملو پڻ کنيو ويو.

1879ع ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ريل-راهہ ٽهي چڪڻ سبب پنجاب جو ڏيهي پرڏيهي وڻج واپار وڏو زور وڻي ويو. انهيءَ ترقيءَ بيڙا ارادا رکندڙ مفادن جي سنڌ-پنجاب گڏائڻ واري رٿا کي ڇِٻي ڏني. انهن جي ٻولڙين، سول ۽ ملٽري گزيٽ لاهور ۽ ان جي ٻالڪيءَ سنڌ گزيٽ ڪراچي، ان رٿا جي پوئواريءَ ۾ هڪ سلسلو شروع ڪري ڏنو. اڳ جيڪو ڪجهہ رڳو لشڪري ۽ انتظامي سببن جي ڪري اهم ڄاڻايو پئي ويو، اهو هاڻي جاگرافيائي، نسلي، سياسي ۽ واپاري سببن جي ڪري اهم ڄاڻائجڻ لڳو.

پنجاب سان سنڌ کي گڏرائڻ جي سوال سنڌ جي آئيندي بابت هڪ غير يقيني ڪيفيت پيدا ڪئي. خطري کي پنهنجي مٿان محسوس ڪندي سنڌ سيا، 1882ع ۾ ٽهيل سنڌين جي سرواڻ غيرفرقيوار تنظيم، سنڌ جي مفادن لاءِ آواز اٺارڻ ۽ انهن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ اهڙيءَ حرڪت تي سخت اعتراض ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي. ان اهو اعلان ڪرڻ ضروري ڄاتو تہ سنڌ جا ماڻهو سنڌ کي پنجاب جو ماتحت بنائيندڙ اهڙي هر حرڪت جي سخت خلاف هئا. ان بمبئي حڪومت کي "پنجاب ڏانهن سنڌ جي تبديلي خلاف پنهنجن سببن ۽ دليلن جي هڪ خاص ياداشت ڏياري موڪلي." لارڊ ڪرزن جي ڏينهن ۾، جيڪو 1899ع ۾ انڊيا جو گورنر جنرل ۽ وائسراءِ ٿيو، سمورين اڳوٽين صلاحن کي پوريءَ طرح ڏيان

۾ آڻيندي نيٺ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ پنجاب کان سرحدي ضلعا ڌار ڪري سنڌوءَ مٿان نئون سرحدي صوبو ٺهرايو وڃي. نئين صوبي 9-نومبر 1901ع ۾ وجود ورتو.

اتر-اولهہ سرحدي صوبي جي ٺهڻ پنجاب کي سندس سرحدي ضلعن جي نقصان جي عيوضي جو سوال اٺاريو. سنڌ جي قسمت پنجاب سيڪريٽريٽ جي قبضي هيٺ ڏيڻ لاءِ موقعو ڏاڍو مناسب سمجهيو ويو. ڪرزن، بهرحال،ان خيال جو هو تہ چناب، جهلم، لوور باري دوآب ۽ سنڌ ساگر منصوبن جي ڪري پنجاب ۾ آيل شاندار واڌارن ۽ ان جي نتيجي ۾ پنجاب سيڪريٽريٽ جي وڏيل ڪم کي ذهن ۾ رکندي عيوضي جو سوال انتهائي اجايو هو، تنهنڪري اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڪوبہ عيوضو ضروري ڪونہ هو.

1912-1911ع ۾ پنجاب کي عيوضي ڏيڻ جو سوال تڏهن وري نسرڻ لڳو جڏهن ڊسمبر 1911ع جي دهلي دربار ۾ انڊيا جي گادي ڪلڪتي کان دهليءَ تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. لڳ ڀڳ سيني پنجاب جي مادري ۽ انگريزي اخبارن، جن ۾ سول ۽ ملٽري گزيٽ لاهور؛ ٽرائبيون لاهور؛ پنجابي لاهور ۽ پايونيئر الهہ آباد پڻ شامل هيون، ڏاڍي ڏوم ڏڙڪي سان ٻٽيڪو مچايو. معاملي کي 1914ع تائين تازو رکيو ويو، تان جو بين الاقوامي چڪتاڻ ان کي مانو ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. خاص لفظ ۾، پنجاب جا مطالبا اتي پهتا هئا تہ: 1- جيئن تہ بنگال جي ورهاست منسوخ ڪئي وئي آهي تنهنڪري پنجاب جي ورهاست بہ منسوخ ڪئي وڃي، جنهن موجب پنجاب کان وڌي ڌار ڪيل پنج ضلعا وري پنجاب سان ملايا وڃن، ۽ 2- پرڏيهي برتري واري سرحد دهلي (Enclave Delhi) جي علحدگي سبب پنجاب کي عيوضي طور سنڌ ڳنڍي ڏني وڃي.

1912ع، 1913ع ۽ 1914ع جي پهرين اڌ ورن سالن ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بمبئي پريزيڊنسي جي اخبارن ان سوال تي شد مد سان بحث ڪيو. ان بحث جو پڙاڏو ڪلڪتي ۽ لندن جي اخبارن ۾ پڻ ٻُڌجڻ لڳو. پنجاب ڏانهن سنڌ جي رٽيل تبديلي جي خلاف سنڌ جا احساس تمام سخت هئا. سنڌي ان جس "سخت مخالف" هئا ۽ "سنڌ جي سيني" مادري توڙي انگريزي اخبارن ان رٽ خلاف "سخت احتجاج" ڪيو. هِتي، پنجاب سان سنڌ جي گڏجڻ جي حمايت ۾ ڳالهائڻ (خيال رکڻ) وارو ڪو بہ ڪو نہ هو. "عملي طرح سنڌ جو سڄو ڊانچو"، مقامي يا غيرمقامي "ان رٽ خلاف ۽ ناناهي هو". بهرحال، 1914ع ۾ پهرين مهاڀاري جنگ ڇڙڻ ۽ انڊين قومي جدوجهد جي واڌ جي ڪري ۽ اخبارن، ماڻهن ۽ حڪومت جو ڌيان ڦري وڃڻ سبب پنجاب ۾ سنڌ کي ضم ڪرڻ جو معاملو پاسي تي پئجي ويو.

1917ع ۾ منٽاگ پڌراءَ جي ظاهر ٿيڻ انڊيا ۾ ٿيندڙ لڦائن جي صورت بابت چتو بحث شروع ڪري ڇڏيو. پنجاب پريس گڏپ جو پراڻو راڳ نئين سر آلاپڻ شروع ڪيو. اهو بحث، بهرحال، 1919ع جي انڊيا ايڪٽ واري حڪومتي ناهہ وسيلي بند ڪيو ويو.

سنڌي ماڻهن جي سخت مخالف ٻُڪتي نظر باوجود، پنجاب سان سنڌ ڳنڍيڻ جي رٽ، تڏهن بہ، نوان ڀهروپ ڪيل ۽ ويس پهريل حمايتي آڻي 1920ع دوران وري اياري وئي ۽ ان کي ايريل موضوع بنايو ويو.

سکر وٽ لئائڊ بئريج جي اڌاوت جي شروعات ان موضوع لاءِ وري هڪ تيز ڇِڻي هئي. ڏهاڪين لڪ ايڪڙ ٻي زمين بہ آبادیءَ هيٺ اچڻي هئي. ان سان گڏ هزارين هزار نيون نوڪريون ملڻيون هيون. پنجاب جي وڏندڙ آبادیءَ ۽ قبضي گير پنجابي زميندارن جون لالچي نظرون هن مهان منصوبي تي ڪتل هيون.

بي جي پي (گڙه) بمبئي حڪومت جو پنجاب جي ان چڑواڳ ارادي کي تابع ڪرڻ لاءِ سخت موقف هو، جنهن موجب پنجاب سنڌ جي ضرورتن ۽ انڊين حڪومت (جنهن وٽ بمبئي ۽ پنجاب جي وچ ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي پهچ/ورچ سان واسطيدار ڪنهن به تضاد کي نبيرڻ جو انتهائي اختيار هو) جي نهراءَ کي نه ليکيندي هو پنهنجي واهپي لاءِ سنڌوءَ ۽ ان جي پرتو شاخن جو جيئن ۽ جيترو وٽيس تيئن ۽ اوترو پاڻي ورائي ۽ ڪٽي سگهي. ان ايڪٽ سبب پنجاب ۾ ڪو به زرعي منصوبو بمبئي حڪومت جي مرضيءَ کان سواءِ پورو ڪرڻ جو حق نه هو چو ته سکر کان مٿين وهڪري تي ڪو به نئون منصوبو سکر بئريج جي ڪرت کي نقصان پهچائڻ وارو هو.

سدا آباد ڪراچي جي بندر کي پنهنجي ئي نموني جو دلبو (Lure) هو. پنجابين ريلوي تي پنهنجو قبضو برقرار رکڻ پئي گهريو.

هاڻي وري پراڻي رٽا کي اهو ٻهروپ ڏنو ويو ته مسلمان گهٽائي وارن علائقن سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ اتر-اولهه سرحد صوبي تي ٻڌل عظيم اتر-اولهه صوبو ٺاهيو وڃي. پنجاب جي مسلمان ليڈرن کي پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ اتر-اولهه سرحدي صوبي تي ٻڌل هڪ ٽوس بلاڪ جي گهرج هئي ته "جيئن عظيم پنجاب جوڙي سگهجي."

رٽيل عظيم پنجاب لاءِ مختلف وقتن تي ڏار ڏار نالن جي تجويز رکي وئي. مثال طور ڊسمبر 1858ع ۾ بمبئي استينڊرڊ بمبئي ان کي "پنجاب پريزيڊنسي" سڏيو، فيبروري 1912ع ۾ مسٽر ايم.ڊي.پي. ويب ان جو نالو "اِنڊَستان" (انڊس-ستان) رکيو ۽ آگسٽ 1930ع ۾ ڊيلي گزيٽ ڪراچي "سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي اتر-اولهه پريزيڊنسي" سڏيو.

1928ع ۾ اها رٽ نهرو ڪاميٽي جي آڏو رکي وئي. سڄي اتر ۽ اتر-اولهه تي پکڙيل "ايڈي وڏي صوبي جي تخليق" جي تجويز کي نهرو ڪاميٽي ساراهي نه سگهي. بهرحال، انڊيا جي مسلمان علائقن جي ٻڌيءَ جو ٻهروپ ــ عظيم اتر-اولهه انڊين مسلم صوبي ــ جي خيال جي پنجاب پريس پاران هر هر وکالت ڪئي پئي وئي. مثال طور، ڊسمبر 1928ع ۾ روزانه انقلاب لاهور "هندي مسلمانن لاءِ وطن جي گهرج" جي سري هيڊ ڪيترائي مضمون ڇپيا.

وري 1930ع جي وچ ڌاري لاهور جي اخبارن انقلاب، سياست ۽ مسلم آئوٽ لُڪ پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ اتر-اولهه سرحدي صوبي جي نمائندن تي ٻڌل اَپر انڊيا جي مسلمانن جي تنظيم ڪرڻ ۽ ڪانفرنس سڏائڻ جي صلاح ميدان تي آندي. ان صلاح پويان متحرڪ ذهن سر ڊاڪٽر محمد اقبال هو جنهن ان وقت ۽ هر هر اهڙي ڪانفرنس جي ضرورت تي زور پئي ڏنو.

ڪيترين ئي ڪوششن باوجود اهڙي ڪانفرنس ڪونه ٿي سگهي. بهرحال، رٽ هيڊ آيل ڪانفرنس جي صلاحڪار سر ڊاڪٽر محمد اقبال کي ڊسمبر 1930ع واري اله آباد ۾ سڏايل آل انڊيا مسلم ليگ جي گڏجاڻي جي پليٽفارم تان پنهنجو اهو خيال ظاهر ڪرڻ جو وجهه ملي ويو. 19-ڊسمبر تي پنهنجي تقرير ۾ سر ڊاڪٽر محمد اقبال "پنجاب، اتر-اولهه سرحدي صوبي، سنڌ ۽ بلوچستان کي هڪ رياست ۾ گڏائڻ جي چاهه پري خواهش ظاهر ڪئي." هن چيو، "پاڻ ۾ گڏيل اتر-اولهه انڊين مسلمانن جي رياست جي جوڙجڪ برطانوي سلطنت منجهه يا ان کان ٻاهر سيلف-گورنمينٽ منهنجي نظر ۾ مسلمانن، گهٽ ۾ گهٽ اتر-اولهه انڊيا جي مسلمانن جي آخري منزل هئڻ گهرجي." پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ اتر-اولهه صوبي تي ٻڌل گڏيل صوبي جو خيال چوڌري رحمت علي ۽ سندس دوستن

1933ع ۾ ڪئمبرج (برطانيا) مان هاڻي يا ڪڏهن به نه جي سِري هيٺ ڇپيل هڪ ليفليٽ (پني) وسيلي اڄا اساريو جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل صوبن سان گڏ ڪشمير به شامل ڪيل هو.

هن رٽا ۾ سامراجي مفادن کي خيال ۾ رکندي، پراڻي صلاح جي نون پوئلڳن انهيءَ رٽيل جوڙجڪ جي ان پاسي تي قائل ڪندڙ ۽ زور ڏيندڙ انداز ۾ خاص ڏيان ڏيڻ شروع ڪيو. اهڙي جوڙجڪ، انهن دليل ڏنو، اتر کان ايندڙ ڪميونسٽ خطري کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڏئي سگهندي: "اتر-اولهه انڊيا جي مسلمانن جي هيءَ مسلمان فيڊريشن، ڪنهن به پاسي کان ايندڙ خيالن توڙي هٿيارن جي مداخلت خلاف هڪ بفر رياست جو بنياد مهيا ڪندي." ساڳي قسم جو دليل اڳواڻ ئي سر ڊاڪٽر محمد اقبال وسيلي پيش ڪيو ويو هو، جنهن زور ڏئي چيو هو ته اهي (رياستون/صوبا؟) "انڊيا خلاف ڪنهن به قسم جي مداخلت، پوءِ اها خيالن جي هجي يا سنگينن جِي، جي خلاف بهتر بچاءُ ثابت ٿيندیون." هن پرڏيهي ڪاهه خلاف انڊين سلطنت جي بچاءَ جي سلسلي ۾ اتر-اولهه انڊين مسلمانن پاران اهڙي بچاءَ واري امڪان کي پوري ڏيان سان ڪٽڻ جي اپيل ڪئي. هن جي خيال موجب "انڊيا جي مسلمانن جو انتهائي جاندار ميڙ (Concentration)، جنهن جي لشڪري ۽ پوليس خدمتن... ملڪ ۾ برطانوي حڪمراني کي ممڪن بنايو، نيٺ انڊيا سان گڏوگڏ ايشيا جو مسئلو پڻ حل ڪندو."

برطانوي حڪومت کي سدائين پنجاب سان سنڌ جي گڏپ واري رٽ سان همدردي رهي هئي. رايل اسٽئچوٽري ڪميشن، جنهن کي عام طرح سائمن ڪميشن جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، کي اهو خيال سدائين ذهن ۾ رهيو. اها ساڳي حالت سنڌ جي انتظامي ڪميٽي ۽ پارليامينٽ جئائنٽ سليڪٽ ڪميٽي سان به رهي. پر ڪهڙو به بهروپ يا ويس هجي سنڌ جا ماڻهو پنجاب سان سنڌ جي گڏپ جا انتهائي مخالف رهيا.

حقيقت ۾ انهن جي مخالفت ايڏي جوشيلي هئي جو ان رٽ سان بي انتها همدرديءَ باوجود برطانيا حڪومت ان وقت هن رٽ کي عمل ۾ آڻڻ نامناسب سمجهيو. ان ڪري سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪري 1935ع جي ايڪٽ هيٺ نون آئيني سڌارن وسيلي خودمختيار (Autonomous) صوبو بنايو ويو.

ڌار گورنر جي صوبي طور سنڌ جو آئين، بهرحال، سامراج جي حرفت جي خاتمي جو نشان نه هو. نئين ايرندڙ سوويت يونين جهڙي زبردست سياسي-معاشي نظرئي سان هٿياربند قوت جي منهن مقابل برطانيا سامراج جي معروضي سياسي صورتحال انڊين سلطنت جي اتر-الهندي سرحد تي هڪ بفر علائقي جي تخليق کي حڪمت عملي (جنگي هنرمندي) جي لحاظ کان اهم بنائي ڇڏيو.

سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ ۽ آئيني طرح خودمختيار صوبي بنجڻ جي نتيجي ۾، مجموعي طرح مسلمان آبادي جي گهٽائي سبب سنڌ جي قسمت نيٺ "مسلم انڊيا" ۽ سوچيل ڌار "مسلم وطن" سان پوريءَ طرح ڳنڍجي وئي.

نئين مسلمان رياست، جيڪا 14-آگسٽ 1947ع تي دنيا جي نقشي مٿان ظاهر ٿي، فطري طرح انڊيا جي جنگي اهميت جو گهٽو ڪجهه پاڻ وٽ رکي پئي. انڊيا جي جنگي اهميت اڳ ئي پهرين مهاپارت جنگ ۾ ميسوپوٽيميا (عراق) وارين فوجي خدمتن ۽ بِي مهاپاري جنگ هلندي عراق ۽ پرشيا (ايران) ۾ اتحادين جي چرپر دوران ثابت ٿيل هئي. جيئن ته نار (گلف) سئون سڌو ڪراچي وٽ ڪُلي ٿو ۽ ان جي پوزيشن دنيا جي وڏ ۾ وڏ تيل پهچائيندڙ ــ وچ اوير (مڊل ايسٽ) ــ ڏانهن ايندڙ سوويت يونين جي

چرپر کي ڏڪ رسائي سگھڻ جھڙي آھي، تنھنڪري ايراني نار(پرشين گلف) يا وچ-اوپر جي بچاءُ بند طور انديا (نئين مسلم رياست کان) وڌيڪ اھم نہ رھي.

قبضي گير (وسعت) لاءِ تيل جي گھرج جيئن تہ پڌري ھئي، دنيا سوڙھي پئي ٿي ۽ پاڇا "اتر" کان ڊگھا پيا ٿين ("North" Shadows lengthen from) ان کي ترت ئي پراڻي بينڪي نظام جي تباھيءَ کان پوءِ نئين وڏي طاقت جي حيثيت ۾ ايري آيل گڏيل اميريڪي رياستن (گ-ا-ر) محسوس ڪري ورتو تہ علائقي جي پائداري انھن رياستن سان ٻڌي يا قبوليت نامو ڪرڻ ۾ آھي جيڪي تيل ــ ايراني نار ــ جي اھم پاڻيائي رستي چوڌاري موجود آھن. ان قبوليت نامي نيٺ بغداد ناھنامي جو روپ ورتو (جيڪو پوءِ فيبروري 1955ع ۾، سينٽرل ٽريٽي آرگنائيزيشن، سينٽو ۾ بدلايو ويو).

ان ئي سال جي آڪٽوبر ۾ اھو ٽيو تہ پنجاب سان ملائڻ جي رٽ، نيٺ، اڳواڻن ملڪ جي اوپر ۽ اولھ پاسن جي وچ ۾، جن ھاڻي ترتيبوار، بنگلاديش ۽ پاڪستان سڏجي ٿو، "ھڪ ڪَري برابري" (پئرٽي) ھٿ ڪرڻ جي بھاني "ون-يونٽ" جي نالي عمل ۾ آڻڻ جوڳي ڏٺي وئي، جيڪا ئي ھڪ صديءَ کان سامراج جي منشا رھندي پئي آئي.

ليکڪ: آءِ اي رحمان

سنڌ ۾ چور ـ ڪڏاءِ خطرا

چار ڪتابان عرشون لٽيان،
پنجوان لٽيا ڊگها ڊنڍا،
چار ڪتابان ڪجهه نا ڪِيتا،
سڀ ڪجهه ڪيتا ڊگها ڊنڍا.

سرائيڪي/سنڌي لوڪ چوٽي جيڪا ظالم حاڪمن سان گڏ سندن ان رويي کي ظاهر ڪري ٿي جيڪو انهن عوام سان جاري رکيو.

ائين ٿو لڳي ته ڊاري پنهنجو فيصلو ڏئي چڏيو آهي. سنڌ ۾ هڪ آپريشن (وڊ ڪُٽ/مهم) هلائي وئي آهي، جنهن گهٽن ماڻهن کي ڳڻيير يَوَن ۾ پڪوڙي ورتو آهي. ان جو سبب هي آهي ته اهو عمل انهيءَ هٿ ٿوکي احساس تي بيٺل آهي ته سنڌ ۾ بي قانونيءَ شهري حياتيءَ ۽ ناظميا (ايڊمنسٽريشن) جي ڪارڪرت کي ناس ڪري چڏيو آهي. حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ بي قانوني (جيئن ڪنهن به وقت ڪنهن به بي هنڌ) شهري انتظام هلائيندڙ ادارن (مئنيجمينٽ) پاران اختيارن ۽ قاعدن جي پڇڙيءَ جو نتيجو آهي.

سنڌ جي هن ڳڑيءَ آزمائش جو پهريون سبب قانون-ٿورينڊڙ ناهن، انهن ته رڳو گوڙ فساد (انارڪي) واري صورتحال جو فائدو پئي ورتو آهي. گوڙ فساد جي اها صورتحال غلط حڪمرانيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿي آهي ۽ ان کي گهريون پاڙون رکندڙ سماجي-معاشي-سياسي روڳ ته ائين وڌيڪ گدلو ڪري چڏيو آهي. هڪ پيرو وري به ڏسجي پيو ته اختياريءَ (اٿارٽي) انهن خطرن کي نظر انداز ڪري چڏيو آهي، جيڪي نتيجن کي سبب سمجهي علاج ڪرڻ جي ڪري پيدا ٿيندا آهن.

سنڌ بابت ائين پيو سمجهيو وڃي ڇڪ ان تي قانون-ٿورينڊڙن جو قبضو ٿي ويو آهي. اهو غلط ناهي پر سچ جو رڳو هڪ حصو آهي. سنڌ جي سيني اهنجن جي ڳوڙهي تپاس کان سواءِ اهو ممڪن ناهي ته حالتن کي ٺيڪ ڪري سگهندڙ ڪا ٺهڪندڙ حڪمت عملي تيار ڪري سگهجي. هيءُ هڪ اهڙو سماج آهي جنهن ۾ گهٽن ئي قسمن جي معاملن وسيلي هڪ ڇتو سمنڊ پيدا ڪري سيني سماجي پرتن کي پنهنجا انتهائي حربا آزمائڻ جي حد تائين مجبور ڪيو ويو آهي. انهن مان ڪجهه ڏيان هيٺ آڻڻ جوڳا معاملا هي آهن:

- سڄي ملڪ اندر سنڌ جا ماڻهو ئي آهن، جيڪي وڏيرا شاهي جي بدترين روپ هيٺ حياتي گذارين ٿا.
- هن صوبي ۾ وڏن وزيرن جي مرڻ جي رفتار باقي ٻين سيني جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي.
- سنڌ ۾ پناهگير آبادياءَ جي نسبت نه رڳو باقي سيني کان وڌيڪ آهي، ايتري حد تائين جو ڏيهي (اصلي رهاڪن جي) آبادي نسلي-ثقافتي-لساني سڃاڻپ وڃائي ويهڻ جي خطري ۾ ونجي وئي

آهي، پر ان سان گڏ ٻين صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ کي مجبور ڪيو پيو وڃي ته سڄي ملڪ مان لڏي اچي هتي آباد ٿيندڙ (سيٽلرس) کي گهٽي کان گهٽي زمين ۽ ٻيا پيداواري وسيلا ڏي.

- پاڪستان ۾ ٻيو ڪٿي به غير مسلم آبادي‌ءَ کي ايڏا ڏوجهرا ڏسڻا نه پيا آهن جيترا سنڌ ۾ رهندڙن کي، ۽ رڳو ان ڪري جو هنن پنهنجي ڌرتي تي رهڻ (ان کي نه ڇڏڻ) جي همت ڪئي آهي.
- سڄي ملڪ اندر سنڌ ۾ گريجوئيٽ آبادي‌ءَ جي نسبت گهٽي آهي ۽ ان سان گڏ پڙهيلن جي بي روزگاري جي شرح به اوتري ئي وڌيڪ آهي.

۽ سنڌ ئي آهي جنهن ڪنهن به ٻي صوبي جي پيٽ ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران (جن ۾ سندن نمائندگي اڄ ڏينهن تائين گهٽ ۾ گهٽ آهي) گهٽي کان گهٽيون هر هر ٿيندڙ آپريشنون سَنيون آهن.

اهنج پرين انهن معاملن مان ڪجهه مخصوص پرمن، پاليسين ۽ روين ۽ قانونپ، انصافپ ۽ رنڊڪ کي ڇٽيو آهي. سنڌ کي اڃوڪي دڳ تي آڻي بيهاريو آهي. اهو ئي هڪ حوالو آهي، جنهن کي وسيلو بنائي سنڌ ۾ قانون ۽ حڪم (امن و امان) جي مسئلي جي فطرت ۽ ان جي گهرائي تپاس گهرجي.

سنڌ جو ڪو به حصو ۽ ان جي آبادي‌ءَ جو ڪو به پرت قانون-ٽوڙيندڙن جي ڦرمار کان بچيل ناهي. اجايو قتل، پنگ لاءِ اغوا، ڪار-چوري، ٻار-ڪس، گهل-زنا، زوري‌ءَ ڦر ۽ نجي ملڪيت کي نقصان جا واقعا شهري توڙي ڳوٺاڻي حدن ۾ رپورٽ ٿيا آهن. ان درجي بنديءَ ۾ ايندڙ ڪيترائي واقعا اجا تائين ظاهر به نه ٿيا آهن. ۽ اجا به ٻيو گهڻو ڪجهه خاص طرح ٻهراڙي‌ءَ ۾ ٿئي پيو جنهن کي مورڳو رپورٽ لائق سمجهيو ئي نه ٿو وڃي.

ڳوٺاڻي آبادي‌ءَ شهري جي پيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ لوڙيو آهي، جو ته ان کي اهو ليڙون ٽيل انتظامي بچاءُ به مليل ناهي، جيڪو شهرن کي مليل آهي. ڳوٺن ۾ ڪنهن به وقت، ڪجهه نه ڪجهه، ڏهڪائيندڙ-واقعي ٽيٽ جي لاڳيتي ڊپ عام حياتي‌ءَ کي حقيقي ٽيندڙ لاقانوني‌ءَ جي واقعن کي وڌيڪ هاجو رسايو ۽ پنهنجي ڦندي ۾ ڦاسائي رکيو آهي. دهشت جي اهڙي‌ءَ هڪ بي يقين فضا ۾ سياڻي بابت ڪو به سوچي نه سگهندو. هر دڪاندار هر گهڙي‌ءَ ڪنهن اهڙي ملاقاتي‌ءَ جي پهچڻ کان ڊنل رهي ٿو جيڪو پنهنجي اڳ ئي ڪيل گُهر کي پورو ڪرڻ لاءِ بندوق جو جهلڪو ڏيکاري.

ڳوٺ ۾ اچڻ ۽ اتان نڪرڻ جا ٻيا سڀ رستا بند ڪري، هڪ يا ٻه ڇڏيا ويا آهن ۽ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي ڇڪ اٽلي تي وئي آهي. هر ماڻهوءَ کي سانجهيءَ کان اڳ گهرن ۾ بند ٽيٽ جي تاڪيد ڪئي وڃي ٿي. اسڪولي ٻار ڳوٺاڻي حد تان ٻاهر راند جي ميدان ۾ وڃي ۽ کيڏي به نه ٿا سگهن. هر مالدار ماڻهوءَ کي هر وقت زبرو هٿياربند پهرو ويهارڻو پوي ٿو. ڪيترائي هٿياربند ماڻهو گهٽن ئي مٽاهن هنڌن تي پيها ناهي روشنيون ٻاري سڄي سڄي رات پهري سجاڳ رهن ٿا.

پنهنجي پسند کان وڌيڪ وقت پنهنجين ڪُڏَين ۾ بند رهڻ تي مجبور ڪيل گهٽا ڳوٺاٽا گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پاڻ سان ٿيندڙ عقوبتن ۽ گهرن ۾ هَٿ ڇُٽ روين کي ياد ڪندي گذارين ٿا. صدين کان وٺي هر هاري‌ءَ جي اها سڌ رهي آهي ته ڪيس پنهنجو ٻني‌ءَ نڪر هجي. "ان سپني جي ساڻيان تان هٿ ڪٽڻ ممڪن نه هو،" 70-ورهين جي پوڙهي ڪمدار ٻڌايو، "پر اسان پنهنجي فنا قبولي ورتي ۽ پنهنجن ٻارن کي اسڪول موڪلڻ شروع ڪيو، اهو به اتي جتي وڌيرو اعتراض نه ڪري." ان پوڙهي پنهنجن چئني ٻارن کي پڙهايو. ان کان پوءِ ڪين نوڪري ڏيارڻ لاءِ ڏگهي ڀڄ ڊڪ ۾ اڙجي ويو. ڪنهن به سندس واهر نه ڪئي. نيٺ هر پٽ کي پرائمري استاد جي نوڪري ڏيارڻ لاءِ ڪيس ڏهن کان

ٻارهن هزار رپيا رشوت طور ڏيڻا پيا. هاڻي اهي ويجهن ڳوٺن ۾ پاڙهين پيا. هر شام ڏاري پوڙهي کي ڊپ جا نانگ ورائي وڃن ٿا تان جو سندس پٽ پنهنجي گهر موٽي اچن. ان قسم جا هزارين داستان آهن پر هي ان ڪري چونڊيو ويو جو هن قصي سان لاڳاپيل ماڻهو انهن چوٽيءَ جي سياستدانن کي ووٽ ڏيندا رهيا آهن، جيڪي نہ رڳو وزير ٿيا پر وزيراعظم بہ ٿيا آهن.

اهو ضروري ناهي تہ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ سان ڳالهائي حقيقي طرح هو سڀ ڪجهہ سمجهي سگهجي جيڪو تشدد ۽ بي قانونيءَ جي پوت سان ڪيو آهي. ڪراچيءَ کان ٻاهر نڪرندي ئي ڪجهہ ڪجهہ ڪلوميٽرن جي وٿيءَ تي نيون ٻہ-ماڙ پوليس چوڪيون ڏسي سگهجن ٿيون، جن جي زميني ڦاٽڪن تي ڪنڊيدار لوهي در چڙهيل ۽ ڏيوڙيءَ جي پٽين ۾ بندوق هلائڻ لاءِ جارا نهيل آهن. لڳ ڀڳ 150 ورهين کان پوءِ پوليس وارو قانون-ٽوڙيندڙ سان منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي قلعي کان ٻاهر کليل ميدان ۾ آيو آهي، جنهن کي اختياريءَ جا چاپلوس وري قلعي بند ڪرڻ گهرن ٿا تہ جيئن ميدان ڇُٽي ليکي ڏوهارين جي حوالي هجي. رودِ جي پاسن سان موجود هر پيٽرول اسٽيشن (جن مان گهڻيون تہ بند ٿي ويون) يا فيڪٽريءَ ۾ انهن جي مالڪن هٿياربند محافظن لاءِ منارا نهرائي ڇڏيا آهن. ڪيتريون ئي شيون (ڳالهيون) پنهنجي حقيقت وجائي ويٺيون آهن. ڪيتريون ئي ريلوي راهون آهن جن تي ڳڻپ جوڳي وقت کان ريل گاڏي نہ هلي آهي. ڪيوڙي جي وڻن سان ڏٽيل ويڪريون ٻنيون ميوي جي معيار سبب نہ، پر ڏاڙيلن جي لِڪ طور ڄاتيون وڃن ٿيون.

سنڌوءَ مٿان نئين (دادو-مورو) پل چيو وڃي ٿو تہ هاءِ وي (ڊگ) جي مسافرن کي هڪ ضلعي مان ٻي ضلعي ۾ ترت پهچڻ جي سهوليت مهيا ڪرڻ لاءِ ناهي وئي هئي. "ويندي اسان جا آسمان بہ اسان جي روايتي پڪين کان تياڳجي ويا آهن." هڪ جهونو سنڌي صحافي زاري ڪندي چوي ٿو. سرڻيون، مثال طور، ڪراچي لڏي ويون آهن، جتي باقي صوبي جي پيٽ ۾ گهٽا جانور ڏهاڙي ذبح ڪيا وڃن ٿا، ڪير آهن سنڌ جي هن ذلت جا ذميوار؟

جيتوڻيڪ ائين پيو ڏيکارجي جڏڪ سنڌ ٻن، شهري ۽ ڳوناٽي حصن ۾ ورهائجي وئي آهي، پر ٻئي حصا بنيادي طرح هڪ جهڙي ڏاڙيل مسئلي کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٻنهي حصن ۾ ڏوهارين جا منظم ٽولا دولت کسڻ ۽ رعايتون ماڻڻ لاءِ ٻنهہ هڪ جهڙي انداز ۾ قوتون گڏ ڪري رهيا آهن. فرق رڳو اهو آهي تہ شهري علائقي ۾ چانيل ٽولي اقتدار ۾ حصيداريءَ سبب رياستي مشينري کي پنهنجي واهرو طور ۽ ڊڪ طور ڪم آڻڻ سکي ورتو آهي، جڏهن تہ ڳوناٽن علائقن ۾ وڏي گهٽائي اجا سوڏو رياستي وهڪرن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پاڻ پتوري رهي آهي.

پنهنجي شهري تمثيل جي پيٽ ۾ ڳوناٽي قانون-ٽوڙيندڙ کي جيئن تہ ڊگهي ڏند ڪٽا جي پڻ آهي تنهنڪري هو سجاٽپ جي هر پريڊ ۾ اڳيان نظر اچي ٿو.

سنڌ ۾ ڏاڙيل جهونن ايامن کان وٺي موجود رهيا آهن. پاڻ وهيٽائي ملڻ (ورهاڳي) مهل صورتحال اها هئي جو بي زمين هاري هڪ اهڙي جَنڊ ۾ پيسجي رهيو هو، جنهن جو هڪ پُڙ گڏيل طرح وڏيري-پير پئي ناهيو ۽ ٻيو پڙ شهري شاهوڪار-دولتمند (گهٽي پاڳي غير مسلم) طبقن ڏانهن لاڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. ان سان گڏ وڏيرن منجهان گهٽا ڏيوالو نڪتل هئا. کسڻ لائق هر شيءِ ڪنهن بي هنڌ هئي.

پاڻ وهيٽائي (انڊپينڊنس) جي پهرين سالن ان مساوات (ايڪئيشن) ۾ ڳٽي سگهڻ جوڳي تبديلي آندي. زميني ذخيرن جي وڏيل واهپي، جن کي نئين قسم جي مالڪن (اونرس)/ياٽن (ڪلٽيويٽرس)

سان متعارف ڪرايو ويو هو، گهٽي ريجي پاڻي جي پهچ ۽ سڌاريل ڪرت جي سهولت ميسر هجڻ ڏرتيءَ (بنيءَ) جي اڄ ۽ بک اجهائڻ سا گڏوگڏ ڏاڙيلن کي به گهٽائي ڇڏيو. ٽيل بي انصافيءَ ۽ سماجي ڏکار جي رد عمل طور کي ماڻهو ڏوهه ڏي وڏندا رهيا پر ڏاڙيلپ جو معاملو گهٽجي ويو. ان وقت سرگرم ڏاڙيلن جو واسطو يا ته وڏيرن جي دائمي اٽالي سان تعلق رکي پيو يا ته وري ڳوناڻي آبادي جي انتهائي بکين پرتن سان، جن کي رڳو ايترو گهربو هو ته مناسب رهڻي ماڻي سگهن، جيڪا بي نموني ملي نه پئي سگهي.

گذريل لڳ ڀڳ پندرهن ورهين کان ڏاڙيلن جو ڏيکارجندڙ سڄي جو سڄو فصل پراڻي ٻج مان پيدا ٿيل ناهي. بي زمين هارين جو حصو گهٽجي ويو آهي ۽ انهن جي ڳٽپ وڌي وئي آهي جيڪي بي انصافيءَ ۽ محروميءَ جو بدلو ونڊ لاءِ نڪيءَ جو شڪار ٿي ويا آهن. ان ۾ وڏو حصو ته انهن پڙهيل نوجوانن جو آهي، جيڪي ٿوري پورهئي ڪرڻ سان گهٽو مال ملڻ جي ڏڻي ۾ اچي ويا آهن. انهن سان اهي زميندار به گڏ آهن جن وٽ سوين ايڪڙ زمينون آهن ۽ سياسي طور تحرڪ ۾ آندل قانون-ٽوڙيندڙ جو سڄو نئون نسل پڻ موجود آهي. نوس حقيقت اها آهي ته انهن ڏاڙيل جي وڏي گهٽائي پيدائشي ڏاڙيلن جي درجي ۾ نه ٿي اچي، نه ئي وري اهي اهڙا آهن جو سماج جا ڪارائتا ياتي نه ٿي سگهن.

ذميواريءَ جو مسئلو

نوان ڏاڙيل ڪيترين ئي ڳالهين ۾ روايت کان پري ٿي ويا آهن. قرمار ۽ زور زبردستيءَ جو مقصد بدلجي چڪو آهي. هاڻي اهو هستيءَ جي بقا لاءِ گذران جو واجبي وسيلو هٿ ڪرڻ نه رهيو آهي. دولت ان ڪري کسي پئي وجي ته جيئن نکمڻي دولتمند جي معيار ۽ نموني جهڙي حياتي گذاري سگهجي.

ڪيترين ئي حدن ۾ هٿياربند ڏاڙا، پنگ لاءِ اغوائون ۽ اجايا قتل ان ڪري ڪيا پيا وجن ته جيئن زمين تي قبضو ڪري سگهجي. ننڍين مالڪن کي زمين تان دهشت وسيلي ٻاجائي سگهجي ٿو ۽ وڏن (گهٽي ياڳي غير حاضر) زميندارن جي قبضي جي خاتمي لاءِ سندن هارين/ڪيت مزدورن کي زمين کان تڙيو وجي ٿو. مطلب ته نشاني ۾ هاڻي وڏن واپارين ۽ ڏنڏي وارن سان گڏ هاري ۽ ڪيت مزدوربه شامل ڪيا ويا آهن. پراڻو سنڌي ڏاڙيل لازمي طرح قاتل به هجي، ائين نه هو ۽ هن هر حالت ۾ خواتين جو احترام ٿي ڪيو. ٿي مڪيه جزا آهن جن جي ڪري هاڻي قتلن ۽ عورتن جي بيحرمتيءَ ۾ واڌ آندي آهي.

پهريون حياتيءَ سان لاڳاپيل تقدس، جيڪو ڪنهن دَور ۾ گهٽو هو، اهو هاڻي ڪاڃي ڪپي ويو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته "قانون تي هلندڙ" پاران قانون جي ٻچڪڙي ڪندڙ کي جيڪا عزت ملندي هئي، اها هاڻي گهٽي گهٽجي وئي آهي. ساڳيءَ طرح ڏاڙيل به پنهنجن پوين سان گهٽي قدر ساڳيو ئي ڏکار وارو رويو رکي ٿو، جهڙو ڪيس مليو آهي. جيڪي تشدد ۽ دهشتگردي ڪن ٿا، انهن مان گهٽا اهو پروسو رکن ٿا ته جنهن مقصد سان اهي لاڳاپيل آهن ان جي آڏو حياتيءَ جو ڪو مُلهه ئي ناهي.

ٻيو، قانون-ٽوڙيندڙن جي سامان ۾ باهي-هٿيارن جي واڌ غير ضروري ۽ ڪڌهن ڪڌهن اڻ-سوچيل قتل جو امڪان وڌائي ڇڏيو آهي.

ٽيون، ڏاڙيل پاڻ کي اڳ جي پيٽ ۾ گهٽو غير محفوظ سمجهي ٿو. ماضيءَ ۾، وڏ ۾ وڏ خراب حشر جيڪو هُو سمجهي پيو اهو هو گرفتاري ۽ مقدمو. اڄ هو جيڪڏهن پڪڑيو ته ڏڏي تي موت اٽس. قتل ۽ عورتن سان زنا پنهنجي اندورني خوف تي غالب پوڻ جو وسيلو آهن. انهن وسيلي هو پاڻ کي پَت ٿو ڏياري ته کيس ٻين جي حياتيءَ تي خصوصي اختيار آهي.

گذريل ڪجهه سالن ۾ جيڪا اهم تبديلي ڏسي سگهجي ٿي، اها هيءَ ته ڏاڙيلن جي پراڻن طريقن ۾ ڪجهه نواڻ آئي آهي. ڏاڙيلن وڏيرڪي ماتحتيءَ ۾ ڪم ڪيو ان وقت تائين، جيستائين وڏيري کي سرڪاري مشينريءَ تي اثر هجي. جيڪڏهن ڪنهن کي گرفتار ڪرڻو هو، يا مٽس ايف آءِ آر داخل ٿيڻ واري هئي ته پوليس وڏيري تائين وڃي ٿي پهتي. انتظاميا وٽ وڏيري جي ان سَرنديءَ ڏاڙيل کي بچاءَ جي لائق بنايو پئي ۽ ٿورن ڪيسن ۾ ڪجهه اجورو پڻ ڏنو پئي.

گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ وڏيرو ڪجهه ڦٽجي (هيٺو ٿي) پيو آهي. هن جي تباهي شايد چونڊن ۾ هارائڻ سان گڏ شروع ٿي. قانون-ٽوڙيندڙن شايد ڄاڻي ورتو ته سياسي چَٽيءَ (ڊڪ) کان سواءِ وڏيرو بيڪار هو. اجا ٻه ائين ته، رڳو حڪمران پارٽي سان واسطيدار ايم اين اي يا ايم پي اي وڏيرو ئي پارليامينٽ کان ٻاهر خصوصي رعايتون ونڊي سگهي ٿو. جيڪي مخالف ڏر ۾ آهن، اهي ڪجهه ٻه ناهن. اهي ته حقيقت ۾ ڏاڙيلن کان وڌيڪ غير محفوظ هئا ۽ انهن کي ائين شڪار ڪري سگهجي پيو، جيئن ننڍا ڏوهاري.

آخر ۾، ڏاڙيلن ڄاڻي ورتو ته قانون نافذ ڪندڙ ايجنسيون پنهنجي سر پاڻ ئي ڪنهن ٻه الزام (زور بار) کان بچائڻ لاءِ سندن تحفظ ڪرڻ تي تيار هيون. ويجهڙ وارن مهينن ۾ ڪيترائي وڏيرا، جن ۾ ڪيترائي وڏا زميندار/جاگيردار ٻه شامل آهن، چيو ٿو وڃي ته پنهنجي ڪٽنبن جي باسلامت اڇ وڃ لاءِ ڏاڙيل-گهلُن کي مقرر رقمون (ڏنڻ) ڏين، اڃوڪو قاعدو هي آهي ته ڪو ٻه وڏيرو تيستائين ڏاڙيل پالي نه ٿو سگهي، جيستائين سندس سياسي حيثيت جي ڪري يا سندس سماجي اختيار جي ڪوٽ جي ڪري پوليس ساڻس نهري ۾ ناهي.

سياسي طرح تحريڪ ۾ آندل ڏاڙيل، جنهن کي دهشتگرد سڏجي ٿو، خاص ڏيان ڏيڻ جي ڳُهر ڪري ٿو. پنجين ڏهاڪي جي وچ واري سنڌ کي ٿورو عنصر اهڙو مليو، جيڪو قومپرستيءَ کان ڪجهه مٿيرو هو، جنهن پنهنجن خوابن جي حاصلات لاءِ ضروري ڪنهن ٻه وسيلي کي ڇڏڻ نه پئي گهريو. قومي سڃاڻپ جي ڊيڄڻ سبب پيدا ٿيل ڏکن کان ويندي خودمختياريءَ (آٽونامي) جي مجتا تائين، تان جو پاڪستان کان علحدگي تائين 83ع واري ضرب کان پوءِ ۽ مٿان وري شهري هٿياربندن جي واڌ سبب سندس قطارون ڊگهيون ٿيڻ لڳيون. هو (دهشتگرد؟) ڦرلٽ ۾ ڪاهي پيو ته جيئن پنهنجيون تنظيمي گهرجون پوريون ڪري سگهي ۽ اجا ٻه وڌيڪ اهم هي ته پُرتشدد وسيلن سان پنهنجا پوئلڳ پيدا ڪري سگهي.

اهو ڄاتل سچ آهي ته ڪيترن ئي سالن تائين سنڌ جي راجستان سان ملندڙ سرحد تان ناجائز وهڪرو جاري رهيو آهي. اها سرحد سدائين سمندڙ رهي آهي. اڄ چيو ٿو وڃي ته اُن کي سيل مهر ڪيو ويو آهي پر ان کي اجا ٻه سخت ٻنجي جي گهرج آهي. ان وهڪري ۾ سيني قسمن جا ماڻهو شامل آهن. ٻنهي پاسي انصاف کان ڀڳل ڏوهارين، سمگلرن، مال هٽندڙن، جاسوسن، منحرفن ۽ ڦيٽارو وجهندڙن جا ٽولا. ساڳي ئي قسم جو وهڪرو مقامي ماڻهن جي وطن دوستيءَ تي شڪ جي دعوت يا

ڊپلوميٽڪ گهاٽي واڌي کي جنم ڏيڻ کان سواءِ رحيم يار خان سان ملندڙ راجستان جي سرحد تي بہ جاري آهي.

سنڌ جو شهري قانون-ٽوڙيندڙ پنهنجيءَ ڳوناٽي تمثيل جي پيٽ ۾ مختلف آهي. پنهنجي بڻ بنياد ۾ ۽ پاڻ مٿان ايندڙ خصوصي ڊهائن جي ڪري، هن جو رويو عورتن ڏانهن وڌيڪ وحشياڻو آهي. هن پنهنجي ابتدا بي روزگارن جي گند (ڊونڊي) ۾ ننڍڙي چور جي حيثيت سان ڪئي ۽ مشڪل سان ئي سجاپجي سگهجي پيو، تان جو هن پنهنجا منظم مربي ڳولي ورتا، جيڪي مخصوص سياسي ۽ معاشي مفادن تي زور ڏئي ايريا هٿ. اهي بدمعاش ٽولا، رياستي زمين جي غير قانوني والار ۽ ورهاست ڪندڙن جي چوڌاري وجي گڏ ٿيا، پوءِ منشيات، هٿيارن ۽ ٽرانسپورٽ مافيا وٽ ۽ نيٺ نسلي-سياسي تنظيمن وٽ وجي پهتا.

اهي بدمعاش ٽولا گروهي معاشي مفادن جي بچاءَ لاءِ ڪم آندا ويا، پر ترت ئي سياسي اڳواڻي جمائڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ پيسا ڦرڻ ۽ طاقت جو مظاهرو ڪرڻ ضروري ٿي پيو. شهري قانون-ٽوڙيندڙن ترت ئي واڙڻ ۽ اذيت ڏيڻ وارين ڪوٺڙين سميت اهڙي تنظيم منظم ڪري ورتي، جيڪا ڳوناٽن ڏاڙيلن کان گهٽي مٿير هئي. ڳوناٽن قانون-ٽوڙيندڙن جي ابتڙ شهري ڊاکُن وٽ دائمي نڪاٽا هٿ ۽ سولائيءَ سان سجاپجي سگهڻ جي ڪري انهن پاڻ کي ڳوناٽن ڏوهارين جي پيٽ ۾ وڌيڪ غير محفوظ پئي سمجهيو. نتيجي طور وٽن پنهنجا شڪار قتل ڪري ڇڏڻ جي نمائش وڌيڪ آهي ۽ ان سان گڏ عورتن سان زنا ڪري انهن کي مارڻ جو لاڙو پڻ.

سنڌ ۾ خطرناڪ معاملو هي آهي تہ: قانون-ٽوڙيندڙن جي ڪري ڪيتري بدنظي ٿي آهي ۽ ڪيتري حد تائين ٻين سڌي طرح يا پنهنجن ويس ڌاري قالبن وسيلي ان ۾ حصو ورتو آهي.

سنڌي قانون-ٽوڙيندڙن، غير قانوني هٿيارن جي مَڏي کو نہ ناهي آهي. هٿيار انهن کي پهچايا پئي ويا. ممڪن آهي تہ ڪجهہ ماڻهن سرحد پار راجستان مان ڪجهہ هٿيار آندا هجن پر تمام گهٽي پهچ ان جي ابتڙ پاسي کان ٿي. اها انتظاميا جي ذميواري هئي تہ هٿيارن جي پالوٽ کي روڪي. نہ رڳو اهو تہ انتظاميا پنهنجي ذميواري نيائڻ ۾ ناڪام رهي آهي پر اهڙيون شاهديون بہ آهن تہ انهن هٿيار ۽ تشدد ڪرڻ جا وسيلا حاصل ڪرڻ لاءِ اٽوٽندڙ عنصرن کي وڏيون وڏيون رقمون ڏنيون آهن.

اهو ظاهر آهي تہ قانون جو شان ۽ شوڪت قانون ناهيندڙن ۽ قانون نافذ ڪندڙن جي لياقت تي دارومدار رکي ٿي تہ اهي پوريءَ طرح لاڳو ڪن. ان جو رڪارڊ سنڌ ۾ سراسر بد دل ڪندڙ آهي. ڏاڙيلن کي ڏوهہ ڏئي نہ ٿو سگهجي، جيڪڏهن ڪراچي واسي پنهنجي بنا ليسن ڪارن ۾ ريڊيا (وائر ليسون) ڪم آڻيندا رهيا آهن يا ڪارن ۾ رنگين شيشا ڪم آڻين ٿا، يا پنهنجي نجي مقصدن لاءِ عوامي وسيلا ڪم آڻي رهيا آهن. جيڪڏهن زمين جي ڊل گڏ نہ ٿي ٿئي ۽ رعايتون مليل ماڻهو بجلي ۽ ٽيليفون جا پيسا بہ نہ ٽا پري ڏين، تہ ان لاءِ ذميوار ڏاڙيل ناهن.

هڪ عام ماڻهو دستور ۽ قانون لاءِ ڇلا ڪهڙي عزت ڏيڪاري! جيڪڏهن هڪ وفاقي وزير پڌرو ٿو ڪري تہ دستور سندس بوٽ کان وڌيڪ عزت نہ ٿو لهڻي يا جيڪڏهن هڪ وزيراعظم ماڻهن کي ٻڌائي ٿو تہ اهي بنيادي قانونن جي ضمانتن جي پرواهہ ئي نہ ڪن؟

قانون ڏانهن رعبت جو رويو هڪ رات ۾ خراب يا سٺو ٿي نہ ٿو سگهي. اهو ذاتي تجربي جي بنياد تي ڏسڻي عرصي ۾ جُڙي ٿو. اٽڪل ماڻهن سنڌي عوام جي من تي 1983ع جي رياستي دهشتگرديءَ وسيلي وڏل اثرن بابت لکيو آهي. مٿان وري ڏنل ڦٽن کي سڙي خراب ٿيڻ لاءِ ڪليل ڇڏيو

ويو آهي. جيڪو ڪجهه سوين غريب ڳوٺاڻن انهن ڏينهن ۾ لوڙيو، سيني ماٺهن جي اکين آڏو قانوني دهشتگردي هئي.

هاڻي ظاهر پيو ڪيو وجي ته سنڌ پوليس پاتال تائين گندي ٽيل آهي. اهو پاڻ وزيراعظم چيو آهي. هن جي چوڻ موجب جن ڏوهارين جي لاءِ جيئري يا مئي پڪڙجڻ لاءِ ٽن لکن تائين انعام آڇيل آهي، اهي پوليس فورس ۾ پرتي ڪيا ويا آهن. گند اڃا به ڪجهه اڳ گڏ ٽيو هوندو ۽ ڏوهاري پنهنجو پاڻ ته پوليس مئن طور پرتي ڪو نه ٿي ويا هوندا؟ هر ماٺهو ڄاڻي ٿو ته بس ۽ ٽرڪ ڊائيور سنڌ جي روڊن تي پوليس کي رشوت ڏين ٿا. سنڌ جي پوليس جنهن قسم جي طاقت عام شهرين تي ڪم آڻي ٿي، ان جو تصور به بي ڪنهن صوبي ۾ نه ٿو ڪري سگهجي، ايتري قدر جو پنجاب ۾ به نه، جتان جي پوليس ٽرڊ ڊگري طريقا آزمائڻ جي سلسلي ۾ سڄي اپڪنڊ اندر هڪ ريڪارڊ رکي ٿي. ان قسم جا معاملا پيدا ڪندڙ اجا تائين مليل رعايتن جو مزو ماڻي رهيا آهن.

انهي ۾ شڪ آهي ته لاقانونيت جي سيني قدمن جو الزام سڄي پوليس تي وڌو وجي. حڪومت جڏهن بيگناهه (معصوم) ماٺهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس کي ناجائز ڪم آڻي ٿي، سياسي سردار جو ريچڪ پورو ڪرڻ لاءِ انهن کي بند ڪري ۽ اذيتون ڏئي ٿي، ته پوءِ پوليس پاڻ به ان قانون جي عزت نه ڪندي جيڪو ڪيس نافذ ڪرڻو آهي. اهو ڪو راز ناهي ته مخالف صوبائي اسيمبلي ميمبرن جا فصل ناس ڪرڻ لاءِ سنڌ پوليس کي موڪليو وجي ٿو. پنهنجيءَ حڪومت جا سياسي مقصد پورا ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪجهه پوليس کي چيو ۽ ان کان ڪرايو ويندو تهڙا ئي ڪم هوءَ پنهنجا فائدا پورا ڪرڻ لاءِ به ڪندي. ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن وزير صاحبان به ڏاڙيلن کي پالن ٿا ته پوءِ ائين ڪرڻ ۾ پوليس به عيب نه سمجهندي.

ڪيترن ئي شعبن ۾ واسطيدار معاملن لاءِ اختياريءَ وارن اهڙا ردي مثال قائم ڪيا آهن. گهٽا ئي سال ٿيا آهن حيدرآباد جي پراڻن ۽ نون سنڌين پنهنجن پنهنجن گهرن کي، جتي اهي اقليت ۾ هئا، چڏڻ شروع ڪيو، يا ڊاڪٽرن پنهنجي نسلي ٽولي کان سواءِ ٻي کي طبي مدد ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڇا انتظاميا ڪجهه ڪيو يا نجي سنگٺن هن چريائپ کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؟ اهڙيءَ طرح، سياسي هراس جي مثالن سان گڏ سياسي مفادن لاءِ قانوني عمل جي غلط واهپي جا ڪيترائي مثال هڪ رسم بنجي چڪا آهن.

تباهيءَ جا مقصد ماڻڻ

هن کليل نڪيءَ جي ناهه ۾ قاسائڻ لاءِ سياسي منحرفن (ناناهَن، مخالفن) کي ڏوهي الزامن هيٺ آندو وجي ٿو. پوليس ڄاڻي ٿي ته تهمت ڪُوڙي آهي ۽ ان تان هٿ کڻي سگهجي ٿو، جيڪڏهن شڪار (ناناهي) ڏٻاءَ ۾ اچي آڻ مڃي ونيي. ايم پي اي حنيف سولجر، پير مظهر الحق ۽ خواجا محمد ۽ راحيلا ٽوانا ۽ خورشيد بيگم جهڙين خاتون ڪارڪنن سان جنهن قسم جو ڏنيبندڙ رويو رکيو ويو، ان جو ڪو مثال، ايتري قدر جو اٽڪدي (سخت) مارشل لا ۾، به نه ٿو ملي.

جمهوري قدرن کي بگاڙڻ کان بچائڻ لاءِ سنڌ جي ڪيل جمهوري جدوجهد جي "ڏوهه" طور، سچ اهو آهي ته، اختيارن جي زبري بد استعمالي وسيلي سنڌ کي ڏاڍي ڳري سزا ڏني پئي وجي. سنڌ

خلاف ان ڏوهه ۾ وڏو حصو ته انتظاميا جو آهي پر سياسي پارٽيون ۽ سماجي سنگتون، تان جو ليکڪ ۽ دانشور به هن ڏوهه کان آجا سڏي نه ٿا سگجهن.

پاڪستان ۾ اهو فيشن ٿي پيو آهي ته ماضيءَ جا مثال ڏيئي اڄوڪي فضوليات کي عين انصاف سڏيو وڃي. سچ ته سنڌ ۾ سموريون حڪومتون، هڪ ٻي جي پيٺ ۾ گهٽ يا وڌ، غلط حڪمرانيءَ جي مجرمانا احساس ۾ ڦاٿل آهن. بهرحال، اهي جن وٽ اقتدار آهي، کڏهن به مڪروهه ورثي جو لاڳيتو ذڪر نه ڪندا. اهي صورتحال درست نه رکڻ جو ذميوار ڏوهي، رڳو عهديدار کي سڏيندا پوءِ چو نه واقعن بابت ان جي مؤقف ۾ ڪجهه سچائي هجي.

ان کان ڪو به ڪنڌ ڪڍائي نه ٿو سگهي. سنڌ جي سموري آبادي تشدد ۽ لاقانونيءَ کان بر بيزار ٿي پئي آهي. ان صورتحال مان نجات جي سڌ ايڏي سگهاري آهي، جو ڪيس محفوظ رکڻ لاءِ تجزيو ڪري حل ڳولڻ جي موڪل ڏڳهي عرصي تائين نه ٿي ڏيئي سگهجي. گهٽا ئي ماڻهو موجودهه آپريشن جي دائري ۾ وسعت، تان جو مارشل لا جي به حمايت ڪندا. ان قسم جي ويڳاڻن (نراس، محروم) آوازن ۾ موجوده فريب (لالچ) کي ضرور ننڍڻ گهرجي.

موجوده آپريشن وسيلي جاتل قانون-ٽوڙيندڙن، جن جي ڏوهن ۾ شڪ ناهي، جون سرگرميون اوس گهٽجڻ گهرجن. اهڙي ڪا به پڪي ضمانت ناهي ته تباهي جا مقصد ٽورڙي عرصي ۾ ماڻي سگهجن ٿا. اڳ ئي لشڪر (ملٽري) جو امر ته ڇهن ڇهن مهينن کان وڌيڪ عرصو ٽڪي سگهجي ٿو پڌرو ڪيل آهي ــ ۽ اهڙي ڪا به ضمانت ناهي ته اڄ طاقت وسيلي ڏجي ويندڙ اهجاڻ وري ظاهر نه ٿيندا ۽ اهو به ته اجا وڌيڪ بدتر صورت ۾، تنهن مٿان مسئلو وري هيءُ ته ڇا پاڪستان اهڙي آپريشن جي سياسي قيمت پري سگهندو؟

بدقسمتيءَ سان، آپريشن جي ابتدا اهڙي ٿي آهي جو حڪومت ۽ لشڪر ٻنهي کي شرمندگي ڏسڻي پئي آهي. سنڌ کي لشڪر جي حوالي ڪرڻ واري فيصلي کان هڪ مهينو اڳ تائين وزيراعظم ڏاڍو خوش هو ته سنڌ ٻن سالن کان ٽيندڙ علاج جي ڏاڍي سڻي موٽ ڏني آهي. هن پاران ترت سرجري (وڏ ڪُٽ) گهرندڙ خطرناڪ ناسور جي ڪوجنا سندس آبرو کي اونڌو نه ڪيو. لشڪر، جنهن ڪجهه عرصو اڳ زورائتو مطالبو ڪيو هو ته آئين جي 245-آرٽيڪل کان گهٽ ڪنهن به بي شق تي ڪنهن به سياسي اختياري سان اتفاق نه ڪندو، ان ذرو ڏيان ڪري هاڻي 147-آرٽيڪل هيٺ عمل ڪرڻ قبوليو آهي.

اجا وڌيڪ چئجي ته ڪنهن به اختياريءَ هن وقت تائين آپريشن صحيح مقصد نه ٻڌايا آهن. وفاقي اختياريءَ کي ڪيل سنڌ حڪومت جي عرض جو متن عوام تائين نه پهچايو ويو آهي. چيو وجي ٿو ته هيءَ سي ڪجهه آئين جي آرٽيڪل-147 هيٺ ڪيو پيو وجي. آرٽيڪل-147 (پاڻ کان اڳ واري آرٽيڪل-147 جيان، جيڪو صوبي جي عرض تي صوبي جون ڊيوٽيون وفاق کي ڪڍڻ جي موڪل ڏي ٿو) وفاق کي صوبائي معاملن ۾ ڪُلي اختيار ڏيڻ بابت ڪم آڻي نه ٿو سگهجي. هن فقري هيٺ ڪهڙيون صوبائي ذميواريون وفاق جي حوالي ڪيون ويون آهن، اهي صاف صاف پڌريون هئڻ گهرجن. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ (ڏوهي هلت بابت قانون) ۽ پوليس ايڪٽ هيٺ مهيا ڪيل پوليس جا اختيار لشڪر کي ڏنا وڃن ٿا ۽ ان کي اجا به وڌيڪ اختيار ڏيڻ (جيئن ڪيس هلائڻ وغيرهه) جي گهرج، اڄ ئي وفاقي اختيار هيٺ هلندڙ ترت-اُڪلاءُ وارين ڪورٽن جي موجودگيءَ ۾، محسوس ڪئي وجي ٿي، ته اها به عوام کي ٻڌائڻ گهرجي.

غير فوجي (شهري) رهواسين کي عام طرح عدليا ۽ خاص طرح، اهو حق آهي ته آپريشن جا قانوني ماڻ ڄاڻي سگهن. هن نُڪتي تي وضاحت جي کوٽ ۽ اختياري پاران گوڏناڻ جا اهجاڻ رڳو شک گمان (بي اعتباري) پيدا ڪري سگهن ٿا.

پوري پوري غير جانبداريءَ بابت گهٽو ڪجهه چيو ويو آهي پر اختيارين پاڻ ئي اهڙي فضا ناهي ڇڏي آهي، جنهن ۾ پوري پوري غير جانبداري لڳ ڀڳ ناممڪن آهي. جنهن شڪار کي تباهه ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي، ان ۾ عام ڏوهاري نه، پر دهشتگرد، پرڏيهه ۾ سکيا ورتل ٽيا هيا (تخريبڪار) ۽ ٻيا اهڙا شامل آهن. ممڪن آهي ته ڪجهه انهن هيبتناڪ وصفن تي پورا لهن، پر جيڪي پورا نه ٿا نهڪن اهي پڻ، ممڪن آهي ته مقدمي هلائڻ کان اڳ، حقيقت ۾ گهٽي فاصلي کان ئي ڏوهي نظر اچن.

اهڙي قسم جي فضا جي تخليق، پنهنجي طاقت ۽ هٿيار ڪم آڻيندڙ سيڪيورٽي فورسز کي پنهنجن اپائن (خبردارين، احتياطن) ۽ شائستگيءَ جي احساس کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو سولو دڳ ڏئي ڇڏيندي. ڪيترائي مثال اهو ڏيکارڻ لاءِ ڏئي سگهجن ٿا ته جتي به دهشتگردن ۽ راڄ ڊوهي ماڻهن کي پڪڙڻ جو ڪم سيڪيورٽي فورسز تي رکيو ويو آهي، اتي ان کان ڪجهه وڌيڪ ٽي پوڻ کان بچي وڃڻ ممڪن نه رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ هڪ ڊزن قانون-ٽورينڊڙن کي فنا ڪرڻ جي سڻن نتيجن جي پيٽ ۾ ڪنهن هڪ به بيگناهه ماڻهوءَ جو موت ملڪي سالميت ۽ سيڪيورٽي فورسز بابت تصور کي وڌيڪ جوکو رسائيندو.

اهو فسانو ته هر ڪرت سڻڻ جي وڏي وزير جي هدايتن هيٺ ڪئي پئي وڃي، پنهنجي خوبي وڃائڻ جو اجا به ٻيو ڪارڻ ٽيندو. ڏوهاري ۽ انهن جا مربي (سهائڪ) جيڪي سندس اتحادي آهن، انهن جي خلاف وڃڻ جي لياقت منجهس موجود هجي، اهڙي اميد رکڻ ڏاڍي ڏکي آهي. عوام چٽي نموني ٻڌڻ ٿو چاهي، ته هن پوري پوري غير جانبدار آپريشن وسيلي ڪهڙو مقصد پورو ڪرڻو آهي. ڪنهن به غلطڪار کي جيڪڏهن پڃڻ جو ڪو به ٻلڪڙو نه ڏٺو ويو ته پوءِ سڻڻ جي سياسي پاڻاريدارن جو هڪ وڏو حصو جيلن ۾ نظر اچڻ گهرجي. جيڪڏهن آءِ جي آءِ حڪومت جي پائيوارن کي سانت (مطمئن) ڪرائڻ جا هاوڻا هلندا رهيا ته پوءِ عوام وٽ انهيءَ پروسي رکڻ جا ڪيترائي سبب هوندا ته سڻڻ کي (سليڪٽو رٽريبيوشن) جو ٻيو ڊوز ڏنو پيو وڃي.

هڪ اڻ چٽو امرُ (مئنديٽ) يا هڪ اهڙو امر جيڪو صوبائي يا وفاقي حڪومت لاءِ اهڙو موقعو مهيا ڪري جو سندس آپريشن ۾ مداخلت ڪري سگهي، قبول ڪري لشڪر هڪ تمام وڏي جوکم جو ڪم ڪيو آهي. لشڪر هڪ اهڙي فضا ۾ ڪم ڪر ي رهيو آهي جيڪا قومپرستانا جذبي سان ڏٽيل آهي ۽ معمولي‌ءَ کان معمولي گمان به آباديءَ جي جوش کي پڙڪائي سگهي ٿو. اهڙيءَ صورتحال ۾، پنهنجيءَ خواهش جي خلاف لشڪر ڪنهن ادنگي جهيڙي ۾ ڦاسي وڃي، رد نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ٻيلن کي باهيون ڏيڻ يا انهن کي تباهه ڪرڻ جون رپورٽون ڪنهن به طرح صحيح آهن ته پوءِ امن امان جي هن صورتحال ۾ (جيڪا اندورني جهيڙي جي پيٽ ۾ به گهٽ سمجهي وجي ٿي) لهسيل ڏرتيءَ جي ڦٽن تي ملهم رکڻ جي ذميواري تان هٽ ڪٽن ايڏو سولو نه هوندو.

سڻڻ لاءِ هڪ سوڪڙي ــ نوڪريون ڏيندڙ ۽ ترقي ڪرائيندڙ ــ اعلانن وسيلي وزيراعظم ڪجهه دير سان مجي ورتو آهي ته صوبي جا سماجي-معاشي مسئلا ڊگهي عرصي کان ترسايل آهن ــ پر گاڏي گهوڙي اڳيان جوتي وئي آهي. اسان کي ايوب خان پاران اوپر بنگال جي "احساس محرومي" بابت

غلط (بدنظميءَ واري) رويي کان سکڻ گهربو هو ته خود-حڪمراني جي نيڪ ادارن جي غير حاضري ۾ انتظاميا (ايگزيڪيوٽو) وسيلي دولت جو وسڪارو ڇليل دلين جا ڦٽ پري نه ٿو سگهي. جيڪڏهن دولت جي عنايت ۽ حڪومت جي پسنديده عنصرن لاءِ روزگار جي تخليق ماڻهن ۾ احساس محرومي ختم ڪري سگهن ٿا ته پوءِ منعم خان بنگالي قومپرست اٽل کي تاڙي ونڻ ۾ ناڪام نه ٿئي ها.

نه رڳو بنگال پر سنڌ ۾ به ساڳي قسم جي هٿ ناٽ جو تجربو اسان کي ٻڌائي ٿو ته سياسي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ فورسز کي ميدان ۾ آڻڻ نه رڳو انتها پسندن کي مضبوط ڪري ٿو پر وچٿرن سياسي ماڻهن، سندن جيترو به اثر آهي، ان کي گهٽائي ٿو. 1983ع ۽ 1986ع وارين آپريشنن جي نتيجي ۾ سنڌ جا سياسي محاذ ورهائجي ويا. ساڳي قسم جو عمل هاڻي به پڌرو آهي. ڪو به سياڻو ماڻهو ان نظريي سان سهمت نه ٿيندو ته ماڻهن کي ننڍڙن ٽولن ۾ ورهائڻ ڪو سنو ڪم آهي. اهڙي قسم جا حربا سياسي مفاهمت حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيدا ڪندا جو ته ڪا به اهڙي پارٽي نه هوندي جنهن سان ڳالهائي سگهجي.

وفاقي حڪومت جو مونجهارو سمجهڻ ڏکيو ڪم ناهي. سنڌ (۽ جتي ڪٽي ٻي هر هنڌ) لاقانونيت ان جي سموري معاشي رٽابندي کي ڊانواڊول ڪري ٽي. بين الاقوامي مدد-ڏيندڙن اهو صاف صاف چيو آهي ته پاڪستان کي مدد تڏهن ڏئي سگهجي ٽي، جڏهن اتي گهريلو امن ۽ استرتا موجود هجي. حڪومت ڄاڻي ٽي ته سنڌ ۾ لاقانونيت ايڏو وڏو مسئلو ناهي، جيڏو اهو انتظامي سرشتو، جيڪو عوام کي قبول هجي. اها اهو پڌ ڄاڻي ٽي ته صوبائي حڪومت حڪمرانيءَ جي اڻ سڌريل روايت سان لاڳاپيل هجڻ جي ڪري ۽ صوبائي اختياري خلاف ڪجهه ڪرڻ کان ڊنل هئڻ سبب نااميد ٽي لشڪر وٽ پهتي آهي، اهو تاريخي سبق پوري طرح وساريندي ته جڏهن به اهو (لشڪري) پتو استعمال ڪيو ويو تڏهن اها رڳو غير فوجي (شهري) حڪومت ئي آهي، جيڪا تاس جي ٿهيءَ مان فالتو جوڪر جيان نڪري ظاهر ٿئي.

سگهاري حقيقت اها آهي ته امن امان قائم ڪندڙ ايجنسيون، غير فوجي يا فوجي، رڳو پيشيور قانون-ٽوڙيندڙن کي ئي پڪڙي سگهن ٿيون. سنڌ ۾ لاقانوني پکڙيندڙ عنصرن ۾ گهٽائي انهن عنصرن جي آهي جيڪي غير پيشيور، ٽورَ وقتي مهم جُوئي ڪن ٿا. انهن کي پڪڙي نه ٿو سگهجي. انهن خلاف انتهائي قوت جو واهپو ڪيس ڪل-وقتي ڏوهاري ناهي ڇڏيندو. انهن جو واسطو وڏي گهٽائيءَ سان آهي. انهن کي سمجهڻ سمجهائڻ ۽ سندن ڏکن جي تلافي وسيلي سڌاري سگهجي ٿو ۽ سڌارڻ گهرجي.

هيءُ به ياد رکڻ گهرجي ته ڪا به پوليس/ملٽري آپريشن اهي سبب دور ڪرائي نه سگهندي، جيڪي عام ماڻهن کي ڏوهه ڏانهن ڌڪين ٿا. اها ڳالهه اڄ کان 150-سال اڳ انگريز گورنر جنرل جاڻي ٻئي، جنهن کي اهو اعزاز مليل آهي ته هن نڱن جو خاتمو ڪري ڇڏيو. هو نڱن ۽ پندارين کي ٽنگي سگهي پيو پر هن قانون-ٻڌل ماڻهن جي حياتي محفوظ ڪئي. جڏهن ته ٻئي رستا ڏار هئا. اڄ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي چوٽڪاري لاءِ گوڙ ڪن ٿا، نه رڳو ڏاڙيلن کان پر ڪُليڻن (ڪرپٽ) تپيدارن، ايريگيشن آفيسرن، پوليس وارن، ٽرانسپورٽرن، موڪل لاءِ ڪاغذ وڌائي سگهندڙ ڪلارڪن، حقيقت ۾ سڄي آفيسر بادشاهيءَ کان به، جيڪا رڳو اهو ڄاڻي ٽي ته عام شهرين جي حياتي وڌيڪ وهه ڪيئن ڪجي. ۽ اهي ٻئي رستا ــ ڏوهارين کي ختم ڪرڻ ۽ ٻاجهاري تقدير جي جوڙجڪ ــ هڪ ٻئي کان مختلف ۽ ڏار ڏار آهن.

صورتحال جي حقيقي ڪَٽ (تڪ تور) ان نتيجي تي پهچائي ٿي ته سنڌ ۾ سرنگهه جي پيڙيءَ وٽ ڪو به سوجهرو ناهي. هلندڙ ٻوڏ جو نتيجو قومي مفادن لاءِ موتمار ٿي سگهي ٿو. شين کي سنو ڪرڻ جي اميد تيستائين نه ٿي ڪري سگهجي جيستائين جيڪي شيون اول ڏيان لهڻن ٿيون. انهن کي پهريائين نبيريو نه ٿو وجي، ۽ سنڌ جي ماڻهن جي سپ کان پهرين گهرج اها آهي ته کين بنهه پنهنجي حڪومت هجڻ جو ممڪن حد تائين پورو پورو احساس ڏياريو وجي. اهو رڳو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن شهري ۽ ڳوناڻن، پراڻن توڙي نون سنڌين جي مٿير سياسي هستين جي وچ ۾ اقتدار جي ورهاست جي حوالي سان سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ڪم ٿئي. اهو خيال وِسهڻ جوڳو نه سمجهيو ويو ته سنڌ، هڪ مضبوط جمهوريت ۽ امن پري سماج جي حيثيت ۾ پاڪستان جي آئيندي تي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ بدسوڻ سوالیا نشان چڏيندي ويندي.

(چپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 07-08 جولاءِ 1992ع، بن قسطن ۾)

ليکڪ: سينيٽر پروفيسر خورشيد احمد

سنڌ ۾ للڪار

پاڪستان اڄ ڪلهه هڪ انتهائي نازڪ دَور مان لنگهي رهيو آهي. سنڌ هڪ آڙاهه ۾ اچي وئي آهي. وڏي پيماني تي بنا روڪ لاقانونيت جي ڇهن سالن کان پوءِ حڪومت قانون ۽ حڪم (امن ۽ امان) قائم ڪرڻ لاءِ فوج کي سڏ ڪرڻ تي لاچار ٿي پئي آهي.

گذريل هڪ سال ۾ رپورٽ ڪيو ويو آهي ته پُنگ لاءِ اغوا جا ٽن هزارن کان وڌيڪ واقعا ٿي چڪا آهن. ڪيترائي سَوَ ماڻهو قتل يا دائمي جڏا ڪيا ويا آهن. ماڻهن جي ڪوس لاءِ نجي فوجون ناهي انهن کي مڪمل اختيار ڏنا ويا آهن. انتظاميا ارڏانگي (نستي) ٿي چڪي هئي ۽ اها گهٽي قدر رڳو طاقتور ناجائز مفادن جي هڪ اوزار طور ڪم اچي رهي هئي. قومي نُڪتي نگاهه کان اها هڪ ڏاڍي ڳڻپيير صورتحال هئي ۽ ترت ڏيان لهڻي پئي. حڪومت ۽ مخالف ڌر جي پارٽين ۾ اميد رکي پئي وجي ته اهي پنهنجن تڪڙن سياسي مفادن کان مٿانهيون ٽيندين ۽ هن للڪار کي حقيقي قومي روح سان منهن ڏيندين.

سماج جي سولين (شهري، غير فوجي) مسئلن جي حلَ لاءِ فوجي مهم کي مناسب گهربل طريقي طور قبول نه ٿو ڪري سگهجي. تنهن هوندي به حالتون ايتريون ته خراب ٿي ويون هيون، جو ماڻهن فوجي مداخلت لاءِ ٻاڏائڻ شروع ڪيو هو. پاڪستان جي تاريخ ۾ هيءَ پهرين فوجي مهم آهي جنهن جي ملڪ جي لڳ ڀڳ سيني سياسي قوتن (سواءِ ايم ڪيو ايم جي) آجيان ڪئي آهي. تمام ٿورن، ڪجهه شرط رکڻ کان پوءِ ان جي پنيرائي ڪرڻ جو چيو آهي. تڏهن به گهڻا ماڻهو ان خيال جا آهن، ته آپريشن (مهم، وڍ ڪُٽ) اٽڪر ٿي پئي هئي. لاقانونيت، قرمار، اغوا، قتل ۽ چندي جي نالي ۾ ڏوڪڙ- ڪس کان مجموعي طرح سي ماڻهو ايڏا ته بِر بيزار ٿي چڪا هئا جو جڏهن لشڪري مهم جاري ڪئي وئي تڏهن انهن وجي ڪو سڪ جو ساهه ڪنيو.

هن مهم جو ٻيو مثبت پاسو هي آهي ته اها آئين جي اختيار هيٺ ۽ ملڪي قانوني سرشتي اندر رهندي هلائي پئي وجي. آئين ۾ جن انساني حقن جي ضمانت ڏني وئي آهي، انهن سان هٿ چراند نه ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي وري عدالتي سرشتي تي زور بار وڌو ويو آهي. پريس جي آزادي موجود آهي ۽ پارليامينٽ ۾ بحث به. قومي اسيمبلي ان تي ذري پرزي ويچار هيٺ آڻي رهي آهي. اهي مثبت پاسا آهن جيڪي هاڻوڪي لشڪري مهم کي يگانو ناهن ٿا.

اهو، بهرحال، سول لشڪري اختيارين جي ذميوارين ۾ ان هڪ پروسي جو واڌارو آڻي ٿو جيڪو قوم فوج ۾ رکيو آهي. اميد ٿي ڪجي ته ان کي بگاڙيو نه ويندو. هن مهم جي ناڪامي پاڪستان سهي نه سگهندو. ڏٺي معاف ڪري، جيڪڏهن اها سوياري نه ٿي، ته پوءِ آئين ۽ ان سان گڏ سياسي عمل جوکم ۾ پئجي ويندا. فوج جي ناماچاري ۽ عزت پڻ آزمائش هيٺ آهن. ساڳيو مسئلو سياسي قيادت سان لاڳو آهي. جيڪڏهن مهم جي نتيجي ۾ قانون ۽ حڪم (امن ۽ امان) بحال نه ٿيا، ته پوءِ ماڻهو خود فوج ۾ ايمان وڃائي ويهندا. فوج، جنهن کي اهي ملڪ جي سالميت بچائڻ وارو آخري ادارو سمجهن ٿا ۽ جيڪڏهن نااميدي (لاچار) جي حالت ۾ فوج ڏينهون ڏينهن وڌ کان وڌيڪ اختيار

ونندي وئي، تہ اهو عمل لشڪري حڪومت نھڻ ۾ آئيني سرشتي جي پڃاڙيءَ ڏانھن وني وجي سگھي ٿو ۽ ان وٽ ملڪ جي ٻڌيءَ ۽ ايڪتا لاءِ ڏاڍا خطرناڪ نتيجا ھوندا.

اھڙي وقت ۾ ٻاھرين مداخلت جو خطرو پڻ اجايو نہ ٿو سمجھي سگھجي. حقيقت ۾، ھيءَ مھم ايڏي تہ حساس ۽ ايڏي تہ ڪنن آھي جو ان جي سوپ لاءِ ھر پاسي کان ھر ممڪن جتن ڪرڻ گھرجي. ان جو اڪيلو مقصد رڳو قانون ۽ حڪم (امن ۽ امان) جي بحالي ھجڻ گھرجي ۽ جيڪي صوبي ۾ خون ريزي، لاقانونيت، ڏاڙيلپ، باھيون ڏيڻ ۽ قتلن لاءِ ذميوار آھن انھن کي اوس پڪڙڻ گھرجي. ايتري قدر جو مون پارا ماڻھو بہ جيڪي سول معاملن ۾ لشڪري مداخلت جا مخالف آھن، محسوس ڪن ٿا تہ سنڌ ۾ قوم کي ھڪ خصوصي حالت سان منھن ڏيڻو آھي ۽ اھا اسان جي دعا ۽ اميد آھي تہ پنھنجا مقصد ماڻڻ ۾ لشڪري مھم سويارو ٿئي.

جيئن تہ اسين فوج تي پروسو رڪون ٿا ۽ ان ڏانھن ھر طرح سھڪار جو ھٿ وڌايون ٿا. اھا ڳالھ ڏيان لھڻي ٿي تہ فوج نہ رڳو ھڪ ڏکي ۽ ڳوڑھي للڪار سان منھن ڏيئي رھي آھي پر ملڪ جي قيادت مرڪز توڙي صوبي ٻنھي ۾ مسئلي بابت ڏاڍي ڏُوراندیش ناھي. لشڪري آپريشن گھٽو اڳ ٿيڻ گھرجي ھا، ڇو تہ حالت گذريل ڪيترن ئي سالن کان تيزيءَ سان خراب ٿي رھي ھئي. بدقسمتي آھي جو ڪجھ مھينا اڳ تائين بہ معاملن جي ٻيڙيءَ جي سڪانُ سنياليو وينل ماڻھو ــ صدر، وزيراعظم ۽ سنڌ جي وڏي وزير سميت ــ ھام ھٽي رھيا ھئا تہ حالتون سڌري رھيون آھن، ۽ اھا ھام حقيقتن جي ابتڙ ھئي. سياسي قيادت ۾ جوان مَردیءَ (بردباري) ۽ گھربل گھڙيءَ نھڪندڙ فيصلي جي اٺھوند صورتحال کي بدتر ڪري ڇڏيو آھي.

اھا بہ بدقسمتي ئي آھي جو آپريشن گھربل کان بہ وڌيڪ گوڙ سان شروع ٿيو آھي. بھتر ائين ٿئي ھا تہ وڇڙي نموني ڪم ھلائجي ۽ معاملن کي منھن ڏجي ھا. جنھن نموني ڪم ٿيو ان ڏوھين کي حقيقي چيڀاٽ کان اڳ ئي خبردار ڪري ڇڏيو ۽ نتيجي ۾ انھن جو وڏو انگ صوبو يا مورڳو ملڪ ئي ڇڏي پڃي ويو، اھم دستاويز لڪايا ويا، مورڳو ختم ڪيا ويا ھوندا. ايتري قدر جو ھٿيارن ۽ بمن جو وڏو ذخيرو لڪايو ويو آھي. ان سڀ ڪجھ فوجي آپريشن جي اوکاڻُن ۾ واڌارو ئي ڪيو آھي.

ائين پيو ڏيکارجي تہ انتھائي مٿين حڪومتي قيادت بي يقينيءَ ۽ گڙبڙ ۾ ڦاٿل آھي. اھو ٻڌايو ويو آھي تہ اھم فيصلا جنرل ھيڊ ڪوارٽرز ۾ 19-مئي 1992ع تي ڪيا ويا 21-مئي 1992ع تي مھراڻ رينجرس کي چرپر ڪرائي وئي ۽ رسمي اعلان اجا بہ پوءِ 28-مئي 1992ع تي ڪيو ويو. ھڪ لشڪري ترجمان تازيءَ بريفنگ (مختصر ڳالھ يا سمجھاڻيءَ) ۾ ٻڌايو تہ حقيقي آپريشن 25-جون 1992ع تي شروع ٿيو ــ اھو سڀ ڪجھ ڏاڍو منجھائيندڙ آھي.

ڇڪ اھا سموري مونجھ بہ ڪجھ نہ ھئي، جو وزير لشڪري مھم جي قانوني پاسن بابت متضاد ۽ منجھيل بيانن ۽ وضاحت سان نڪري نروار ٿيا.

شروع ۾، اندرين معاملن جو وزير پاڪستان پينل ڪوڊ (پاڪستان ڏوھي قاعدو) جو سيڪشن 131-اي ڪٽي آيو، اھو ڇاڻڻ کان سواءِ ئي، تہ اھو سيڪشن ھاڻي قانون-ڪتاب ۾ رھيو ئي ناھي. نيٺ آئين جي آرٽيڪل-147 جي شڪل ۾ وضاحت ظاھر ٿي. ان ھوندي بہ ڪيترن ئي پاسن کان آيل بيان ٻڌائن ٿا تہ فوج جيڪي حقيقي اختيار ھلائي پئي، اھي آرٽيڪل-245 ھيٺ اچي وڃن ٿا، جنھن کي اجا ظاھر نہ ڪيو ويو آھي. بچاءَ لاءِ پيداوار جو وزير ھڪ اھڙي بيان سان ميدان تي آيو آھي جنھن آپريشن جي غيرجانبداريءَ ۽ معروضيت بابت شڪ شبھا پيدا ڪري ڇڏيا آھن. ايم ڪيو ايم، جنھن جي

جوڙيل اذيت گهرن ۾ ٻين ڪنور ڏوهن بابت عوامي سطح تي جاڻ ڏني وئي آهي، ايا سوڏو وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ حصيدار آهي. ان جي سڃي قيادت، جيڪا هيبتناڪ ڏوهن لاءِ ذميوار آهي، جيئن هاڻوڪي ۽ اڳوڻي چيف آف آرمي اسٽاف بيان ڪيو، ايا تائين حڪومت جو مانو (ڳجهو) بچاءُ ماڻي رهي آهي.

اها ڳالهه پڻ ڌيان لهڻي تي ته انهن ماڻهن سامهون جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو خود ماضيءَ ۾ به ڪو راز نه هو ۽ چيندڙ سچ اهو آهي ته اهي سول حڪومتن جي بچاءَ (چانوَ، ڍڪ) هيٺ ڪم ڪري رهيا هئا، پوءِ اها حڪومت بينظير ڀٽو هيٺ پ پ پ جي هجي يا هاڻوڪي. جيئن ته ايم ڪيو ايم قيادت انهن ڏوهن بابت ذميوار سمجهي وجي ٿي، تنهنڪري ڇا مرڪز توڙي صوبي ۾ اڳوڻي توڙي هاڻوڪي حڪومتن کي سندن ڏوهن ۾ شريڪ هجڻ بدران بيڏوهه سڏي سگهي ٿو؟ ماڻهو جام صادق-ايم ڪيو ايم حڪومت جي اڳوڻي صلاحڪار ، جيڪو ايا تائين ساڳي سرڪاري حيثيت رکي ٿو، جي ڪنٽرول هيٺ سي آءِ اي جي اذيت گهرن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو پئي، ان بابت پڻ پريشان آهن. اهو ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي ته ماڻهن کي، ملڪ جي ڪجهه ٻين حصن جيان سنڌ ۾ به ايم ڪيو ايم، پي پي آءِ، پ پ پ، جيئي سنڌ ۽ ٻين پاران ڏهڪايو ويو آهي ۽ حڪومت ماڻهن جي حياتي، ملڪيت ۽ عزت محفوظ رکڻ ۾ پوريءَ طرح ناڪام ٿي وئي آهي.

ڪراچيءَ جي اذيت گهرن جي ڪهاڻيءَ سڃي قوم کي شرمندگيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي ۽ اهو پڻ ڏاڍو ڏکوئيندڙ هوندو جيڪڏهن انهن ڏوهن کي همتائيندڙ (وڌائيندڙ) ۽ انهن جا ڪندڙ ۽ اهي پڻ جن ڏوهين کي بچاءُ ڏنو، ڪنهن به فرق کان سواءِ پڪڙيا ۽ سزايا نه ڏا وجن.

ڪيترن ئي بد-اتفاق، آپريشن تي شڪ جي ڪاهه چاڙهي ڇڏي آهي. انهن مان وڌيڪ اهم تنبي بهاول وارو دڪدائڪ واقعو آهي. ساڳيءَ طرح لشڪري حراست ۾ آيل ماڻهن جو موت آپريشن تي داغ آهي. فوجَ تنبي بهاول ڪيس ۾ پنهنجي چُڪ مڃي هڪ سنو مثال قائم ڪيو آهي. ان ڪري عوام جو پروسو بحال ٿيو آهي. فوج انهن واقعن کي خبرداريءَ جو چتاءُ سمجهي، ۽ ته اهڙين غلطين جو ورجاءُ آپريشن تي اثر وجهندو ۽ فوج جي ناماچاريءَ کي ڏڪ رسائيندو.

جيئن ته قانون ۽ حڪم (امن ۽ امان) جي بحالي لشڪري مهم جو پهريون مقصد آهي، تنهنڪري لشڪري اختياريءَ وارن جو اهوئي نج مرڪزي نقطو رهڻ گهرجي. سنڌ مسئلو سياسي ۽ سماجي-اقتصادي للڪارن کي، جيڪي ان جو پيڙهائتو ڪارڻ آهن، منهن ڏيڻ کان سواءِ حل نه ٿو ڪري سگهجي. مسئلو ڏاڍو ڳٽيل (چيڙهالو) آهي، ان کي امن امان جو رڳو هڪ سادڙو مسئلو سمجهي حل نه ٿو ڪري سگهجي. سنڌ جي ماڻهن ڏاڍا ڏک ڏٺا آهن. جيڪي حڪمرانيءَ ۽ معيشت جي شعبن ۾ ڏڳهي محروميءَ جي ڪري وڌيڪ چيڙهالا ٿي ويا آهن. سنڌ کي هڪ خصوصي حالت سان منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي. اها هيءَ ته ان جي لڳ ڀڳ اڌ آبادي انهن ماڻهن تي ٻڌل آهي جيڪي پارت يا ملڪ جي ٻين حصن مان لڏي آيا آهن.

ڪا به اهڙي سنجيده ڪوشش نه ٿي آهي، جنهن وسيلي آبادييءَ ۾ وڏي ثقافتي ۽ سماجي ميل ميلاپ جي راهه ڪڍجي ۽ هڪ بي ڏانهن رچيل ويساهه پيدا ڪجي. اها هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا شروع ۾ ته موجود هئي پر سالن کان وني گندي ٿيندي رهي آهي بدقسمتيءَ سان اها نسلي ۽ لساني اپ-قومپرستي جي صورت ۾ ظاهر ٿي آهي. 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ جاري ڪيل زرعي سڌارا ڇڳيءَ طرح لاڳو نه ڪيا ويا جنهن جي نتيجي ۾ هارين ۽ بي زمين سرڙين جي بدحالي رحم

جوڳي ٿي وئي. نئين بيراجن جي جڙت جي نتيجي ۾ آبادي‌ءَ هيٺ آيل ٻنيون اهڙي‌ءَ طرح نه ورهايون ويون آهن جو مقامي آبادي‌ءَ کي مطمئن ڪري سگهن. ڳوٺاڻي سنڌ جي صنعتڪاري نه ٿي آهي. ايتري قدر جو بنيادي سهوليتون (حق) ٻه آبادي‌ءَ جي وڏي حصي کي مليل نه آهن.

شهرائي سنڌ پڻ ڏاڍن وڏن مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. خاص طور تي تعليمي سهوليتن ۽ روزگاري-موقعن جي ڪوٽ واري سلسلي ۾، حقيقت ۾ نوجوانن جي بيروزگاري، شهرائي توڙي ڳوٺاڻي سنڌ ۾ هڪ جهڙي، وڏن مسئلن مان هڪ آهي. ان نوجوانن کي منفي ۽ سماج-مار چرپر ۽ سرگرمي ڏانهن ڌڪڻ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪيو آهي.

ووٽ (عوامي راءِ) جي پوترتا پڻ مختلف طريقن سان بيمان ڪئي وئي آهي ۽ ماڻهن کي احساس ٿي ويو آهي ته اهي اهڙي حالت ۾ ناهن جو پنهنجي آئيندي جو فيصلو پاڻ ڪري سگهن. محروميءَ جو احساس مارشل لا جي ڊگهي ورجاءَ سبب گهرو ٿيو آهي. ان جا پويان-اثر اڄا تائين ماڻهو محسوس ڪري رهيا آهن. اهو سڀ ڪجهه هڪ اهڙي‌ءَ سياسي سوڪڙي‌ءَ جي ڪُهر ڪري ٿو جيڪا چيڙهالي مسئلي جي سيني پاسن کي صحيح نموني حل ڪري سگهي. فوج اهڙي سوڪڙي نه ڏئي ٿي سگهي ۽ نه ئي وري ان کي اهڙي ڏنڊي ۾ ڦاسي پنهنجون آڱريون ساڙڻ گهرجن. فوج کي پنهنجو جتن رڳو قانون ۽ حڪم (امن ۽ امان) جي بحاليءَ لاءِ سيڙائڻ گهرجي. اها ذميواري سياسي پارٽين جي آهي ته صوبي کي سياسي ۽ معاشي گهوٽالي مان ڪڍڻ لاءِ پيشقدمي ۽ اڳواڻي ڪن. اهي ئي آهن جيڪي قومي سرچاءُ ماڻڻ لاءِ سوڪڙي ڳولي ڪڍن. گهوٽالو رڳو ان حال ۾ حل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن سياسي حقن جي ضمانت ڏني وجي ۽ ماڻهن کي اها پڪ هجي ته سندن مسئلا بنا ڪنهن تفريق جي حل ڪيا ويندا.

اها ڳالهه ضرور محسوس ڪرڻ گهرجي ته اهو رڳو سياسي سرشتو (عمل) ئي آهي جنهن وسيلي اهي مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا. بهرحال، اهو واجب آهي ته جن ماڻهن سياست کي زور بار وسيلي يا نجي فوجون منظم ڪرڻ وسيلي يا لساني، نسلي يا فرقيوارانه جذبا پڙڪائڻ وسيلي پنهنجي مفاد ۾ ڪم آندو آهي، انهن کي سختيءَ سان دٻايو وجي ۽ ان سان گڏ حقيقي سياسي ۽ معاشي ڏاکڙا به ذهانت سان ئي حل ڪرڻا آهن. تشدد جي سياست کي ختم ڪرڻ ئي صحتمند سياسي عمل جو منڊ آهي.

سياسي سائنسدان چگي‌ءَ طرح ڄاڻن ٿا ته لشڪري قوت جو واهپو ڪجهه سياسي دوکن (وڏين ڇُڪن، ٻلنڊرس) کي عارضي طرح نيڪ ڪري سگهي ٿو، پر ملڪ جي صحتمند حڪومت هلائڻ لاءِ فوجي قانون (لشڪري حڪمراني) کو متبادل ناهي. حڪومت ۽ مخالف ڌر جي پارٽين کي ڪنهن به حالت ۾ هن للڪار ڏانهن مثبت موٽ ڏيڻ گهرجي.

منهنجي سوچ موجب لشڪري مهم جي سوپ ڪيترن ئي قدمن تي دارومدار رکندي ۽ آڻ انهن مان ڪجهه وڌيڪ اهم قدمن جي نشاندهي ڪرڻ پسند ڪندس:

1. آپريشن هر حالت ۾ پوري‌ءَ طرح بي ريا، ايماندار ۽ سياسي طرح غيرجانبدار هئڻ گهرجي. ڪنهن هڪ ٽولي جي مدد ڪرڻ ۽ ٻين تي ڏنڊ ڏوهه مڙهڻ جهڙي عمل ۾ اها شڪتي آهي جو سڄي آپريشن کي بي اثر ڪري سگهي. توهان ڪنهن جي چوند ڪري پوءِ ان سان انصاف ڪيو، ائين ٿي نه ٿو سگهي. اندرين معاملن جي وزير پنهنجا انديشا ظاهر ڪيا آهن ته سندس پنهنجي‌ءَ پارٽي‌ءَ جا ڪي وزير متان پنهنجون وفاداريون تبديل ڪن، جيڪڏهن انهن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وئي، جيڪي

سندس تحفظ هيٺ آهن. ان قسم جي چوند انصاف کان وڌيڪ موتمار ٻي کا بہ شيءِ ٿي نہ ٿي سگھي. ڏوهاري، جتي بہ آهن ۽ جنهن بہ پارٽي ۾ هجن، سزا هيٺ اچڻ گهرجن. سول آبادي‌ءَ خلاف، ايم ڪيو ايم، ڪيترن ئي سخت ۽ هاجيڪار ڏوهن جي ذميوار رهندي آئي آهي. ٻين ڪيترن سان گڏ جماعت اسلامي ۽ اسلامي جمعيت طلباء جي ڪارڪنن ان (ايم ڪيو ايم) جي ڪري پئي لوڙيو آهي.

جڏهن اسين محسوس ڪيون ٿا تہ انصاف ضرور ڪيو وڃي، تان جو ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن سان بہ، پوءِ ڇو نہ اهو ايم ڪيو ايم جي عام وهڪري ۾ هجي يا ان جي منحرفن (مخالفن) ۾. ڪير بہ ذميوار هجي ۽ تشدد جي سياست ۾ ملوث هجي، ان کي بنا ڪنهن امتياز جي بند ڪرڻ گهرجي. ساڳي‌ءَ طرح، ڪنهن بہ پارٽي‌ءَ سان واسطيدار ماڻهو، پوءِ حڪومت ۾ هجن يا مخالف ڌر ۾، جيڪو تشدد جي سياست ۾ ملوث آهي قانون موجب سزا هيٺ اچڻ گهرجي. جڏهن تہ بنا ڪنهن فرق جي ڏوهاري عمل جاري رکندڙ کي سزا ڏيڻ هن آپريشن جو وڏو مقصد آهي. تنهنڪري هر ممڪن احتياط ڪيو وڃي تہ ڪو بہ بيگناهہ ماڻهو، پوءِ پلي هو ڪنهن تشدد ڪندڙ سياسي پارٽي‌ءَ سان ئي واسطيدار ڇو نہ هجي، ڪيس هن عمل هلندي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ پهچڻ گهرجي. ساڳي‌ءَ طرح ٽولن ۾ امتياز ۽ هڪَ ٽولي کي ٻي خلاف استعمال ڪرڻ هن آپريشن جي يڪجهتي‌ءَ تي اثر وجهندو. اهڙن عملن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

2. آپريشن جي ڪاميابي پنهنجو گهڻو دارومدار اطلاعن جي درستي‌ءَ ۽ اطلاع ڏيندڙ وسيلي جي مؤثر هجڻ تي رکي ٿي. سوير ئي ٿي ويل غلطيون، ائين ٿو لڳي تہ لڳ لڳاپي (ڳنڍيپ، ڪميونيڪيشن) ۾ ناڪامي‌ءَ ۽ ڪجهہ ناجائز مفادن پاران عهدي جي غلطڪاري‌ءَ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيون آهن. ان قسم جا ناجائز مفاد رکندڙ پوليس، سِول انتظاميا ۽ سياسي پارٽين ۾ موجود آهن. فوج کي انهن بابت هوشيار رهڻ گهرجي ۽ پنهنجي‌ءَ مهم لاءِ پنهنجا سڌا اطلاع ڏيندڙ وسيلا جوڙڻ گهرجن.

3. احتساب جو عمل بنا پڇڙي‌ءَ، اثرائتو ۽ ڪليل رهڻ گهرجي. ان جو مطلب آهي تہ پريس آزاد، پر ذميوار هجڻ گهرجي. اسين هڪ ڳڻپير قومي صورتحال (بدحالي) ۾ قاتل آهيون ۽ اهڙي وقت ۾ پريس پاران ڪوبہ بگاڙو يا جانبداري‌ءَ جو اظهار جوکائتو ٿيندو. پريس جي آزادي اٽنر (ضروري) آهي. عوام پاران احتساب جو اهو هڪ اهم فورم (بحث جي جاءِ) آهي. ساڳي‌ءَ طرح قومي اسيمبلي‌ءَ ۽ سينيٽ جي گڏجاڻي جاري رهڻ گهرجي، اهڙي نموني جو سياسي احتساب جو سرشتو ناهڻ جي سلسلي ۾ سندن عمل وڌيڪ ڪليل (پڌرو) هجي. اهو ڏاڍو اهم آهي تہ آپريشن ۽ ان جي نتيجن بابت لوڪ کي لکا پوندي اچي. اهو عمل آپريشن جي سوپ کي يقيني ڪندو. هڪ سبق، جيڪو اسان کي اڳوڻين اوپر پاڪستان ۽ بلوچستان وارين لشڪري مُهمن مان سکڻ گهرجي، هي آهي تہ جيستائين فوج کي عوام ۽ سندن سرگرم سهاري جو ڏڍ مليل ناهي، تيستائين اهڙيون مهمون سوياريون ٿي نہ ٿيون سگهن. فوج جو عوام سان لاڳاپو ۽ انهن کي اطلاعيل رکڻ پروسي ۽ سهڪار جو اهو روح برقرار رکڻ ۾ مدد ڏيندو. احتساب فوج ۾ ماڻهن جو پروسو ۽ ايمان اجا بہ وڌائيندو.

4. وقت جو جزو پڻ ڏاڍو اهم آهي. آپريشن مختصر ۽ تکڙي هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ان کي حد کان وڌيڪ اينگهايو ۽ ڊيگهاريو ويو تہ پوءِ متان اها فوج کي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي ڇڏي. آپريشن، ڳوٺن توڙي شهرن ۾، هر ممڪن ٿوري وقت اندر پورو ڪري ونجي ــ فوج کي اها صلاح ٿي ڏجي.

5. فوج کي اهو پڻ ڏسڻ گهرجي ته حياتيءَ جو نقصان گهٽ کان گهٽ ٿئي. آپريشن جي ڊگهو عرصو اثر رکندڙ، سوپ تڏهن هوندي جو ڏوهارين کي جيئرو پڪڙجي ۽ انهن کي واجبي سزائون ڪورٽ وسيلي ملن، خصوصي ڪورٽن سميت، جيڪي ٻارهين ترميم هيٺ قائم ڪيون ويون آهن.

6. غير قانوني هٿيار ۽ بارود ۽ بم هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍي ڊِر پئي ٿئي. گذريل ڏهن سالن کان سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ڪم ڪندڙ نجي فوجن وٽ موجود ناجائز هٿيار جو رڳو ٿورو حصو ڳوليو ويو آهي. ناجائز هٿيار پڪڙڻ آپريشن جو اهم نشانو هئڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح ٻيلن سان گڏ ڏاڙيلن ۽ پرڏيهي ايجنٽن جي شهري پاڙن جي صفائي وڏو مقصد هجڻ گهرجي. نجي فوجون ۽ زير زمين تنظيمون هن آپريشن دوران پوريءَ طرح ناس ٿيڻ گهرجن.

7. اهو به اهم آهي ته جيڪي ڏوهاري سنڌ مان پنجاب يا بلوچستان ڏانهن ڀڄي ويا آهن، انهن کي پڪڑيو وڃي ۽ ملڪ جي ٻين حصن سان گڏوگڏ پارٽ مان به هٿيارن ۽ بارود جي پهچ جون راهون بند ڪيون وڃن.

8. ٻي ڏيان ۾ رکڻ جوڳي ڳالهه، جيڪا فوجي قيادت جي ذهن ۾ هجڻ گهرجي، اها هيءَ ته آپريشن جي رٿابندي اثرائتي ۽ چٽي هجڻ گهرجي. اهو اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪيڏ جي اصولن کي چوٽيءَ جي عملدارن وٽ به چٽو رکيو وڃي ٿو، پر اهي اصول انهن بنيادي ڪارڪنن تائين صحيح نموني نه ٿا پهچايا وڃن، جيڪي عام ماڻهن سان سڌي واسطي ۾ اچن ٿا. هن قسم جي آپريشن ۾ گهٽو سيڪ نان ڪميشنڊ آفيسرن، صوبيدارن ۽ جوانن کي اڇي ٿو. اهم آهي ته انهن بنيادي ڪارڪنن کي ڪيڏ جا قانون چڱيءَ طرح سمجهايا وڃن ۽ اهو به ٻڌايو وڃي ته عوام سان رويو ڪهڙو رکن. اهو سندن سچائي (ايمانداري) ۽ همدردانه رويو ئي آهي، جيڪو فوجي آپريشن جي حمايت ۾ ماڻهن جون دليون کٽي سگهندو، ٻيءَ حالت ۾ کين انهن کي پري ڌکي ڇڏيندو. اهو ڪارڪن لڏو ئي فوج جو حقيقي نمائندو (ايلچي، سفير) آهي ۽ جنهن انداز ۾ کين رويو رکندي عوام محسوس ڪندا ته اِهي کين ئي بچائيندڙ آهن ۽ ميدان ۾ ان کري لٽا آهن جو کين ڏاڙيلن ۽ نجي فوجن کان محفوظ رکي سگهن. منهنجي راءِ آهي ته فوجي قيادت کي منهنجين هنن گذارشن تي گمبير ڏيان ڏيڻ گهرجي.

آخر ۾، فوجي آپريشن جي سوپ لاءِ دعا گهرندي، اهو صاف ڪرڻ ٿو گهران ته فوج کي پنهنجين ڪوششن جو خاص ڏيان قانون ۽ حڪم (امن ۽ امان) جي بحاليءَ ۽ ڏاڙيلن ۽ ڏوهارين کان سماج کي پاڪ ڪرڻ تي سيڙائڻ گهرجي. جيستائين سماجي ۽ سياسي سوڪڙيءَ جو واسطو آهي اها ملڪ جي سياسي پارٽين ۽ قومي قيادت جي ذميواري آهي. اها رڳو فوج نه آهي، جيڪا آزمائش ۾ هجي. سڄي ملڪ جي سموري سياسي قيادت پڻ آزمائش هيٺ آهي ۽ اميد رکان ۽ دعا کيان ٿو ته سياستدان پنهنجي پارٽي مفادن کي مٿانهان ٽي رڳو قومي مفاد ۽ اثرائتي ابتدا جي سلسلي ۾ سوچيندا ته جيئن سياسي گهوٽالو حل ڪري سگهجي. مسئلن جي ذميوار سببن جي خاتمي لاءِ پروگرام تيار ڪري سگهجي ۽ هڪ اهڙي سياسي بندوبست تي پهچي سگهجي جيڪو تشدد جي سياست ختم ڪري ۽ صوبي کي آئين ۽ صحتمند سياست جي اصولن موجب هلڻ لائق بنائي.

(چپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 16 ۽ 21 آگسٽ 1992ع، ۾ قسطن ۾.)

ليکڪ: سليم احمد خان

اهنجي ڏرتي سُورهَه ساري ٿي

ڪراچي ــ ”روشنين جو شهر“ ــ باقي ملڪ جي پيٽ ۾ سدائين نرالي سياسي وات تي هلندو رهيو آهي. ملڪي گادي هجڻ جي مرتبي کان محروم ٿي وڃڻ جي باوجود ان پنهنجو رتبو واپاري ۽ صنعتي مرڪز جي حيثيت ۾ برقرار رکيو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو پناڻ ۽ پنجابي وڏي ڳڻپ ۾ هتي پهچن ٿا، جيئن اهي روزگار هٿ ڪري سگهن، جن لاءِ سنڌي مناسب لياقت رکندڙ نه هئا. پارٽ ڇڏيندڙ لاڏائن جو هڪ وڏو انگ، جن کي عام طرح ”مهاجر“ ڄاتو وڃي ٿو، اڳ ئي ڪراچيءَ ۾ وسي چڪا هئا. نتيجي ۾، سنڌين پنهنجو پاڻ کي خود پنهنجي ئي صوبي جي مَها شهر ۾ اقليت ۾ بدليل پاتو. جڏهن اهي پنهنجي اڪثريت حيدرآباد ۽ سکر ۾ پڻ وڃائي وينا، تڏهن انتهائي قومپرستَ (الٽرا نيشنلسٽ) صورتحال کي پنهنجي فائدي ۾ اڇالڻ لائق ٿي سگهيا.

جماعت اسلامي ۽ جمعيت علماء پاڪستان هنن ٽن شهرن ۾ چوندن جي لحاظ کان هڪ هٿي پئي رکي، تعليمي ادارن ۾ هٿيار هلائڻ (هٿياربازي) جو اعزاز اٽٽر نموني جماعت اسلاميءَ ڏانهن وڃڻ گهرجي. سندس شاگرد محاذ ــ اسلامي جمعيت طلباء ــ هٿياربندن جو هڪ پڪو مرڪز ناهي ورتو، جنهن کي ٽنڊر اسڪئاڊ (گجگوڙي يا ڏهڪائيندڙ جٿو) سڏيو ويندو هو. الطاف جي بنيادي سکيا ان جَٿي ۾ ٿي. چيو وڃي ٿو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ جي فارميسي شعبي ۾ داخلا ونندڙ 12 شاگردن ۾ اڪيلو شاگرد-اڳواڻ هو، جنهن سمورن مقرر معيارن (ڪسوَٽين) جي خلاف داخلا ونڻ لاءِ دين (شعبي جي مٿين عهديدار) کي چيو، نه مڃڻ جي صورت ۾ هيبتناڪ نتيجن جي ڌمڪي ڏني. اهو 1975ع ۾ ٿيو.

هن پنهنجي سرتن (جيڏن) ۾ داخلا ونندي، ٽيندڙ تڪليفن خلاف ۽ سرڪاري نوڪريون ونڻ لاءِ ڪوٽا سسٽم ۾ نوڪريءَ جي عام اٺهوند خلاف نهڪندڙ اهنجن کي پرکي ورتو.

سندن ڏڪ ڏور ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جي ڪري، سندن مذهبي قيادت ڏانهن مقرر سوچون ڦٽي پوڻ سبب اهو احساس ايجا بہ وڌيو. هُن ان حالت ۾ نئين قيادت لاءِ هڪ عجيب وجهه کي سوجهي ورتو ۽ 1978ع ۾ آل پاڪستان مهاجر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (اي.پي.ايم.ايس.او) جو پايو وڌو، جيڪا ايتري ئي هٿياربند هئي، جيتري اسلامي جمعيت طلباء. پيپلز پارٽي ۽ سنڌي قومپرست ٽولن پوئواري ڪندي پنهنجن پنهنجن شاگرد محاذن کي هٿيار بند ڪري ڇڏيو. اسلامي جمعيت طلباء جي سختگيرن (چورن، غندن) ترت ئي الطاف کي يونيورسٽيءَ مان تڙي ڪڍيو ۽ هو مجبور ٿي پيو ته پنهنجي قسمت يونيورسٽيءَ حدن کان ٻاهر آزمائي، جنهن جي نتيجي ۾ مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) ٺهي.

ايم ڪيو ايم، ڪجهه پارکن جي چوڻ موجب، ٻين برادرين (پنچايتن، حقيقي قومن) کان سپ ڪجهه کسي مهاجر مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ناهي وئي. اُن (ايم ڪيو ايم) سيني جي مفاد لاءِ پتوڙڻ جي ورلي ڪا پچار ڪئي هوندي. سندن ڏڪ ڪيترا صحيح (جائز) آهن، ان بابت رايا مختلف آهن. اهو پرکي سگهجي ٿو ته ڪراچيءَ جي وڏن لوڪار (پبلڪ) شعبن ۾ ڪيتريون ئي ٽريڊ يونينون ايم ڪيو

ايم جي قبضي هيٺ هلن ٿيون. ۽ ان ڪري انهن تنظيمن وٽ جيترا ٻه روزگار جا موقعا آهن، انهن ۾ مهاجرن کي بهترين حصو مليل آهي.

نجي شعبي ۾ نوڪري ڏيندڙن مان گهٽا خود پنهنجي مفاد ۾ اهو وڌيڪ پسند ڪندا آهن ته نسلي گڙ ڳوت ڪرڻ بدران لياقت جي بنياد تي پرتي ڪن، جيئن ته رسمي طرح مهاجر وڌيڪ پڙهيل آهن، تنهنڪري اهي انهن شعبن ۾ وڏو حصو ونندا آهن. اهي مرڪز توڙي صوبي ۾ اوچي سطح جي ڪامورڪن عهدن تي ٻه ڳڙپ جوڳو انگ والاريو وينا آهن. اڪيلي رندڪ، جنهن جي اهي شڪايت ڪري سگهن ٿا، اها هيٺين سطح جي سرڪاري نوڪرين ۾ ڪوٽا سرشتي جي هئي. هتي پڙ، سنڌين کي آبادي۽ جي سيڪڙي واري بنياد تي مليل حقن کان محروم ڪرڻ لاءِ اهي پاڙ کي اخلاقي طرح ٻه صحيح نه ٿا سڏي سگهن.

تنهن هوندي ٻه الطاف ٿوري عرصي ۾ هڪ ئي پوائتي تنظيم جوڙي سگهڙ جي لائق ٿي ويو. هن کي انبوهه اٿارينڊ جي حيثيت ۾ سجاتو وجي ٿو ۽ تنظيم ڪرڻ جي زبري ذات رکي ٿو. بهرحال، ملڪ جي ٻين پارٽين جيان، ايم ڪيو ايم جا دفتري (آفيس هلائيندڙ) چونديا نه ويندا آهن. اهي پاڙئون چوندبيل "الطاف-وفادار" هوندا آهن.

جيئن ته ڪراچي ڪُهني ٽرانسپورٽ مسئلي مان گذرندي ئي رهندي آهي ۽ گهٽا ٽرانسپورٽر پناڙ ۽ مسافر مهاجر هوندا آهن، ان ڪري سندن وچ ۾ ڏند چَڪ هر هر ٿيندي رهندي آهي.

الطاف ان صورتحال کي پنهنجي فائدي ۾ ڦيرايو ــ پناڙ ٽرانسپورٽر خلاف مهاجر (مسافر). هن حقيقي وجهه مارچ 1985ع ۾ هڻ ڪيو، جڏهن بشريٰ زيدي گاڏيۡ جي چيپيٽ ۾ اچي وئي. (اتفاق آهي جو ڊرائيور بابت فيصلو مس وجي گذريل سال، 1991ع ۾، ٿي سگهيو ــ اهو ته آهي ترت انصاف!) ڪراچي ۾ قيامت برپا ڪئي وئي، پر جيئن ته پناڙ روايتي طرح هٿياربند رهندا آيا آهن. ان ڪري ايم ڪيو ايم نسبتن نقصان ۾ رهي. ان کان پوءِ الطاف جي بدنام تقرير ميدان تي آئي، جنهن ۾ مهاجرن کي پنهنجيون ٽِي وِيون ۽ وِي سِي آر وڪڻي ڪلاشنڪوفون خريدڻيون هيون، جنهن جي نتيجي ۾ ايم ڪيو ايم جو لشڪري محاذ ــ بلئڪ ٽائيگرس (ڪارا واگهه) ٺهيو.

عامر ۽ آفاق، هاڻي "حقيقي" بلئڪ ٽائيگرس جا ڪماندر پئي سمجهيا ويا.

ايم ڪيو ايم ڪارڪن لڏو وچين طبقي جي پڙهيل نوجوانن تي ٻڌل آهي، جن تنظيمي ضابطي جو مثال قائم ڪيو آهي. جيئن ته ان جي اڏاوت لاءِ پاڪستان جي گهڻ گهرن پاران هڪ جوشيلي هٿي مليل هئي، تنهنڪري ان وڏيرن ۽ چوڌيرن کي نيڪالي ڏيڻ جي جدوجهد ۾ ملڪ جي ٻين حصن لاءِ مهائي (اڳواڻ، روشني ڏيڪاريندڙ) جي شڪتي رکي پئي.

تحريڪ (موومينٽ) "قومي" ۾ بدلائڻ واري الطاف جي خيال جي جتي ڪٿي پليڪار ڪئي وئي. پر افسوس! تحريڪ جمهوري جدوجهد جي راهه کان ٽِڙي فاشزم جي راهه تي هلي پئي. ان جي ڪارڪنن حد جي دڪاندارن ۽ ٻين شهر واسين کان پستول جي زور تي پَتو اڳاڙڻ شروع ڪيو. ان مان "مرڪز" ۾ ڪيترو ٿي پهتو ۽ ڪيترو حصو نوجوانن اُڏائي ڇڏيو ٿي، ان جو ڪاٿو هر هڪ پاڙ کري. "مرڪز" ان جو ڪجهه حصو ته خيراتي واهپي لاءِ رکيو ٿي، پر وڏو حصو ڏسجي پيو ته هٿيارن جي خريد تي خرچ ٿي ٿيو. دولت گڏ ڪرڻ جي ان سهنجي طريقي نوجوانن جي رهنمائي پنهنجون "ڪورٽون" اذيت گهر ۽ قيدخانا ناهڻ ڏانهن ڪئي.

ٿورڙن سالن ۾ ئي اهي ڪارڪن طاقت جي نشي ۾ ايڏا ته مست ٿي ويا جو اهي رياست اندر پنهنجي رياست ناهي ويهي رهيا. جيئن هڪ هاڪاري صحافيءَ لکيو ته "ايم ڪيو ايم شهرائي سنڌ ۾ سِڪو ۽ پاسپورٽ جاري ڪرڻ کان سواءِ باقي انتظاميا جي هر شعبي کي ڪنٽرول پئي ڪيو."

ڪراچي پريس ڏمڪائي (گيدِي ڪئي) وئي ۽ بِي بِي سِي جي نمائندو تڙپايو ويو. الطاف هاڻي انهن خطائن جو الزام "حقيقيُن" تي هٽي ٿو، پر انهن (حقيقن) کي جڏهن تنظيمن مان ڪڍيو ويو، تڏهن هن (الطاف) اذيت گهرن کي ناس ڪرڻ لاءِ چا ڪيو؟ بي پاسي "حقيقي" جيڪي هاڻي دعوا ٿا ڪن ته اهي (اذيت گهر) الطاف جي دماغ جي پيداوار آهن، جيڪڏهن کين دهشتگرد سرگرمين سان اتفاق نه هو ته پوءِ اهي پرمتڙي تنظيم کي ڇڏي ڇو نه ويا؟

معاملن کي وڌيڪ خراب ڪندي، الطاف پنهنجن پوئلڳن وٽ سچو پچو اِلَهڙو (ديوتا، خدا) ٿي پيو. جيڪڏهن هَن هڪ آگر ٿي اپي ڪئي ته لکن جو انبوهه مان ۾ پئجي ٿي ويو. هر ماڻهوءَ، وزيراعظم ۽ وڏي وزير سميت جيڪڏهن هن سان ملڻ گهريو پئي ته پاڻ هلي اچي حاضري ٿي ڀريائين. الطاف، جيڪو پنهنجي روزاني خوراڪ طور ٻن سموسن ۽ چانهه جي هڪ ڪپ کان وڌيڪ سَهي نه ٿي سگهيو ۽ اڇ وڇ موٽر سائيڪل تي پاڙيندڙ هو، هاڻي پجيرن جي گهيري ۾ هو ۽ ڪيس هٿياربند نگهبانن جي ٽولي جي گهرج پئجي وئي. سندس موجودگيءَ ۾ ڪنهن کي به ڳالهائڻ جي همت نه ٿيندي هئي، تان جو ڪيس اهڙي موڪل نه ملي.

جيڪڏهن (ذوالفقار علي پُٽي) صنعتي ضابطي کي تباهه ڪيو، ته الطاف وري مهاجر نوجوانن کي بندوق ڪٽندڙ سختگير (چورن) ۾ بدلائي ڇڏيو. مهاجر، جائز طرح پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ قانون ۽ حڪم (امن ۽ امان) سان وفاداريءَ تي فخر ڪندڙ هئا. انهن مان ڪيترائي پرت (حصا) هاڻي تشدد جي پوڄارين ۾ بدلجي ويا، پر مهاجرن تي الطاف جي پڪڙ ايتري ته مضبوط هئي جو سرتا (باهوش، سنجيدهه) ماڻهو به هن تحريڪ سان همدردي ڪرڻ لڳا.

ڪراچي تي قبضو رکڻ لاءِ ايم ڪيو ايم پوليس سان ڏي وٺ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ڪوشش ۾ ان حد تائين پهچي ويو جو پنهنجا نامزد ماڻهو پرتي ڪرائي سگهي ۽ سندن واري کان سواءِ ئي کين ترقي ڏياري سگهي.

تان جو سندن ننڍن دفترين (آفيس هلائيندڙن) کي به انتظاميا پاران پوليس موبائيل گاڏيون ڏنيون ويون. ماڻهو ترت ئي قانون نافذ ڪندڙ ايجنسين ۾ ايمان وجائي وينا ۽ جڏهن به اهي مدني (سوڪ) مسئلن ۾ ڦاسي پوندا هئا، جيئن پاڻيءَ جي ڪوٽ، بجليءَ جي ڦوٽ ۽ ٽرانسپورٽ جي گپاگيهه، تڏهن اهي انهن کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ قانون پنهنجن هٿن ۾ رکندا هئا، ۽ جاڻي ورتائون ته ائين ڪم ٺيڪ ٿئي ٿو. حڪومت جو حڪم هلڻ بند ٿي ويو.

1986ع ۾ هٿياربند سگهه جي آزمائش ڪئي وئي، جڏهن ايم ڪيو ايم جي اڳواڻيءَ هيٺ حيدرآباد ويندڙ جلوس (سرگس) سهراب گُوٺ جي پناڻن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ڪئي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ تي حڪمراني غوث علي شاهه جي هئي، جنهن جي دَور ۾ وڏا ڏوهاري سکر جيل مان پڄي ويا ۽ ڏاڙيلپ چگي اوسر ڪاڏي. هن سهراب گُوٺ ۾ نشيدار شين جي خاتمي لاءِ ڪار ڪاڏي هئي.

الطاف سنڌ ۾ پناڻن ۽ پنجابين ڏانهن غير دوستاڻو رويو رکيو. ان ڪري هو "گڏيل دشمنن" خلاف وڙهڻ جي بهاني سان جي.ايم. سيد سان سرچاءَ لائق ٿي سگهيو. سيد هن کي قابل قبول سمجهيو، چو ته هن پ پ پ سان منهن مقابل ٽيڻ لاءِ نويڪلو رهڻ پئي چاهيو.

ڪراچيءَ جو جماعتي ميئر، افغاني، صوبائي حڪومت کان مالي مدد ونڊي نه سگهيو هو ۽ نيٺ آفيس مان ڊوڙائي ڪڍيو ويو. 1987ع ۾ ايم ڪيو ايم شهرائي علائقي ۾ لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ کٽي وئي. ان جا آفيس هلائيندڙ پ پ پ حڪومت پاران فنڊن لاءِ بکيا رکيا ويا، تيستائين جو سندن اتحاد آءِ جي آءِ سان ٽيو. اها ارمان جي جهڙي ڳالهه آهي جو هي نوجوان ۽ پڙهيل آفيس هلائيندڙ ماڻهو شهر-سڌار معاملن ۾ نمايان خدمتون ڪري شهر واسين کي ڪڏهن به متاثر ڪري نه سگهيا. هنن جيڪو ڪجهه ڪيو اهو هِي ته وڏي انگ ۾ خود پنهنجي پارٽي جي ورڪرن کي پرتي ڪري چڏيائون.

1988ع ۾ عام چونڊن ۾ ايم ڪيو ايم هڪ پيرو وري شهرائي سنڌ ۾ پنهنجي مضبوط حيثيت ظاهر ڪئي. مرڪز ۾ پ پ پ جي پوئواري ڪرڻ بابت سندن يقين دهاني وزيراعظم طور نامزد ٿيڻ لاءِ توازن محترمه بينظير جي حمايت ۾ قبرائي چڏيو، جيتوڻيڪ سندس پارٽيءَ کي سادي اڪثريت به ڪو نه هئي. ايم ڪيو ايم پوءِ پنهنجي پهرين موتمار چڪ ڪئي. ٽن يا چئن بنيادي نُقطن تي فولادي يقين دهاني ونڊ بدران انهن صوبي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ 65 نڪُطن واري ايجنڊا آڻي رکي.

اقتدار جي نشي ۾ مست پ پ پ سان گڏوگڏ ڏمڪايل "جيئي سنڌ" هاڻي تائين پنهنجا اذيت گهر ناهي چڪيون هيون. پُنگ لاءِ اغوا ۽ ڪار-ڪس جهڙن عملن جي ڏنهي پارٽين پاران سهائتا ڪئي ٿي وئي، ته جيئن پنهنجي سرگرميءَ لاءِ پيسو گڏ ڪري سگهن. ايم ڪيو ايم ۽ پ پ پ ۽ بين جي وچ وارو ٽيندڙ فساد ڪرفيو هٽائڻ ڏانهن ونڊي ويا، جنهن شهرائي رهاڪن جي روزاني حياتيءَ ۾ تباهي آڻي چڏي. جڏهن ته ڪُوناڻا علائقا سچ پچ اپهچ ٿي پيا. صعنتي ۽ واپاري سرگرميون سچ ته بيهي ويون جنهنڪري صعنتي سيڙپ نه پئي ٿي ۽ روزگار جا موقعا تهائين خراب ٿي ويا.

اياڳو پ پ پ وڏو وزير، زرداريءَ جي مرليءَ تي نچندي، قانون ۽ حڪم (امن و امان) جي تيزيءَ سان بگڙندڙ حالت تي قابو رکڻ لائق نه هو. هڪ پارٽيءَ جا سرگرم ماڻهو ٻِي هٿان اغوا پئي ٿيا ۽ اذيتون ٿي سَنائون. هڪ ڏاڪو اهڙو به هو جو ايم ڪيو ايم ۽ پ پ پ جي وچ ۾ قيدين جي مَٽاسٽا جي نگهباني لاءِ فوج گهرائي وئي ــ اهو تڏهن جڏهن پ پ پ اقتدار ۾ هئي! ان ڪري محترمه بينظير تي پروسو نه ٿو ڪري سگهجي، جڏهن هوءَ چوي ٿي ته ڪيس ان سي ڪجهه بابت ڄاڻ نه هئي.

جڏهن جيئي سنڌ جي سرگرم ماڻهن ڏگهي وقت کان رهندڙ پنجابين کي اندرين سنڌ مان ڪڍڻ شروع ڪيو ته مهاجر به ان جي زد ۾ اچڻ کان بچي نه سگهيا. 30 سيپٽمبر 1988 تي ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ جيئي سنڌ جي هڪ ڇڄندڙ ٽولي حيدرآباد ۾ 250 ماڻهن کي قتل ڪري چڏيو. ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ ۾ 150 ماڻهو قتل ڪري ويڑ پاڙيو (ادلي جو بدلو ڏنو). ان ڪوس وڏيءَ حد تائين الطاف جو سپنو ٽوڙي چڏيو ۽ هن سهاري لاءِ غير-سنڌين ڏانهن واجهائڻ شروع ڪيو. جهڙو ڏڍ اڇ آءِ جي آءِ حڪومت کي فوج مهيا ڪري رهي آهي، اهڙي ئي سهاري لاءِ محترمه بينظير پاران اسلم بيگ کي درخواست ٻُڌن ڪَنن جي حوالي ٿي وئي. لاچار ٿي پڪي قعلي تي ڪاهه ڪري هن پنهنجي حياتيءَ جي وڏي غلطي ڪئي.

جيڪڏهن ساڳي قسم جو آپريشن سلجهيل ماڻهن جي ڪنهن ايراضيءَ ۾ ڪيو وڃي ها ته رهاڪو ڪا به رندڪ نه ڪن ها، پر پڪي قعلي جا رهاڪو مخصوص نموني لاڳاپيل هئا. اهي ايترا خوفناڪ هئا جو ڪاهه کي منهن ڏئي سگهن، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي زندگين جو نقصان ٿيو ۽ نيٺ محترمه بينظير جي تختي اونڌي ٿيڻ تي ختم ٿيو. ايم ڪيو ايم هن کي اقتدار ۾ آندو هو ۽ ان ئي ڪيس چڪي لاٿو.

1990ع جي چوندن ايم ڪيو ايم کي وڏي شانَ تي پهچائي ڇڏيو. زرداريءَ سان زباني مقابلي کان پوءِ جام صادق پ پ کي کاهيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو ۽ صدر غلام اسحاق خان پاران وڏي خوشيءَ سان چوندون ڪرائڻ لاءِ نگران سنڌ وزارت سرواڻ چونڊيو ويو. ۽ ان کان پوءِ آءِ جي آءِ پاران ته جيئن ايم ڪيو ايم سان گاڏڙ حڪومت ناهي سگهي، گاڏڙ حڪومت جي وڏي جزي طور ايم ڪيو ايم هاڻي شهرائي سنڌ جي تڪرار کان مٿيري حڪمران ٿي پئي.

جام مخالف ڏر کي ڊهائڻ ۾ بيرحم هو. اهو سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان اونداهو دَور هو. ۽ ڪيل غلط ڪارين ۾ حصيداري ضرور ڳٽڻ گهرجي. نواز شريف ۽ غلام اسحاق خان جِي جنهن جو نياڻو انهن مهاپاپن ۾ شريڪ سمجهيو وجي ٿو.

ڪُليڃٽائپ (ڪرپشن)، اقتدار جو نہ اُڪري سگهڻ لائق پائيوار، ايم ڪيو ايم جي قطارن ڏانهن سُرڻ شروع ڪيو. اڳواڻ، جيڪي پنهنجي تپسيا (سادگي) جي ڪري عزتيا ويندا هئا، پنهنجا شان وجائي وينا. ڪراچي جي ميئر 5 هزار مهمانن لاءِ وليمي جي ميزباني ڪئي. الطاف جي جنم-ڏينهن تي آندل ڪيڪ، تي ڦيٽا ٽلهو، تلوار سان وڍيو ويو! بدر اقبال، سنڌ جو ٽرانسپورٽ وزير وڏيون رشوتون ونڊ جي الزام هيٺ آيو. آفاق ۽ عامر ڦرلٽ ۾ پنهنجي حصي جي ڳُهر ڪئي. چينيڃڻ جي ڪري انهن الطاف کي ڏمڪي ڏني ۽ ڪجهه ماڻهن جي چوڻ موجب، ڪيس ڦٽي وڏو.

"قائد" ڊوڙي وجي عباسي شهيد اسپتال ۾ پناهه ورتي، جتي تحفظاتي بندوبست ايترا ته سخت هئا جو فائوٽين (مس واريون) پينون به ساڻس ملندڙ صحافين کان ڪسي ورتيون ٿي ويون. اسپتال هڪ قلعي ۾ تبديل ڪئي وئي ــ ڏنهن تائين هٿياربند نگهبانن سان سٽيل، فسادين ــ عامر ۽ آفاق ــ جا گهر ساڙيا ويا ۽ ڪين ملڪ مان پِڃي وڃڻو پيو. موٽڻ کان پوءِ انهن پنجاب ۾ پناهه ونڊ مناسب سمجهي. افواهه اٽيو ته انهن کي قتل ڪرڻ لاءِ ايم ڪيو ايم ڪماندوز اسلام پوره تي ڪاهه ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 12 ڄڻا بيگناهه مارجي ويا. ائين ٿو لڳي ته انحراف (اختلاف) بلئڪ ٽائيگرس جي پِٺي ۾ پيهي ويو آهي. هڪ ذڪر موجب، الطاف پنهنجي وهاڻي هينيان هڪ ڏمڪيءَ پريو خط لڏو ۽ فيصلو ڪيائين ته ملڪ ڇڏي وڃي. هو نوَن مهينن کان رموٽ ڪنٽرول وسيلي ايم ڪيو ايم کي اثرائتي نموني هلائڻ جو نہ-وِسهڻ جوڳو ڪم ڪري رهيو آهي.

20 جون 1990 تي هڪ فوجي ميجر ۽ هڪ جوان (سپاهي) جيڪي جاچ جوچ جي (ڪوجي) ڊيوٽي تي هئا، ايم ڪيو ايم جي هڪ مرڪزي اسيمبلي ميمبر جي نظرداريءَ هيٺ گرفتار ڪيا ويا ۽ ڪين ايذايو ويو. وزيراعظم، صدر ۽ فوج اها خواري پِي ويا. اذيت گهرن جي موجودي، ان ڪري انهن مان ڪنهن لاءِ به حيرت انگيز نہ هوندي، ان کان پوءِ فوج بدلي جي باهه ۾ پڃرندي رهي.

آغا خان جي نمائندي جي اغوا، مرڪزي حڪومت کي قائل ڪري ڇڏيو ته فوج وسيلي هڪ صفائي (پاڪائي) مهم هلائڻ اٽٽر هئي. ٻيو ته وزيراعظم جي صنعتي سيڙپڪاري وڌائڻ واري لاڏلي رٽا به امن امان جي خراب حالت جي ڪري پلجي نہ پئي سگهي.

ڪنهن جي ويچار تي پاڙيندي چئي سگهجي ٿو ته نواز شريف هڪ هوشيار سياستدان يا وري پاکندي (هپوڪرائيٽ) آهي. تنهن هوندي به، خود پنهنجي ذميواريءَ تي، هن قدم کڻڻ (ڏڪ هڻڻ) جو فيصلو ڪيو. ڪهڙن نمونن سان وک وِڌي وجي، ان تي بحث ڪندي ٻن مهينن جيڏو ڊگهو عرصو لڳي ويو، جنهنڪري ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن کي پنهنجا هٿيار هيڏي هوڏي ڪرڻ ۽ اجوري واري گرمي جي موڪل ڪنهن ڏڏڙي علائقي ۾ گذارڻ لاءِ چگو چوکو وقت ملي ويو.

عمل غلط راهه تي هلي پيو ۽ بيگناهه ڳوناڻن جي موت جي صورت ۾ نتيجو ڏنائين. خطا جي ذميواري ڪلي عام قبول ڪرڻ ۽ ڏوهارين کي سزا ڏيڻ لاءِ سِي او اي ايس (چيف آف آرمي اسٽاف) کي شابس هجي. ايم ڪيو ايم جي آفيسن تي "حقيقيُن" پاران ڪاهه وسيلي عمل کي اجا ب ڪاريو ويو. فوج جو عذر اهو ٿي سگهي ٿو ت جيئن ت انتظاميا ايم ڪيو ايم جي جميل قبضي هيٺ هئي، تنهنڪري ايم ڪيو ايم جا اندريان ڳجهه ڳولي لهڻ جو اڪيلو وسيلو "حقيقي" ئي هئا.

هيستائين آپريشن کي ايم ڪيو ايم جي ڳڙهن ۽ ڪجهه ڏاڙيلن جي لڪ-جاين تائين محدود رکيو ويو آهي. پنجابي پختون اتحاد ۽ بلوچستان موومينٽس کي ترسائي فائدو ورتو ويو آهي. پ پ پ/الذولفقار جي سرگرم ماڻهن کي اجا تائين ڪنهن اڻجاتل سبب جي ڪري نه چيڙيو ويو آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو سيني سياسي پارٽين لشڪري مهم جي حمايت ڪئي آهي. بهرحال، پ پ پ ۽ جماعت اسلامي ڏاڍيون خوش آهن. تنهن هوندي ب، جيئن ت فوج وٽ ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ ۽ مقدمو هلائڻ جو اختيار ناهي، ان ڪري پوئواري لاءِ اها پوريءَ طرح مقامي انتظاميا تي پاڙيندڙ آهي. اهو آپريشن جي سوپ لاءِ نيڪ اڇڪتي ڪرڻ نه ٿو ڏئي. چور-گهٽُ بند ڪرڻ لاءِ هر هر مٽئين سطح جون ڳڏجاڙيون سڌايون پيون وجن. آپريشن هلائڻ کان اڳ چا اها چِٽي رندڪ پوري ڏيان هيٺ نه آندي وئي هئي.

جيئن ئي فوجي عمل شروع ٿيو، ڪجهه اوپرا واقعا ٿي پيا.

- صدر جو نياڻو ۽ صوبائي حڪومت جو صلاڪار عرفان الله مروت، اڌ مهيني لاءِ پرڏيهه روانو ٿي ويو. هن جو مشن (خصوصي مقصد) ڪهڙو هيو؟
- وزيراعظم الطاف سان لنڊن ۾ مليو. چا وزيراعظم اڻجاڻ هو ت فوج کي ڪم سان لڳي وڃڻ جا حڪم ملي چڪا هئا؟
- حقيقيُن ۽ فوج جو عمل لڳ پڳ ساڳي ئي وقت شروع ٿيو.

ايم ڪيو ايم پاران موٽ ان جي سيني قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن مجموعي استعيفا جي صورت ۾ هئي (سواءِ انهن جي جيڪي خريد ڪيا ويا) ــ يڪجهتي جو شاندار اظهار ۽ پنهنجي اڳواڻ ۾ ايمان جو ڏيڪ. اهو اجا رهيل آهي ت انهن مان ڪيترا پنهنجي ارادي ۾ پختا بيهن ٿا.

عمل، بهرحال، ڪنهن ڳٽپ جوڳي مقدار ۾ هٿيار ڳولي هٿ ڪرڻ يا ايم ڪيو ايم ۽ "حقيقي" اڳواڻن جي گرفتاريءَ جي سلسلي ۾ ناڪام ويو آهي، جيتوٽيڪ انهن مٿان تمام ڳرا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. چيو ٿو وڃي ت اهي روپوش ٿي ويا آهن، پر انهن جا بيان ت پريس ۾ لاڳيتو ايندا رهن ٿا! اهو مقامي انتظاميا پاران حمايت جي ڪوٽ سبب پيو ٿئي يا ايم ڪيو ايم سان سرچاءَ جو در ڪليل ڇڏيو ويو آهي؟

اهڙيءَ طرح، ڏکا جهوبا کائيندي، جيئن جيئن عمل رڙهي ٿو، ماڻهن جي ذهنن کي منجهائيندڙ ڪيترائي سوال اٽندا رهن ٿا:

- يَڪِي ايم ڪيو ايم (يا اڳواڻي ايم ڪيو ايم) جو مرڪزي وزير آفيس ۾ ويهڻ ڏنو وڃي ٿو ۽ هو ان وزارتي (ڪابينا) ڳڏجاڻيءَ ۾ ب شريڪ رهي ٿو، جنهن ۾ ايم ڪيو ايم خلاف ٽيندڙ عمل تي سوچ ويچار ٽيٽو آهي. چو؟
- وزيراعظم جي سپ ڪان وڌيڪ پروسي جوڳن ساٿين مان بن ــ وائين ۽ نثار ــ فوجي عمل تي تنقيد ڪئي آهي، چو؟

وزيراعظم بيان ٿو ڪري ته هو ايم ڪيو ايم جي وڏيڪ عقلمند (سالم دماغ) ماڻهن سان گڏالهائڻ جي سڌ رکي ٿو ــ ڇا اهي عنصر ايم ڪيو ايم جي ڪيل مبينہ مهاپاپن ۾ هڪ جيترا پاڳي پائيوار ناهن؟

ائين ٿو ڏيکارجي جڏڪ مرڪزي حڪومت پوريءَ طرح مٿو وجائي چڪي آهي يا وري پنهنجو ستاءُ لڪائڻ لاءِ دونهي جو پردو ڏئي لوڪ کي گمراهہ ڪيو پيو وجي. پريس، لاڳيتو افواهہ اٽارڻ وسيلي، صورتحال کي ايڏو وڏيڪ منجهائي ڇڏيو آهي.

هر هڪ جو وايون بتال آهن ته فوج جڏهن پنهنجن بارڪن ۾ موڻي ويندي، تڏهن ڇا ٿيندو. ڇا وزيراعظم وٽ اهڙي ڪا رٽ آهي جيڪا فوجي عمل کان پوءِ ڪم آڻيندو؟

آئيندي بابت ڇا ٿا چئو؟ ايم ڪيو ايم جيڪڏهن هاڻوڪي حالت ۾ تڳي وجي ٿي، ننڍيون-چوندون الطاف کي ملندڙ عوامي حمايت جو سچو ماپو هوندیون. پر هن کي اهو ضرور سمجهڻ گهرجي ته شهرائي سنڌ ۾ بي اعتراض لوڪ پسندي اڪيلي سر ڪيس قومي سياست ۾ ڪافي ڪجهہ هر دلعزيزي نہ ٿي ڏي، سرنگهہ جي انت وٽ ڪو بہ سوجهرو ناهي. مٿاهين سطح جون گڏجاڻيون هٿوراڙيون هڻنديون رهن ٿيون. اسان جي فوج جي اندرين گهرُو جهيڙي ۾ ڦاسي وڃڻ تي پارت جي بيچين آرمي-چيف کي سرهائي ضرور ٿيڻ گهرجي.

1947ع کان وٺي، سياسي پارٽيون صوبائي، نسلي ۽ فرقيوارانہ مامرن تي هڪ بي جا ڳُلا گهٽيندیون رهيون آهن. هي وقت آهي جو اهي سمجهي وٺن ته نراسي (محرومي) ملڪ جي ڪنهن هڪ خاص گروهہ جي حصي ۾ نہ آئي آهي. اها جتي ڪٽي پکڙيل آهي. آبادیءَ جي واڌ ماني جي هر صوبي جو حصو گهٽائي ڇڏيو آهي. ٻين جي وات مان گرهہ ڇنڻ بدران نجات ان ۾ آهي ته ماني وڌي ناهڻ لاءِ گڏيل ڪوشش ڪجي.

(ڇپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 19-آگسٽ 1992ع)

ليکڪ: شفقت اي خان

رِڍن جي مات

ڪراچيءَ ۾ ويڙهه جا پڙلاءَ وري پيا ٻڌجن. لشڪري آپريشن بابت ڪُٺڪا خوشيءَ جي هشڪارن ۽ تاڙن ۾ بدلجي ويا آهن. سياستدانن ۽، ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته، عام لوڪ به پنهنجي منظوري ڏئي چڏي آهي، پر اها اميد رکندي ته آپريشن سندن حامين بدران گلاخورن کي کائي ويندو. پِي ڊِي اي (پيپلز ڊيموڪريٽڪ الائنس = عوامي جمهوري اتحاد)، جيڪو سول (غير فوجي شهرين جي) سرواٽيءَ ۾ ڪجهه ايمان رکڻ جو آخري پندار آهي، پڻ هن آزمائش کي هلڻ ڏنو آهي.

اهڙي ئي، بدقسمتيءَ سان، وانُو (ويڙهاڪ، ويريئر) حڪومتن جي فطرت آهي. اهي پاڻ ئي پنهنجين آبادين کي کائيندیون رهيون آهن، اڻ لکي نموني پر پڪيءَ طرح، لشڪر (ملٽري) پنهنجي مٽان جهنڊو اوڊي، ان جهنڊي کي ڪنهن وقت قومي رنگ چڙهيل هوندو آهي ته ڪنهن وقت مذهبي اڪثريت جو، خاص طرح اڪثريتي صوبي ۾، انهيءَ جهنڊي پنيان نڪري پوندي آهي ۽ سياستدانن ۽ دانشورن جا خيال ايڏا ته يَڪ روپا (يونيفارم) ٿي پوندا آهن، جيئن لشڪر جو يڪ روپو ويس. نہ ماضي ياد رکيو ويندو آهي ۽ نہ ئي وري ان جي نتيجن تي ڏيان ڏريو ويندو آهي. سبب، عقل کي جيئن ڊپاءُ ٻوڙي ٿو، تيئن اصولن تي مصلحت چانئجي ويندي آهي. لشڪر سدائين سياسي جوڙجڪ ۾ ئي قانوني پاسو تاڙي ونندو آهي ــ جنرل ضياءالحق پنهنجو قانوني پاسو جماعت اسلاميءَ وٽ ڏنو ۽ ان کان پنهنجو اقتدار ۾ اچڻ قانوني طرح جائز ثابت ڪرايو. جڏهن ته هاٽوڪو لشڪري (راڄ حڪومت، رجيم) اهو آزاد خيال ۽ ڪابي ڏر وارن وٽ ڳولي رهيو آهي، ۽ نياڳ چئجي جو ايئن ظاهر ٿيندي نظر اچي ٿو.

سياسي معاملن ۾ لشڪري مداخلتون سدائين پوريءَ طرح توريل تڪيل هونديون آهن، موقعي مهل جي گهرج چگّيءَ طرح جوڙي ويندي آهي ۽ دشمن (شڪار) خبرداريءَ سان چونڊيو ۽ ٻڌڻو ڪيو ويندو آهي. هڪڙي واري ٻڌڻو ڪري، مٿانئس قانونيت جو پيل هر پردو هٽايو ويندو آهي ۽ دشمن جي مڪمل تباهي اباڻي ملڪ ۾ هڪ عوامي مقصد ٿي پوندي آهي. هن پيري جهنڊو قومي آهي، گهرج کي امن امان جي بحاليءَ جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ عارضي طرح (في الوقت) دشمن آهي ايم ڪيو ايم. ان کي ٻڌڻو ڪرڻ لڳ ڀڳ غير ضروري آهي ڇو ته ارادي سان هجي يا اوڏو ايندڙ، هوءَ پنهنجو دهشتگرد تصور اڳ ئي پکو ڪري چُڪي آهي ــ ڪيس مليل لشڪري تحفظ ۽ آءِ جي آءِ جي هنج ۾ نيپاج سبب منجهس اسريل هَٿ ۽ دهشتگرد صلاحيتن جي ڪري خوب موج ڪئي آهي.

"اباڻو" ملڪ سدائين جيان پنجاب آهي، بينڪ يا ته سنڌ آهي يا ڪراچي، جتي اباڻي ملڪ جا رهاڪو تحفظ جي ڪوٽ جي دانهن ڪن ٿا ۽ ايتري قدر جو سخت قدم ڪٽڻ لاءِ "اباڻي" ملڪ ۾ عوامي راءِ ٻه ڦُهر ڪري ۽ ان جي حمايت ڪري ٿي. پنجاب ۾ ترقي پسند عنصرن جي مات، ان ڪري عجب ۾ وجهندڙ ناهي، جو ممڪن آهي ته اها ساڙ، ڊپ، جانبداريءَ ۽ مصلحت پسنديءَ جي ڪري هجي. ان ڪري اها ٻوڙِي ٿيندي پئي وجي.

هن مان کي ٽٽڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي، ضياء دَور ۾ نپايل ٻئي پائڪا، جن اسان کي سخت هاجو رسايو آهي، ايم ڪيو ايم جي تباهيءَ جي نظارن تي خوشيءَ جو احساس ٻه آهي، پر مون کي اهو ٻه مڃڻ گهرجي ته ان کي رندائڻ گهربو هو. آهي ته زبري لالچ پر بهرحال رندائڻ گهرجي. اصولن سول معاملن ۾ فوجي مداخلت جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم سان ليکو چوکو نيڪ رکڻ يا وڏن توڙي ننڍن شهرن، ڳوٺن ۽ ٻيلن کي پاڪ صاف رکڻ بدران گهٽو ڪجهه داءَ تي لڳل آهي. جماعت اسلامي کي ڪو ٻه سياسي مؤقف ناهي ۽ هن وقت تائين رڳو لشڪري حڪومت جي سهائتا يا ڪجهه طاقتور عرب حڪومتن جي پنيرائيءَ وسيلي جيئري رهندي آئي آهي. ايم ڪيو ايم پڻ پاڻ کي ڪپائي ڇڏيندي، جيئن تنظيم اندر لڪل لڙائيءَ مان پڌرو آهي.

پوءِ، جو اسين پاڻ کي وڏي مامري مان ڪڍي ٻاهر ڪيون: مامرو هي آهي ته ڇا اسين سول معاملن ۾ لشڪري مداخلت، جنهن ماضيءَ ۾ ڪيل چڑهاين جا منفي اثر ڇڏيا آهن ۽ اڪثريت جي (پنجابي) غلبي ڏانهن صوبن ۾ نازڪ اثر پکيڙيا آهن، کي قبول ڪرڻ ۽ سهارو ڏيڻ جاري رکنداسون؟ ڇا اهڙي کا ٻه صفائيءَ جي مهم (آپريشن ڪيلن اپ) کن ٻه ڏگهي مدي وارن حَلن ڏانهن وڃي ويندي؟ ٻيو، هن کان پوءِ ڪير هوندو ۽ ڇا هوندو؟ ۽ آخري، پر انتهائي نه، هن آپريشن جو اقتصادي اڳهه ڪيترو هوندو؟

اڄو ته اسين سول معاملن ۾ لشڪري مداخلت جي ڏگهي مدي وارن پاسن تي نظر وجهون. جيتوڻيڪ ڪجهه عارضي مفاد ماڻيا ويا آهن، پر ڏگهي مدي وارا اثر سڄي سماج تي اٽٽر نموني هاجو رسائيندڙ ثابت ٿيا آهن. اسان جي حياتيءَ جي سمورن لقائن تي لشڪر جو جٽاءُ رکندڙ ۽ غلبو ڪندڙ اثر شايد انجيل جي هڪ آکاڻيءَ جي حوالي سان سڀني نموني سمجهه ۾ اچي:

هڪ عورت هڪ پيري جوزبن حلفتا نالي ربي کان پڇيو، "جيڪڏهن تخليق جو عمل رڳو ڇهن ڏينهن ۾ پورو ٿي ويو ته پوءِ ان وقت کان وڃي هن مهل تائين ڏٽي ڇا پيو ڪري؟" هن جواب ڏنو، "ڏٽي پنهنجو وقت ڏاڪڻيون ناهڻ ۾ پيو گذاري، ته جيئن ڪي چڑهي سگهن ۽ ڪي لهي سگهن."

وقت گذرندو رهيو ۽ پاڪستان جي تخليق کان وڃي چڑهڻ ۽ لهڻ واريون ٻنهي قسمن جون ڏاڪڻيون، اسان جي اميريڪي دوستن ۽ پنجاب ۾ رهندڙ وانو ذهنيت جي مهرباني سان، لشڪري قوتن جي هٿن ۾ رهيون آهن.

سول معاملن ۾، دستوري يا ڪنهن ٻه ٻي صورت ۾ لشڪر جي شموليت وارو اسان جو ماضيءَ جو تجربو سمورن سول ۽ سياسي ادارن جي ڪمزور هجڻ جي نشاندهي ڪري ٿو. جنرل ضياء جي حڪمراني کي، ڪنهن آڳاٽي زماني جي ڳالهه ناهي، وساري نه ڇڏڻ گهرجي. هن جو راج پڻ احتساب ۽ امن امان جي وچن سان شروع ٿيو هو. جڏهن هن ڇڏيو، تڏهن انهن ٻنهي معاملن ۾ ابتري اجا ٻه وڌيل هئي.

پنج اهم لاڙا هن جي حڪمراني هلندي نڪري ظاهر ٿيا:

1- سول ادارا جيئن عدليا ۽ پارليامينٽ اڳ جي پيٽ ۾ وڌيڪ هيٺا هئا.
2- اهي جيڪي ملٽري (لشڪر) جي ويجهو هئا، ان جي ارهه زور حڪمراني هلندي ۽ ضياء جي موت کان پوءِ ٻه سياسي بگاڙي جو مکيه لاب ڪائيندڙ هئا.
3- ايم ڪيو ايم کي سياسي منظر تي ڇانئجڻ لاءِ ئي نه، پر تعليمي ادارن تي ٻه، جيڪي ايم ڪيو ايم جا جَٽيندڙ هئا، قبضو ڪرڻ لاءِ، ڪنهن حد تائين، ملٽري ايجنسين جي رٽيل 'ورهايو ۽

ويڑهايو' وارين پاليسين جو نتيجو هئا. ان کان لاءِ دهشتگرد تنظيمون خلقيون ويون، هٿياربند ڪيون ويون ۽ انهن کي بچاءُ مهيا ڪيو ويو.

4- پنهنجي پسند جا عوامي نمائندا ڳولي ڪڍڻ لاءِ سماجي سطح کي پوئتي ڌڪي، ابتدائي راڄوٽي برادريءَ واري قبيلائي سطح تي آندو ويو (جيئن کين سولائيءَ سان پنهنجي مرضيءَ موجب هلائي سگهجي).

5- پاڪستان کي پنهنجن پاڙيسرين سان جنگ ۾ اڙايو ويو ۽ ان پاڻ کي عالمي پائپيءَ ۾ غير محفوظ ۽ ڪٽيل پئي محسوس ڪيو.

ضياء دَور کان نڪرندي پاڪستاني سماج جو سڄو تاجي پيٽو بگڙيل ۽ ادراڪ کان چڙهيل تبديليءَ هيٺ آيل هو. سنڌ ۽ سنڌي رياستي ايجنسين ۽ رياستي نگهبانيءَ هيٺ هلايل تنظيمن: جيئن جماعت اسلامي ۽ ايم ڪيو ايم پنهي هٿان ڪٽيل ۽ معاشي اٺهوند جو شڪار ٿيل هئا. جمهوريت کي پيار ڪندڙ سمورن ماڻهن ان وقت سنڌ کي فوج جي "گهيريو ۽ ماريو" وارين مهمن هيٺ محسوس ڪيو. ڇا هاڻ اميدون ٻيون ٿي سگهن ٿيون؟ مان هن نُڪتي تي بحث نه ڪندس.

ساڳيءَ طرح، جنرل يحيٰ خان جي مختصر حڪمرانيءَ، ڪانئس پوءِ جيڪو پاڪستان نهيو ان تي اٽمٽ نشان ڇڏيا. ايمان ۽ اباڻي ملڪ پنهي کي بچائڻ جي نالي ۾ بنگال جا مسلمان ڪُنا. سرڪاري ۽ سماجي طرح اهڙي ته سخت پابندي پيل آهي جو ويهه ورهيه گذري وڃڻ ۽ پريس جي آزاديءَ باوجود، ايئن لڪندي منهنجا لگ پيا ڏکن. اباڻي ملڪ جو بچاءُ جيڪڏ جو ڪم ذوالفقار علي ڀُٽي بلوچستان ۾ فوجي مهم هلائڻ مهل ٻه ڪيو. ذوالفقار علي ڀُٽي، ٻيهر 1977ع ۾ قانون ۽ حڪم (امن امان) جي بقا لاءِ وري فوج کي ميدان ۾ آندو. اها ئي فوج جيڪا هن ناهي ۽ ڪتب آندي. نيٺ ڪيس ۽ انهن ادارن کي جيڪي هن ناهڻ پئي گهريا، ڳهي وئي. ساڳيءَ طرح جنرل مرزا اسلم بيگ، هاڻي رٽائر ٿيل، جي اڳواڻيءَ هيٺ گذريل لشڪري ڪاهه اسان کي نمائنده چونڊيل حڪومت کان وانجهو ڪري ڇڏيو ۽ هو اسان کي هڪ اهڙي وزيراعظم سان سنجي سينگاري ويو جيڪو نه ته واسطيدار آهي ۽ نه ئي وري لائق.

نظرياتي لاڙن ۽ ان جي اڳواڻن جي ذاتي ورتاءَ سان واسطو نه رکندي، لشڪري ذهن، پنهنجيءَ سکيا پٺاندر، سول سماج ۽ اٽندڙ اٽوٽندڙ آوازن ۽ انهن جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيندڙ جهيڙن، خاص طرح هڪ گهڻ نسلي ۽ گهڻ لساني رياست کي، جيئن اسان جي آهي، پروڙي نه ٿو سگهي.

چيڙهالن سماجي، معاشي ۽ تاريخي معاملن جي ميڙاکي گوڙ جي نتيجي ۾ جيڪا اٽٻٽ ظاهر ٿئي ٿي، انهن جا حل به انهن جيان چيڙهالا ٿين ٿا. اجا تائين، لشڪري ذهن رڳو انتهائي سادڙا ۽ آخري حتمي حل ئي، جيڪي ڪردار جي لحاظ کان پورڙائي پريل ۽ ڪنور هوندا آهن، ڳولي سگهي ٿو. چو، سڄيءَ دنيا ۾ اسين سوچيون ته هن پيري ڪجهه ٻيو ٿيندو.

هڪ ٻيو اهم سوال هي آهي ته، هاڻي ڇا جو ۽ ڪنهن جو وارو آهي؟ ڇا اسين تڏهن به ماڻ رهڻ پسند ڪنداسون جڏهن لشڪر ايم ڪيو ايم تي سوپ جي نشي ۾ سرشار ٿي سنڌي قومپرستن، الذوالفقار ۽ ٻين، جن 1990ع ۾ ڏسمس ڪيل قانوني حڪومت کي بحال ڪرائڻ لاءِ جنگجوئي ڏيڪاريندي غير رواجي طريقا ڪتب آندا، ڏانهن وڌندو؟

محترمه پٽو جي حڪومت جي عملن لاءِ ڪنهن جو ڪهڙو به رايو هجي، پر هن جي حڪومت اصولي طرح چونڊيل ۽ لوڪار (لوڪ واري، پاپولر) حڪومتي هئي. جيڪڏهن اسين اها سڌ رکون ٿا

تہ ملٽريءَ پاڻ جيڪو ڪجھ خلقيو ۽ نپايو تنھن کي ڊاھي پٽ ڪرڻ لاءِ قوت ڪم آڻي، تہ پوءِ ھاڻوڪي حڪومت پاڻ بہ ان صدر، جنھن جي پ پ پ کي ڊاھڻ وارن وھمن اسان کي اڃوڪي نازڪ حالت تي آڻي بيھاريو آھي، جي غير قانوني تخليق آھي.

ھاڻوڪي حڪومت اڳندي ئي قانونپ کان وانجھيل رھي آھي ۽ ھاڻي پنھنجي نالائقيءَ ۽ عوامي پاليسيءَ جي ڪوڙ سبب پنھنجي معتبري وجائي چڪي آھي. وزيراعظم کي استعيفا ڏيڻ گھرجي يا ڪانئس ڏيارڻ گھرجي. جيڪڏھن محترمہ پٽو جي حڪومت سڏيءَ طرح بحال نہ ٿي ڪري سگھجي، تہ تڪڙيون ۽ صاف سٿريون چونڊون ئي اڪيلو عمل لائق ۽ اصولي حل آھي. ايم ڪيو ايم جي دھشتگرديءَ يا ڏاڙيل جي ڊپ تي لشڪري قوت وسيلي نہ، پر نھڪندڙ سياسي عمل وسيلي ئي غالب پئجي سگھجي ٿو.

جوھر ۾، جمھوريت ئي اسان جي نجات جي اڪيلي واھ آھي ۽ لشڪر، ڪيترو بہ معصوم ھجي، اسان کي ان منزل تي پھچائي نہ ٿو سگھي.

پھريون مثبت قدم ھلايل آردر جي خلاف ھجي، اختيارين (اٿارٽيز) لاءِ ڇا اھو ڏکيو ھوندو تہ اھي انھن عنصرن کي ڏاڙيل يا رياست دشمن يا "را" جا ايجنٽ سڏين ۽ اھڙو آپريشن ڪن جھڙو 1983ع ۾ ھلايو ويو ھو؟ ماڻھوءَ جي يادگيري ايتري ٿورڙي تہ ناھي.

ھٽلر جي جرمنيءَ مان بچي نڪتل ھڪ ماڻھوءَ جي ڳالھ منھنجي ذھن ۾ پئي اچي، جنھن کي مان ھتي سولو ڪري لکان ٿو: اھي نازي ڪميونسٽن کي ڦري آيا ۽ انھن کي ڪٽي ويا. مان ماڻ رھيس، ڇو تہ مان نہ تہ ڪميونسٽ ھيس ۽ نہ ئي وري انھن جو حمايتي، پوءِ اھي سوشلسٽن کي ورائي ويا ۽ انھن کي ڪاھي ويا. مان ساڳين سبب جي ڪري ماڻ رھيس. پوءِ اھي يھودين کي ڳِھلي ويا. مون نہ ڳالھايو، ڇو تہ يھودي بہ نہ ھيس. پوءِ اھي پراھين پاڙي مان ڪجھ ماڻھو وني ويا. مون کي انھن لاءِ احتجاج ڪرڻ جي گھرج محسوس نہ ٿي، ڇو تہ اھي بي پاڙي جا ھئا. نيٺ اھي منھنجي لاءِ اچي پھتا. ان وقت کو بہ نہ ھو جيڪو منھنجي لاءِ آواز اٿاري ۽ مون پاڻ کي اڪيلو بہ پانيو تہ اُباڻڪو بہ. اھڙي ئي آھي فطرت لشڪري ۽ وانُو رياستن جي ۽ اھڙا ئي آھن ماڻ رھڻ جا خطرا.

(چيبل: روزاني 'جاڳو' ڪراچي، 26 جولاءِ 1992ع)

ليکڪ: ايم.بِي. نقوي

سنڌ جي صورتحال جا بنياد

اهو معقول نموني صاف پيو ڏيکارجي ته فوج سنڌ ۾ ايجا ٻه ڪجهه مهينا ترسندي. اهو گهٽي ياڳي ان ڪري پيو ٿئي جو سيد مظفر حسين شاهه، سنڌ جو وڏو وزير، سمجهي ٿو ته فوج جي گهرج ايجا ٻه آهي، جڏهن ته مليٽريءَ هر هر پئي چيو آهي ته هوءَ صوبي ۾ پنهنجو ڪم پورو ڪري چڪي ــ صورتحال بي مثال نموني سڏري وئي آهي.

اڄ جو اهم سوال ــ صوبائي اسيمبليءَ ۾ م.ق.مي (مهاجر قومي موومينٽ جي) ميمبر پاران خالي ڪيل جاين تي چوٽيون چوندڙن ــ فوج جي ترسڻ يا موٽي وڃڻ تي دارو مدار رکي ٿو: جيڪڏهن فوج موٽي وڃي ٿي ۽ حالتون معمول تي سمجهيون وڃن ٿيون، ته پوءِ اهي ايجا وڌيڪ دير ٽاري نه سگهبيون. ظاهر آهي ته چوٽيون چوندڙن هاڻي ئي ٽيڻ گهرجن. نتيجو ممڪن آهي ته اهو نه هجي جيڪو صوبائي حڪومت ۽/يا مرڪزي اختياريءَ کي خوش ڪري ڇڏي. فوج انهن سيني اختيارين کي اڄ ڪلهه انجير جو پَن (ستر پوش) ڏئي ويني آهي: جيتوڻيڪ هر هڪ سنڌ ۾ امن امان (قانون ۽ حڪم) جي حالت بهتر ٿي وڃڻ جو اعزاز هٿ ڪرڻ لاءِ پريشان ڏسجي پيو، پر ڪي آهن جيڪي سڏريل حالتن جي گهر کي پورو ڪرڻ جي حمايت ڪن ٿا. يعني اهي چاهن ٿا ته صوبائي اسيمبلي (ص-ا) ۾ خالي جايون پريون وجن.

صوبي ۾ سياسي صورتحال بي-اطمينانيءَ واري آهي. (آڻ اهو سوال نه ٿو اٿاريان، ته چو رڳو 21-جايون خالي آهن، جڏهن ته استعيفا 28-ميمبرن ڏني آهي.) صوبائي اسيمبليءَ (ص-ا) ۾ جڏهن ته 21-جايون بلڪل غيرواجبي نموني هڪ ڏِگهي عرصي کان خالي رهنديون پيون اچن، دستوري (آئيني) گهرج آهي ته خالي ٽيڻ کان پوءِ 90-ڏينهن ۾ ان جاءِ کي پريو وجي. انهن 21-جاين جي سلسلي ۾ اها دستوري گهرج وڃوڙي حالتن جي نالي ۾، جن جي ڪري فوج کي گهرايو ويو، ڇڏي ڏيو ڪيل آهي. جيتوڻيڪ فوج ۽ ٻيا اها دعويٰ ڪندا رهن ٿا ته حالتون ايتريون سڏري ويون آهن جو فوج کي موٽي وڃڻ جو چئي سگهجي. گذريل سال جي جُون مهيني کان وٺي هن وقت تائين سڄو عرصو م.ق.م جي چانٽي لاءِ ڪم آندو ويو ۽ ٿوڪ نتيجو اهو آهي ته ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جا ووٽر ڪنهن وڌيڪ سياسي نمائندگيءَ کان الڳ رکيا ويا آهن، جڏهن ته انهن جي چونڊيل پارٽي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ٽولن ۾ ورهائجي وئي آهي ۽ متان ايئن هجي ته انهن جي ڳٽپ حقيقت ۾ ٽي آهي.

رڳو ايترو ناهي ته ڪجهه شهري ووٽر نمائندگيءَ کان محروم آهن. صورتحال ص-ا ۾ نمائندگي ڪرڻ لاءِ چونڊيل پ پ پ جي 46-ميمبرن لاءِ پڻ بهتر ناهي. انهن جي چال چلت ڪيئن رهي آهي؟ جڏهن ته اهي نسلي سنڌي ووٽر، جن بابت سمجهيو ٿو وڃي ته انهن (100-مان) 25-ميمبر جن ۾ آزاد، ن پ پ (نيشنل پيپلز پارٽي) ۽ (ا.ج.ا) اسلامي جمهوري اتحاد جا ميمبر شامل آهن، چونڊيا. اهي ججهي نموني ساوا ٽي ويا ۽ انهن جو پاسو هاڻي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ڏيکارجندڙ اڪثريت سان صوبائي حڪومت تي قبضو رکي ٿو. حڪمران پاسو هاڻي 45-46 ميمبرن سان ڪيڏي ٿو جيڪي، بهرحال (صوبائي گهر) اسيمبليءَ جي ڪامل اڪثريت (55) کان گهٽ آهن، پر ايڏين خالي جاين کي نظر ۾

رکندي، اڪثريت واري حاضري رکي ٿو ۽ ايا بہ ان ڪري جو پ پ پ هاڻي اصلي 46-ميمبرن مان گهٽائي (ڪٽائي) 31-33 تائين پهچائي وئي آهي.

ا.ج.ا - سهارڪن (سپورٽرز) جي اها اچرج ۾ وجهندڙ واڌ انهن ووٽرن جي خرچ تي ٿي آهي جن 100-جاين مان 75- تي پنهنجا نمائندا چونديا هئا ۽ هاڻي 30 يا 31 تي پهچائي مخالف ڏر جي بينچن تي ويهايا ويا آهن. صوبي ۾ هيءُ نيارو انقلاب، جنهن رڳو 27-مهينن جي مدي ۾ 75-جاين کي سُسائي 30 يا 30-کن تائين پهچايو ۽ 25- جاين کي وڌائي 46- يا 47 تائين پهچائي ڇڏيو (اها اڪثريت جيڪا ص-ا گذريل پيري ڏني)، ڪو ماڻهو هن تبديليءَ کي ڪيئن سمجهائي سگهي ٿو ۽ ڪيئن اها جمهوري اصولن ۽ عملن جي تصديق ڪندي؟

ڪا پرواهہ ناهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو هوندو، پر اها پک اٽئون تہ اهو سڀ ڪجهہ، بهرحال، انهن جي مطابقت ۾ نہ ٿيو هوندو جن کي جمهوري معيار (پيمانا) سڏجي ٿو. وجائيندڙ ڏر، سنڌي ووٽرن جي گهٽائي آهي. سندن اصل پسند کي بي عزت ڪيو ۽ بگاڙيو ويو آهي ــ ڪنهن وسيلي ۽ ڪير پاڻ کي مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو. صوبي ۾ فوج جي داخلا چٽيءَ طرح ان لاءِ هئي تہ صوبي ۾ هاڻوڪي حڪومت برقرار رکي ۽ جي ممڪن هجي تہ ان کي پڪو ڪري ــ اها حڪومت جنهن لاءِ 1990ع ۾ ووٽرن يقينن ووٽ نہ وڌا هئا.

جام صادق علي جو هٿ نات، هيءَ حڪومت، پهريائين تہ، ڪيئن ڪا بہ اڪثريت هٿ ڪري سگهي؟ ان پک ئي جمهوريت جي يا پاڪستان جي آبرو کي پلٽو نہ ڪرايو. اها ڳالهہ خود فوج جي لاءِ ڏاڍي نامناسب آهي: اها جمهوريت ۽ حقيقت ۾ قانون جي حڪمرانيءَ کي پاڙئون پٽڻ لاءِ ڪم آندي وئي آهي. ڇا سنڌ جي ووٽرن کي اها شڪايت ڪرڻ گهرجي تہ سندن پسند کي ٻين سان گڏ فوج وسيلي بہ اونڌو ڪيو ويو آهي؟ (جيڪڏهن ائين چون تہ) ڪير ڪين ميار ڏيندو؟

ان حقيقت کان جند ڇڏائڻ جو ڪو بہ وجهہ نہ آهي تہ فوج کي م.ق.م جي چانٽيءَ لاءِ ئي گهٽو کي ڪرٽو هو. جنرلن، وڏي وزير، مرڪزي حڪومت، تان جو صدر پڻ، پاران ظاهر ڪيل سياسي بيانن جي پيٽ ۾ حقيقتون وڌيڪ زور سان پيون ڳالهائن. م.ق.م جي قيادت کي بدلائڻ جي چٽي ڪوشش ڪئي وئي آهي ــ هڪ قيادت جيڪا گذريل جُون مهيني ۾ اوچتو ڏوهاري ۽ ڪيترن ئي نجس ڏوهن جي ذميوار سڏي وئي. ڪنهن کي بہ بهرحال م.ق.م جي پسند ۾ ڪجهہ چوٽو ناهي، هن قيادت کو ڏوهہ ڪيو يا نہ ڪيو، هن موضوع کان ٻاهر آهي.

پاڪستان جي بدقسمتين مان هڪ اها رهي آهي تہ صوبي ۾ گهٽيون ئي پارٽيون هن وقت، آچار پري ڳالهہ ڪجي تہ ڪيترن ئي اگرن ڏوهن جون ذميوار سڏي سگهجن ٿيون. جيڪو ڪجهہ جام صاحب ڪيو، ان مان اسين ٿورو ڪجهہ ڄاڻون ٿا. پارليامينٽ ۾ انگ (جو واڌارو) ٻوڪڙ ڪري پيو ڳالهائي، م.ق.م ۽ پ پ پ ٻئي اغوا ڪرڻ ۽ هيبتناڪ اذيتون ڏيڻ ۾ سڏيءَ طرح اڙيل رهيون. جڏهن انهن پنهنجا پنهنجا شڪار ڪور هيڊڪوارٽر ۾ مرهيات جنرل آصف نواز جنجوئا جي نگرانيءَ هيٺ آڻاماڻا ڪيا هئا. شڪ ناهي تہ سنڌ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي پارٽيون ڏوهارين کي پالڻ ۽ بچاءَ ڏيڻ جي سلسلي ۾ شڪ هيٺ آهن. نُڪتو، بهرحال هي آهي تہ چو ڪي چٽا سياسي مقصد ماڻڻ، جيئن م.ق.م جي قيادت بدلائڻ لاءِ فوج کي گهرايو ويو؟ اهو ڪهڙي قسم جو امر هو؟ ۽ اهو ڪنهن ڏنو؟

سنڌ صوبي ۾ هاڻي ڇا پيو هلي، جمهوريت جو بيڙو چرچو (نقل) آهي (جنهن ۾) 20-سيڪڙو تڪن کان، تان جو نظرياتي طرح بہ، ووٽ جو حق ڪسيل آهي. ص-ا جي جن ميمبرن پنهنجن ووٽرن

سان دغابازي ڪئي آهي، اهي ڪهڙي مقصد جي خدمت ڪري رهيا آهن؟ سرڪاري بينچن تي ويهندڙ 46-ميمبرن مان گهٽا ان قسم جي سياست ڪرڻ لاءِ نہ چونڊيا ويا هئا جيڪا اهي ڪري رهيا آهن. صورتحال جي ۾ن گهرجن کان پلئہ ڇڏائڻ ممڪن ناهي. امن امان (قانون ۽ حڪم) جي حالت سڌري آهي، فوج کي هڪدم بيرڪن ۾ موڪلڻ گهرجي، ٻيو، دستور جي پڌري پيڪڙي ڪندي، ص-ا ۾ خالي ڪيل جاين کي خالي رکڻ جي موڪل نہ ٿي ڏئي سگهجي: چوٽين چونڊن جي تڪڙي گهرج آهي ۽ حالتون، پڪ آهي تہ، اهي ڪرائڻ لاءِ بهتر آهن.

اهو ڪجهہ، بهرحال سڀ ڪجهہ ناهي. لوڪل باڊيز ٽورو عرصو اڳ، خاص ڪري صوبي جي وڏن شهري مرڪزن ۾ ختم ڪيون ويون هيون. انهن جون چونڊون پڻ هڪدم ٿيڻ گهرجن. صوبائي حڪومت ڳجهين ايجنسين جي صلاح تي چونڊيل ڪائونسلرن ۽ ميئرن جي روڪ لاءِ ايڊمنسٽريٽر چونڊيا هئا. اهو تہ مورڳو "گهوڙن جي سوداگري" کان ٻہ وڌو جمهوريت جو ٻگاڙو آهي جنهن وسيلي هڪ ٽورائيءَ کي بدلائي گهٽائي ڪيو ويو آهي ــ رڳو ان ڪري جو سمجهيو ٿو وڃي تہ ڪيس صدر ۽ ممڪن آهي تہ فوج جي ٻہ سهائتا مليل هجي. جيئن ئي ص-ا جون چونڊون ڪرٽيون آهن. ساڳيءَ طرح انهن سان گڏ لوڪل باڊيز جون ٻہ ٽيڻ گهرجن ــ ۽ هاڻي رياستي قوتن، ڪرتن ۽ اختياريءَ جي سپردگيءَ جي اصول ڏانهن ملڪ (جي ماڻهن) جي راءِ ڏگهي عرصي کان بدليل (قريل) رهي آهي. حقيقت ۾ پاڪستان جهڙي هڪ وڏي ۽ گهڻ پاسائين ملڪ ۾ ڦڙتيءَ سان ڪم ڪندڙ چونڊيل لوڪل حڪومتن کان سواءِ جاندار جمهوريت کي خيال ۾ آڻڻ ناممڪن آهي. وفاقي اصول کي ايمانداريءَ سان زور ونرائڻو ۽ ان موجب پنهنجي اندروني سياست کي وري منظم ڪرڻو آهي، پر ان کي هڪ راس ڪندڙ تبديليءَ جي اصول ۽ عمل سان ٻہ وت ونرائڻو آهي ــ اهو ئي آهي ۽ حقيقت ۾ جهموريت جو مطلب ٻہ اهوئي آهي.

سنڌين کي پنهنجن حقن جي گهرج آهي ۽ اهي پنهنجا حق گهرن ٿا. انهن کي ٻڌي ٻول وسيلي ڏکي پري نہ ٿو ڪري سگهجي، اهو چئي تہ امن امان (قانون ۽ حڪم) جي حالت ڏاڍي خراب آهي، فوج ان ڪري گهرائي وئي آهي تہ معاملن کي ٺيڪ ڪري ۽ ٻيو تہ جڏهن فوج پنهنجا مقصد ماڻي ورتا آهن، تڏهن چيو ٿو وڃي تہ ان جي ايجا ٻہ ڪجهہ عرصو وڌيڪ گهرج آهي. اها ڪهڙي مقصد لاءِ گهرجي ٿي؟ ــ پڪ ئي، امن امان (قانون ۽ حڪم) جي سڌاري لاءِ نہ. اهو جيڪو ڪجهہ ٻہ آهي، پر آهي سنڌ ۽ سنڌين کي جمهوريت ڏيڻ کان انڪار.

سنڌي ڪو گهٽ درجي جي خدا جو اولاد ناهن. اهي گهٽي وقت لاءِ بي انصافي سان روڪي نہ سگهبا. صوبي ۾ نسلي ورهاست تي، ان مٿان قابو پائڻ جي ڪنهن ٻہ ڪوشش کان سواءِ، گهٽو ڪجهہ ڳالهائجي چڪو آهي، ۽ نتيجي ۾، جمهوريت جا مخالف سڀيا ٿيا آهن ــ حقيقت ۾ انهن (نسلي) ورهاست جي ٻنهي پاسن تي شهرين جي شهري حقن سان دغابازي ڪئي آهي. ڇا اهي (شهري) ڪڏهن ٻہ رڃابندي (سونهن) ۽ ٻڌي نہ ڏسي سگهندا!؟ اختياريءَ وارن کي خبردار ٿيڻ ڏيو.

(**سنڌيڪار پاران مضمون جي آخر ۾**: سنڌ سان لاڳاپيل ايم.بي. نقوي جا مضمون باقاعدي پڙهندڙ آهيان. مختلف دوستن سندس ڪيترائي مضمون سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا آهن. هن ماڻهوءَ جي سوچ مجموعي طرح ڪهڙي پاسي وهي ٿي، اها هن مضمون ۾ ٻہ ظاهر آهي. هن مضمون جي پڙهڻ کان پوءِ ٻين ڪيترن ئي سوالن سان گڏ هڪ سوال اهو ٻہ ذهن ۾ رهجي ويو تہ ڇا هو سنڌ ۽ سنڌين سان

مخلص آهي، جيئن هن ظاهر ڪيو آهي، يا سندءِ سنڌين جي ڳالهه ڪندي، ڪجهه چڱن جملن ءِ خيالن جي آڙ ۾ م.ق.م جي هڪ "دانشور" وارو ئي فرض نياپو اڻائين؟ توهان به سوچيو.)

(چپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 13 فيبروري 1993ع)

لیکڪ: مزدڪ

اوپرا همبستر

گذريل ڪجهه هفتن کان هر ٻيو ڏينهن اسان لاءِ خوش خبرون کنيو پيو اچي ته اڄا به هڪ ٻيو م.ق.م (مهاجر قومي موومينٽ) جو اڳواڻ متي (ٻاهر) نڪري آيو، بلڪل ايئن جڏ ته پاڻيءَ ۾ هيٺ ڪنهن هيجان جي ڪري چيڪ چڏيل سينور جا چاٽا ابڙڪا ڏئي متاڇري تي ايندا هجن.

ٻ تازو ئي سينيٽر اشتياق اظهر پاران اسان کي سُڌ ڏني وئي آهي ته الطاف حسين م.ق.م جو ڏرمي پيءُ، هتان ترت ئي پنهنجيءَ پاڻ-مڙهي رٽائرمينٽ چڏي (ميدان تي) نڪري اچي ٻ جلد ئي وري پنهنجيءَ سياسي سرگرميءَ ۾ رُجهي وجي. اهو جاڻندي ته م.ق.م وٽ "سرگرم سياست" جو مطلب ڇا آهي، جيڪي ماڻهو شهري سنڌ ۾ رهن ٿا، انهن مان گهڻا ڏيکارجندڙ نظاري کان نيڪ نموني موهيل ناهن.

هن متي (ٻاهر) اچڻ جي لقاءَ شروع ٿيڻ کان ڪو گهڻو مُدو اڳ جي ڳالهه ناهي، اسان کي م.ق.م، ان جي اڳواڻن جي ڪيل ڪيترن ئي مختلف ٻ نجس ڏوهن جا اڇا ڪارا پڌرا ڪري ڏنا پئي ويا. ڪيترن ئي مهينن دوران، اسان تي سرڪاري طرح بيان ڪئي ويندڙ دهشتگرد پارتيءَ جي ڪارڪنن پاران ڪيل مهاپاپن جي ڇرڪائيندڙ بيانن (تفصيلن)، انترويوئن ٻ فوٽوگرافن جي بمباري ٿيندي رهي. اخباري نمائندن کي رهنمائيءَ هيٺ اذيت گهرن جا دورا ڪرايا پئي ويا ٻ م.ق.مي پاڙيتو شڪارين جا ڏوهه-باسيندڙ بيان قومي پريس جا مُڪ صفحا والارينديا رهيا. زوريءَ مال کسڻ جا غوغاءَ، اغوا جا واقعا ٻ ايتري قدر جو مق.مي قيادت پاران جنسي گناهڙن کي پڻ پوائتي نموني ظاهر ڪيو پئي ويو. ڇرڪڻ باوجود، اسان مان گهڻن پاڻ کي سگهاري انداز ۾ هن نسلي پارتيءَ جي اپاريل هيبت مان ڇوٽڪارو ماڻيندي محسوس ڪيو.

ٻ اها، جنهن کي حقيقي م.ق.م سڏيو وجي ٿو، جڏهن استيبلشمينٽ جي ظاهر ظهور آسيس سان ايرڻ لڳي، تڏهن اسان مان گهڻا انهن پارتي-ٽوڙيندڙن لاءِ اڳوڻا بدمعاش، ڪم آڻڻ جي ترش مزاجي (ڪَرڙائپ، کهرائپ) کان ڍڄي ويا، پر محسوس ڪيو ته هن حالت ۾ سني مقصد لاءِ غلط طريقا پڻ هلي سگهن ٿا. گهڻي دير نه گذري، اسان هن ٽولي جي ميمبرن کي سنڌ حڪومت ۾ عهدا ڏئي اپارڻ واري تماشي جا شاهد هئاسون، ٻ ان کان ترت پوءِ م.ق.م جا مختلف "ٻاهر آيل" ٻ وري-روان ڪيل اڳواڻ (ملڪ جي) صدر سان ملاقاتون ڪري رهيا هئا ٻ هن پنهنجي ڏينهن جو هڪ حصو اسلام آباد ۾ هنن کي ڏنو پئي. باقي رهيو کهيو به اسان جي سرڪار سڳوريءَ برطانيا جي اخبارن ۾ اهو اشتهار ڏئي پورو ڪيو ته موتي اڇ الطاف پائي، سپ ڪجهه وساريو (معاف ڪيو) ويو آهي.

هاڻي آءٌ ڄاڻان ٿو ته لوڪ (پبلڪ) جي يادگيري پڌريءَ طرح مختصر آهي، پر خدا جي واسطي! اسين رڳو ڪجهه مهينا اڳ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون! فوج پاران صفائي-مهم اجهو کي ڇهه مهينا اڳ شروع ٿي، جڏهن ڪراچيءَ تان (دهشتگردن جو) گهيرو هٽايو ويو ٻ اتان جي رهاڪن هڪ ٻيرو وري ان کي پنهنجو شهر پانيو. م.ق.مي اڳواڻن کي ڪيل ڏوهن جي ڪري پڪڙڻ ٻ انهن تي مقدما هلائڻ بدارن اهي ڏوهه لوڪ وٽ مشهور ڪيا ويا ٻ اسان عجيب تماشو پيا ڏسون ته اهي هڪ ٻيرو

وري استيج چوڌاري آکڙجي هلڻ لڳا آهن ۽ اهو پڪ ئي هن مهل جو مسئلو آهي (هن گهڙيءَ ئي فيصلو ڪري قدم کڻڻو آهي) انهيءَ کان اڳ جو "مرڪز"هڪ متبادل اقتدار ۽ (حڪومتي) مرڪز طور وري ايري ۽ پريس کي هڪ پيرو ٻيهر پنهنجون مشهور ڏمڪيون ڏيڻ شروع ڪري.

جيئن ته هيءَ "رڙهندڙ بغاوت" م.ق.م لاءِ ٻٻيون منجهائيندڙ موٽڻ آهي، پر ان سان گڏ اسان جي اقتداري دلالن جي مڪمل ترش مزاجيءَ ۽ ڪُليڇائپ کي پڻ اها متاڇري نموني ظاهر ڪري ٿي. اعلانيل ڏوهارين سان، جن جي گرفتاريءَ تي انعام رکيل آهن، انهن (ڳجهين) قربدارين تي شرمندو ٿيڻ بدران (کي) ماڻهو، جهڙوڪر سنڌ جو وڏو وزير، هاڻي پنڌتي موڙو کائي رهيا آهن ته جيئن انهن نڱن جي حمايت جو مرچن-هاڻو ٻوڙ پچائي سگهن، جن کي (پاڪستاني) فوج رڳو ڪجهه هفتا اڳ گرفتار ڪرڻ جو جتن ڪري رهي هئي.

سادي سلڇڻي نموني آواز اڌارڻ جو جوکم کڻي، جاڻڻ گهرندم ته صفائي-مهم جي نيتجي ۾ م.ق.مي قيادت خلاف داخل کيل پهرين جاچ-پڪارن (ايف.آءِ.آرن) جو ڇا ٿيو؟ آءٌ جاڻان ٿو ته اسان جي پوليس لاءِ ڪنهن به اهڙي ماڻهوءَ کي پڪڙڻ سولو ناهي، جيڪو تازو ئي صدر يا سنڌ جي وڏي وزير سان ملاقاتون ڪندو هجي، پر پڪ ئي انهن (صاحب اقتدار) عزت مابن کي پنهنجي صحبتي ماڻهن ڏانهن ڪجهه وڌيڪ فرق رکڻ گهرجي.

اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي ته جنرل آصف نواز جي مرڻي جي خبر ٻڌي ڪجهه م.ق.مي ڪارڪنن پنهنجي خوشي ظاهر ڪرڻ لاءِ منايون ورهايون. انهن شايد اهو سمجهيو ته سنڌ جي شهري بگاڙي (تشدد) کي ختم ڪرڻ لاءِ هن جو جانشين پنهنجي مرهيات سي.او.اي.ايس (چيف آف دي آرمي اسٽاف) وارو جهادي اتساهه نه ڏيکاريندو. وقت ٻڌائيندو، پر پڪ آهي ته سڄي فوج رڳو هڪ ماڻهوءَ (صدر؟) جي ريچڪ پٽاندر نه ٿي هلي: مهم ان ڪري هلائي وئي جو ان مهل ان کان سواءِ ٻي ڪا واهه نه هئي.

اها حقيقت، ته م.ق.م جا گهٽا ئي اڳواڻ رات وچ ۾ بحال ٿي ويا آهن، ان نسوري سچائيءَ کي لڪائي نه ٿو سگهجي ته هيءَ نسلي پارٽي اجا به هٿياربند خوفناڪ (جوڪائتي) آهي، ۽ مظفر شاهه کي اهو نڱن سان ناهه پلي يانءِ پوي، اسين باقي جيڪي ماڻهو آهيون اهي سندن اُن پروسي ۾ پاڳي پائيوار ناهيون ته م.ق.م هاڻي ايتري ئي پاڪ صاف آهي جيتري وسندڙ برف-پوٽيءَ. اها ڳالهه جيڪا ٻن وڙهندڙ وڳوڙي ڏرين جي وچ ۾ گولين جي وسڪاري مهل پنج مئل ماڻهو ڏئي ثابت ٿي چڪي آهي. حيدرآباد ۾ بمن جا تازا ڌماڪا، پڻ، تاڪيدنامو آهن ته سنڌ جي شهرن ۾ امن ــ جيئن، حقيقت موجب، ڪناري-پنيان (لڪل) علائقي ۾ ــ ان ڏاڪي تي آهي جو ان جي ضمانت نه ٿا ڏئي سگهون.

جڏهن ته چگيءَ پر جاڻون ٿا ته سنڌ جي وڏي وزير کي اسيمبليءَ ۾ وڌيڪ سهارو ماڻڻ جي اٽنر گهرج آهي، هن کي گهرجي ته پنهنجيءَ جُهرندڙ اڪثريت کي سگهارڻ لاءِ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي ڳرين قيمتن تي خريدڻ يا هيسائي-مجائڻ (بليڪ ميلنگ) تي ڪڏهن نه ڪڏهن ويچار ضرور ڪري. اهڙي سولي نموني خريديل سهاري جي پورالي (ڳٽتيءَ پري) فطرت کان قطعي ڌار رهندي، هو اهو ياد ڪري هڪ چگو ڪم ڪندو ته سندس "حقيقي" دوستن ۽ انهن جي جوڙيوالن ڪيئن ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ دهشت پکيڙي هئي ۽ فوج جي وڃڻ کان پوءِ پڪ ئي وري پکيڙيندا. فيصلو ڪندڙ قانوني وک کڻڻ جي مهل هيءَ ئي آهي، جڏهن ڪيس تيز ۽ سخت اپاءَ ونڻ لاءِ جنگي قوت (فائر پاور) ۽ لوڪ جو سهارو ٻئي ملیل آهن. جيڪڏهن هو م.ق.م سان قانوني حدن ۾ رهندي، اثرائتي ۽ مضبوط نموني منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجيءَ سَڌ ۽ همت کي سگهارڻ گهري ٿو ته هو اسان جي

پاران احسانمنديءَ ۽ عزت جا جذبا ماڻي سهڳندو. جيڪڏهن، جيئن وڌيڪ امڪان آهن، هو سدا جيان سياست (سياستبازيءَ) جي مدد ونڊ گهري ٿو ته پوءِ اسين ڪو گهٽا نراس نه ٿينداسون، چو ته وجائيندڙ اسين نه هونداسون.

اهو سڄو دکدائڪ باب تفصيل ۾ هڪ سبق آهي، جنهن ڏانهن سياستدان اقتدار ونڊ لاءِ وڌڻ جي سَڌ رکن ٿا، ۽ هڪ پيرو جڏهن انهن اهو ماڻي ورتو، ته پوءِ ڪنهن به قيمت تي نه ڇڏيندا. هڪ ڪنڊ ۾ م.ق.م آهي جنهن جي قيادت لاچار ٿي پئي آهي ته ڪنهن به ان (فرد، ڏُر) سان راهه رسم وڌائي جيڪو ساڻن ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار هجي، ته جيئن پنهنجو (عارضي طرح) وجايل اقتدار وري هٿ ڪري سگهي. ان جي ڪيس ڪا پرواهه ناهي ته هن پنهنجي جاتيءَ (برادريءَ) کي ڪيڏي نه وڏي ڏکيائيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي، ۽ بي ڪنڊ ۾ استيليشمينٽ آهي جيڪا ان اميد مان (آخري اميد طور) پنهنجي م.ق.مي اتحاد کي بحال ڪرڻ لاءِ پتوڙي رهي آهي ته جيئن گڏجي اقتدار تي قبضو پکو ڪري سگهن.

سچ اهو آهي ته سياست اوپرا همبستر ناهي ٿي. آڻ انهن جي پلائيءَ لاءِ ئي ايڊز (AIDS) جي هنن ڏينهن ۾، اميد رکان ٿو ته اهي ضروري احتياطن کي عمل ۾ آڻي رهيا هوندا.

(ڇپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 14 فيبروري 1993ع)

ليکڪ: اقبال جعفر

پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون

پاڪستان هڪ گهڻ-قومي سماج آهي، ۽ ساڳيءَ طرح ئي باقي ڏکڻ-ايشيا آهي. اڄ، اهو خيال کو نئون يا ڏاڍو رُجائي (Optimistic) نه ٿو سمجهيو وڃي پر رڳو چاليهه ورهيه اڳ ان کي هتي (پاڪستان ۾) ۽ پارت ۾ غداريءَ کان گهٽ نه پئي سمجهيو ويو.

هڪَ ۽ ٻ-قومي نظرين جي وچ ۾ اٿاريل جهيڙي جي جَر ۽ دز ۾ اها ڳالهه ڏيان تي نه آندي وئي ته هيءُ اُپکنڊ هڪ اپار ۽ ڳٽيل چٽسالي هئي جنهن ۾ هر ڇٽ (ذري) کي پنهنجي هڪ ڇٽي نروار يل سرحد (علائقو)، تاريخ، ثقافت ۽ ٻولي هئي. ڏکڻ ايشيائي سماج جي اهائي وڌيڪ جٽادار حقيقت هئي، جيڪا پاڻ تي پاڙڻ (آزاديءَ) کان ترت پوءِ سياسي اڳواڻيءَ پاران ڏيهه ۾ تڏهن متعارف ڪرائي وئي جڏهن اڪيلي قومي ٻوليءَ طور پارتي حڪومت هنديءَ کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسان کوشش ڪئي ته اردو مقرر ٿئي.

پنهنجن پنهنجن ڏيهن ۾ قومي ٻوليءَ طور ٻنهي ٻولين کي هلائڻ خلاف مخالف ڏڙن جو اتساهه ۽ پارت ۽ پاڪستان ٻنهي ۾ سياسي اڳواڻيءَ لاءِ هڪ گستاخ (اڌنگو) جهٽڪو (جهوٻو) هو. پارتي ان جهوٻي مان نسبتن تيزيءَ سان نڪري آيا. پارت جون سموريون وڏيون ٻوليون دستوري طرح قومي ٻوليون ڪري مڃيون ويون. صوبائي حدون وري نروار ڪيون ويون، جيئن هر هڪ وڏي لساني ٽولي کي هڪ رياست هجي، ۽ پارتي يونين جي هڪ وفاقي اڏاوت کي نظريي ۽ عمل وسيلي مانُ ڏنو ويو.

اسين پاڪستان ۾ پنهنجي سماج جي گهڻ-قومي ڪردار (بيهڪ) جي حقيقت کي قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍا ڊرا رهيا آهيون. پاڪستان جي نسلي ڌر-نُماءُ (لئنڊ اسڪيپ) کي چٽي ميدو ڪرڻ جي ڪوشش رڳو لڪل نسلائپ کي وڌايو ۽ بنگلاديش جي تخليق، بلوچستان ۾ سزائيندڙ عملن، ويجهڙ ماضيءَ تائين سرنديءَ وارن ڪجهه پختون اڳواڻن جي اوجهڙ (اڪيلائپ)، ۽ مرڪزي حڪومت ۽ سنڌ ۾ لڳ ڀڳ دائمي جهيڙي ڏانهن وڃي وئي آهي. هاڻي، پنجيتاليهن ورهين ۽ ٽن مارشل لائي حاڪمين کان پوءِ اسان جي سياست ۾ نسلي ڪاپو سپ کان وڌيڪ سگهارو ڪپيندڙ زور آهي.

اڄو ته پاڪستان ۾ نسلي ٽوليبنديءَ جي فطرت تي هڪ مٽاچري نظر وجهون. عام طرح، هڪ نسلي ٽولو پيداوار آهي گڏيل ڪُڙمي (نسلي)، ثقافتي، تاريخي ۽ لساني نينهن (حق) جي، جيڪو ماڻهو جي هڪ ٽولي ۾ خصوصي سجاڻپ هجڻ جي پروڙ پيدا ڪري ٿو. پاڪستان ۾ نسلي ٽوليبندي مکيه طرح لساني آهي، جڏهن ته ٻيا عنصر رڳو معمولي اهميت وارا آهن.

پاڪستان ۾ نوَ وڏا (گهٽيءَ آبادي وارا) نسلي ٽولا آهن جن ۾ راولپنڊيءَ جي سول ڊويزن اندر ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ڳٽيل آبادي رکڻ وارا پونهاري ڳالهائيندڙ ٻ شامل آهن. تنهن هوندي ٻ، پونهاري کي 1981ع واري سرڪاري آدمشماري ۾ ڳيڻو نه ويو آهي. ان آدمشماريءَ ۾ ڳڻيل (جاڻايل) اٺ وڏا ٽولا پاڪستان ۾ ڪل آبادي جي سيڪڙي طور هن طرح آهن: پنجابي، پونهارين سميت 48.17 سيڪڙو، پختون 13.15 سيڪڙو، سنڌي 11.77 سيڪڙو، سرائيڪي 9.84 سيڪڙو، اردو 7.6 سيڪڙو، بلوچ 3.02 سيڪڙو، هندڪو 2.43 سيڪڙو ۽ بروهي 1.21 سيڪڙو.

لساني خاڪو				
	بلوچستان	سنڌ	سرحد	پنجاب
پنجابي	2.24	7.29	1.10	78.68
پشتو	25.07	3.06	6.30	0.76
سنڌي	8.29	52.40	0.05	0.08
سرائيڪي	3.08	2.29	3.95	14.90
اردو	1.37	22.64	0.83	4.27
بلوچي	36.31	4.51	0.04	0.57
هندڪو	0.13	0.35	18.13	0.04
بروهي	20.68	1.08	0.13	0.01
وسيلو: آدمشماري 1981ع				

لساني تولن جي صوبيدار ورهاست (ڏسو خانو) وڌيڪ معناپري نموني سمجهي سگهجي ٿي. جيڪڏهن اسين پنهنجي ذهن ۾ نسلي ملاوت جا هيٺ ڄاڻايل پاسا رکي سوچيون:

1. چئني مان هر هڪ صوبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه تمام وڏا نسلي تولا آهن. بلوچستان ۾ ٽي آهن. هر هڪ تولو پنهنجي صوبي ۾ هڪ نروازيل حد ۾ سرسي رکي ٿو (چانيل آهي) ۽ ڪن حالتن ۾ ته بي صوبي جي ويجهڙ واري ايراضيءَ ۾ ٻه پکڙيل آهي.
2. بلوچي ڳالهائيندڙ ماڻهو بلوچستان جي آبادي‌ءَ جو ٽين پتيءَ کان ڪو ذرو ئي وڌيڪ آهن، جڏهن ته سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو گهٽائيءَ جي جوکائتي سطح تي آهن جيڪا ٻين صوبن مان ڪجهه وڌيڪ انساني وهڪ سان ڏهي سگهي ٿي (ڏاهي سگهجي ٿي).
3. اردو ڳالهائيندڙ ماڻهو جيتوڻيڪ سڄي پاڪستان ۾ پکڙيل آهن پر سنڌ جي بن شهرن ۾ وڌيڪ ڳٽيل (رچيل) آهن.
4. بلوچستان کان سواءِ باقي هر صوبي ۾ ٻنهي وڏن لساني تولن مان هڪ (بنهه وڏو) ٻي کان ڳٽڻ ۾ تمام وڌيڪ آهي.
5. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٻيو نمبر وڏا تولا (پهريون نمبر وڏن تولن کان) اقتصادي طرح اوچي سطح تي آهن، جڏهن ته پنجاب ۽ سرحد ۾ ٻيو نمبر تولا هينئين اقتصادي سطح تي آهن.

پاڪستان جو نسلي ڏيک علائقائي طرح اقتصادي ترقيءَ جي مختلف سطحن ۽ ڳنڍيپ (ڪميونيڪيشن) جار جي ميسريءَ سان نهڪي اچي ٿو. سڀ کان وڌيڪ اسريل (ترقي ڪيل) ايراضيون لاهور، سيالڪوٽ، فيصل آباد جي وچ ۾ نهندڙ ٽڪنڊي ۾ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾، ۽ پوءِ ڪراچيءَ جي سول ڊويزن ۾ موجود آهن. ان جي نتيجي ۾، غفلت جي لحاظ سان مٿان کان هيٺ بروهڪي، بلوچي، سنڌي، هندڪو، پشتو، پونوهاري ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ ماڻهو آهن يعني انهن

ستن ٽولن ۾ بروهڪي ڳالهائيندڙ سڀ کان وڌيڪ ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ سڀ کان گهٽ بي ڏيانيءَ (غفلت) جو شڪار ٿيل آهن. سرائيڪي ۽ پونوهاري ماڻهن کي بهرحال ملتان ۽ راولپنڊيءَ ۾ هڪ هڪ صنعتي سرگرميءَ جو مرڪز آهي. پشتو ڳالهائيندڙن کي هاڻي گدونِ ۾ اسرندڙ مرڪز مليل آهي.

اهو عمل ئي وضاحت ڪري ٿو ته چو پونوهاري، پشتو ۽ هندڪو ڳالهائيندڙ ماڻهو هٿياربند قوتن ۾ وڌيڪ آهن، ۽ چو انهن مان گهڻا روزگار جي ڳولا ۾ پنهنجين ايراضين کان ٻاهر هليا وڃن ٿا. بروهي، بلوچ، سنڌي ۽ سرائيڪي ماڻهن کي اهو اختيار پڻ مليل آهي، پر اهو رڳو هڪ لفظي امڪان آهي. سنڌن ڪجهه ايراضين ۾ ڳنڍيڀ (ڪميونيڪيشن) ڄار پوريءَ طرح غائب آهي، ۽ سنڌن باقي ايراضين ۾ ڳنڍيڀ ڄار جو دير سان ۽ اڻپوري واڌاري کين پنهنجن ڳوٺن کان ٻاهر نڪري باقي دنيا ۾ ظاهر ٿيڻ کان رندائي رکيو آهي. سنڌن اوجهڙ (نويڪلائپ، اڪيلائي) ۽ اڻ چرپر، جيئن هاڻي ڏسنداسون، سنڌن حياتين تي ٻين ڪيترن ئي نمونن سان پڻ اثرانداز ٿيون آهن.

نسلي ۽ اقتصادي ڏيکن مٿان سنڌن سماجي ڏيک ٻه رکي سگهون ٿا، جيڪو انهن ٻنهي ڏيکن سان نهڪي اچي ٿو. اهو هيئن ته اقتصادي طرح پوئتي پيل ايراضيون، جن ۾ بروهي، بلوچي، هندڪو، پشتو ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا، اڄ ڏينهن تائين سماجي واڌاري جي انهن ڏاکن تي رهن ٿا جيڪي قبيلائي کان وٺي جاگيرائي ۽ نيم- جاگيرائي تائين پهچن ٿا.

تنهنڪري، جيڪڏهن تي نقشا (نسلي، اقتصادي ۽ سماجي) ناهيون ته انهن جو علائقي ڏيک مواد (ڳر) جي حساب سان ساڳيو هوندو. اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙ ايراضيون (جن ۾ پونوهاري ۽ سرائيڪي ايراضي شامل ناهي) وڌيڪ ترقي ڪيل ۽ شهري آهن ۽ وٽن چگو چوڪو ۽ اثرائتو وچون طبقو ٻه آهي ته اڻ ٻَڌو پورهيت طبقو ٻه، جڏهن ته باقي پاڪستان (جنهن ۾ باقي بچيل لساني ٽولا رهن ٿا) اڻ اسريل يا گهٽ اسريل آهي ۽ اهو پنهنجي سماجي بناوت ۾ قبيلائي، جاگيرائي يا نيم- جاگيرائي آهي.

ترقيءَ جي مختلف سطحن تي ۽ نسلي سجاڻپن وسيلي ڏار ٿيل آهي. سماجي-اقتصادي پرت مفادن جي حقيقي يا وهميل جهيڙي ۾ آهن ۽ اها حالت هڪ پاسي ڪنهن خاص ٽولي سان واسطيداريءَ جو ۽ ٻي پاسي وري ٻين ٽولن ڪان ڏاريائپ (اوپرائپ) جو مضبوط احساس پيدا ڪري ٿي. اهو ئي ڪجهه نسلائپ بابت چئي سگهجي ٿو.

تيزيءَ سان وڌندڙ آبادي ۽ ڍري ۽ اڻ برابر اقتصادي ترقي اهو ئي ڪجهه آهي، جيڪو اڳيان ايندڙ آئيندي بابت چئي سگهجي ٿو، جيڪو ورهاست کي اجا ٻه وڌائيندو. وڌندڙ اوپرائپ کي ويساهه-لائق نموني ميسارڻ جو ڍنگ (مواد) نه هجڻ ڪري نسلي ڇڪتاڻون ايندڙ ورهين ۾ اجا ٻه سگهاريون ٿيڻ واريون آهن. اسين ته پونوهاري نسلائپ جو اپرڻ ٻه ڏسي سگهون ٿا جيڪا هاڻي ان ايراضيءَ جي ماڻهن جو هٿياربند قوتن ۾ هجڻ جي ڪري دٻي پئي آهي.

اڻ برابر اقتصادي ترقيءَ جا، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته، تاريخي ۽ جاگرافيائي سبب آهن، پر گذريل 40-ورهين ۾ رڪاوٽ ترقي ٻه ورڻي ۾ مليل اهنجن (ڪوٽن) جون ڪرڙايون ختم نه ڪري سگهي آهي. ترقيءَ جي اٿهوند قبيلائي-جاگيرائي ثقافت ڏانهن هڪ اڻ سوچيل لاپو (ليز) پڻ وڌايو آهي ۽ ٻنهي گڏجي پاڪستان جي اڌ کان وڌيڪ آبادي جي سماجي، اقتصادي حياتيءَ کي گذريل صديءَ جي ڪنهن ڏاکي تي بيهاري ڇڏيو آهي.

اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿو ٿئي جو نراسيءَ جي ٻنهي، اقتصادي ۽ سماجي سببن جو علاج ساڳي ئي نسخي سان ڪيو وڃي ٿو. اقتصادي پسماندگي ۽ قبيلائي-جاگيرائي ثقافت جا ٽي وڏا دشمن آهن: روڊ (رستا)، تعليم (پڙهائي) ۽ هُنر. اهي ٽئي ڪجهه اهڙي قسم جي چرپر پيدا ڪن ٿا جيڪا بيهڪ ۽ جمود کي کائي وڃي ٿي. روڊ رستا ماڻهن ۽ سامان جي چرپر ممڪن ڪن ٿا، تعليم، پڙهائي مختلف خيالن (سوچن) جي چرپر کان واقف ڪري ٿي ۽ هنر ڏنڊي ۾ چرپر آڻن ٿا، جنهنڪري هارين کي هڪ ڏنڊي ۽ هڪ ئي دنڊو-ڏيندڙ جي ٻنڌڻ کان آجپو ملي ٿو.

سماجي تبديليءَ جون، بنا ڪنهن انقلابي اُپار جي، اهڙيون ئي مهربان ابتدائون آهن، پر سماجي تبديليءَ جي هنن بنيادي گهرجن ــ رستن، پڙهائي ۽ هنرن ــ مان ڪنهن هڪ تي به گهربل ڏيان نه ڏريو ويو آهي. حقيقت ۾ اسان جي سماجي-اقتصادي رڃابنديءَ ۾ اهي شعبا سڀ کان وڌيڪ بي ڏيانيءَ جو شڪار رهيا آهن.

پنڌتي پيل ايراضين ۾ رستن جي ڇار جي زبري کوٽ پٽ ڪرڻ جهڙي ئي ناهي. زراعت بابت قومي ڪميشن ڳوناڻن علائقن ۾ روڊن جي کوٽ جو ڪاٽو ڪيو ته اها 2-لک 50-هزار ڪلوميٽر ٽيندي. اها کوٽ سڄي ملڪ ۾ موجود روڊن جي ڊيگهه 1-لک 40-هزار ۽ 77 ڪلوميٽرن کان به گهٽي ڊگهي آهي.

سمورين دعوائن ۽ سيني ڪاٽن جي ابتڙ تعليم جي شرح 1981ع کان پوءِ، جڏهن گذريل آدمشماري ڪئي وئي، شايد ئي بهتر ٿي هجي. آدمشماريءَ موجب مختلف صوبن جي وچ ۾ پيٽ ۽ صوبن اندر شهري ۽ ڳوناڻي ايراضين ۾ پيٽ پڙهيل آباديءَ جي سيڪڙو انگن ۾ هيٺين طرح هئي:

	شهري	ڳوناڻي
سنڌ	31.4	15.6
پنجاب	27.4	20.0
اتر اولهه سرحدي صوبو	16.7	13.2
بلوچستان	10.3	6.2

شايد اجا وڌيڪ تفصيلن ۾ وڃڻ سان خبر پوندي ته خود پنجاب اندر پوٺوهار ۽ سرائيڪي ايراضين ۾ تعليمي شرح سنڌ ۽ سرحد ۾ موجود حالت کان بهتر ناهي. اهو سمجهندي ته اسان وٽ پڙهيل هجڻ بابت ڏاڍو مٿاڇڙو (ڇڙواڳ) ۽ لچڪيدار تصور آهي، هڪ ماڻهو چئي سگهي ٿو ته ڳوناڻن علائقن ۾ مرداڻي آباديءَ جي 5 سيڪڙو کان وڌيڪ ڳڻپ اخبار نه پڙهي سگهندي.

ٽنهي جزن مان آخري ــ هنرن ــ بابت ڪاٽو ڪري سگهجي ٿو ته انهن تي اڄ ڏينهن تائين ڪو به ڏيان نه ڏنو ويو آهي. خصوصاً ڳوناڻن علائقن ۾ جيڪو ڪجهه آهي، ان جو ته ماڻهن پاڻ ئي بلو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ گذريل ڳڻپ مهل (1991-1992) ملڪ ۾ 930-ووڪيشنل انسٽيٽيوشن (ڏنڊيوَر ادارا) هئا. ان جي ڪري ضرورت قبيلائي-جاگيرائي ثقافت کي گهوگهو تنگ ٽيو هوندو، جو ته ڳوناڻين ايراضين ۾ ماڻهو بندش ۾ رهن ٿا، جنهنڪري پنهنجي مرضيءَ جو ڏنڊو چونڊڻ جي اٽهوند آهي.

جيئن ته ٽيڪس هاليدي جي پيٽ ۾ صنعتي-ٽيڪ لاءِ روڊن ۽ هنرمندن جي موجودي وڌيڪ هرڪائيندڙ آهي، ان ڪري هر هڪ سمجهي سگهي ٿو ته هاٽوڪيون پوئتي پيل ايراضيون اقتصادي

بهتريءَ ڏانهن کا بامقصد راهه جوڙي سگهڻ لائق ناهن. حقيقت ۾ انهن کوٽن جي ڪري خود پنٽي پيل ايراضين ۾ زرعي شعبو ۽ بيهجي ويندو. اهو سڀ ڪجهه نراسيءَ جي احساس ۾ واڌ ئي آڻيندو، جيڪا سياست ۾ نسلائپ جي پنيان اهم چورٽي سگهه آهي.

آخر ۾، نسلي جهيڙي جو سياسي ۽ انتظامي پهلُو. هاڻي اهو سڃيءَ دنيا تي پڌرو ٿي پيو آهي ته هڪ گهڻ-قومي رياست رڳو وفاقي سرشتي هيٺ ئي جيئي سگهي ٿي، ۽ هڪ وفاقي سرشتو صحيح نموني ڪم رڳو جمهوري قدرن هيٺ ئي ڪري سگهي ٿو. اسان جمهوري ادارن کي هر هر پئي ڌاڙو ۽ بي عزت ڪيو آهي، ۽ ڪڏهن ۽ وفاقي سرشتي تي ڪم ڪرڻ لائق نه رهيا آهيون. گذريل 45-ورهين دوران هڪ ڏينهن لاءِ ۽ نه.

هاڻي انهن ناڪامين جي ڪري ايري آيل براين وڌڻ ويجهڻ شروع ڪيو آهي. هر شيءِ ــ دستوري جوڙجڪ کان انتظامي بندوبستن تائين ــ بابت سوال پڇيا (اعتراض ڪيا) پيا وڃن. حقيقت ۾ پاڪستان جي بنيادي تصور بابت سرحد، بلوچستان ۽ سنڌ جي علائقائي قومپرستن پاران سوال ڪيا پيا وڃن. ممڪن آهي ته اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙ ماڻهن ۾ پڻ ڪي شڪُيار ماڻهو موجود هجن پر انهن جون سوچون اوطاقن ۽ هوٽلن جي پٽين کان ٻاهر نه ٻڌيون ويون آهن.

تڏهن به، پاڪستان جي سالميت کي ڪو سخت جوکو ناهي، پر صوبن جي سالميت صوبن جي اقليتن پاران مختلف شدتون رکندڙ دابن هيٺ آهي. اڪيلو حل، نوان صوبا خلقڻ کان (ڪجهه) گهٽ، اهو آهي ته سول ڊويزن جي سطح تي خودمختيار چونڊيل حڪومتون متعارف ڪرايون وڃن جيڪي اتفاق سان نسلي ڊويزنن سان ٺهڪي اچن ٿيون.

مرڪز کان وٺي صوبائي سطح تي ۽ پڻ صوبائي کان ڊويزن سطح تي اختيارن جي سپردگي هجي. ان کان پوءِ صوبن ۽ ڊويزنن کي سندن قانوني دائرن ۾ آزاديءَ سان ڪرت ڪرڻ ڏني وڃي. ان بلي کي نه رڳو نظريي پر عمل ۾ به مانُ ڏيڻو آهي، جو ته وفاق ۽ صوبن کي بچائڻ جو اهو ئي اڪيلو دستوري ۽ سياسي رستو آهي.

(ڇپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 12 ڊسمبر 1992ع)

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

ڪٽرپڻو ـــــ هڪ قوم خلاف

(اقبال جعفر جي مضمون "پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون" جي چنڊچاڻ)

اقبال جعفر صاحب جو هڪ مضمون "**پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون**" (Roots of Ethnicity in Pakistan) ترجمو ٿي ڪالهوڪي اخبار ("جاڳو") ۾ ڇپيو آهي. مون سنڌ سان واسطيدار جيڪي ويهارو ڪن مضمون هن سال ترجمو ڪيا آهن، انهن لاءِ ٻين سجاڳ ساٿين جيان منهنجي ٻه اها ئي نيت پئي رهي آهي ته جيڪي ماڻهو انگريزيءَ ۾ نه ٿا پڙهي سگهن ۽ انگريزيءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي حمايت ۾ نيڪ نيتيءَ سان جيڪو ڪجهه لکجي پيو، ان کان واقف ٿي سگهن. ڪيترن ئي مضمونن جي سڄي مواد يا ڪجهه ڳالهين سان مڪمل طرح يا ڪجهه قدر اختلاف يا اتفاق رکڻ باوجود مون پنهنجي وس آهر انهن مضمونن جو ترجمو پوري ايمانداريءَ سان ڪيو آهي. اها ئي ڳالهه "پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون" سان ٻه لاڳو آهي، پر هن مضمون ۾ ڪجهه ڳالهيون اهڙيءَ ته سمجهداريءَ سان آنديون ۽ بيان ڪيون ويون آهن جو انهن کي جيستائين هر طرفي چنڊچاڻ هيٺ نه ٿو آندو وڃي، تيستائين سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو. ان ڪري هن مضمون ۾ آڻ اهي ڳالهيون ساٿين آڏو رکان ٿو جيڪي مون کي ويچار لائق محسوس ٿيون. (اها ٻه سڌ اٿم ته هن قسم جي مضمونن جي جواب ۾ ۽ وطن دوست عوامي موقف جي حمايت ۾ ڪي دانشور جيڪڏهن سڌو انگريزيءَ ۾ لکي سگهن ٿا، ته ضرور لکن ۽ اهو ڪم پنهنجن پهرين فرضن ۾ شامل رکن.)

اقبال جعفر صاحب جو ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي هڪ مضمون سراسري طرح هر ڏهين ڏينهن روزاني انگريزي اخبار "ڊان" ۾ ڇپيو رهي ٿو. عمومي طرح پاڻ جيڪو ڪجهه لکي ٿو، ان کي انگن اکرن، ڪنهن نه ڪنهن نئي ڪوڇ يا دليلن جي سهاري سان پيش ڪري ٿو ۽ انهن ۾ ائين پاسي ٿو ڇڪ پاڻ ڪنهن ٻه قسم جي نسلي ساڙ ۾ متبلا ناهي، هو هڪ وسيع ذهن جو مالڪ آهي ۽ حالتن جي چنڊچاڻ معروضي طرح ڪري ٿو.

"ڊان" هن سال (1992ع) جا شروع وارا ڇهه مهينا "معاملن جي حقيقي حالت ڪهڙي آهي؟" جي سري هيٺ هڪ سلسلو هلايو جنهن ۾ سنڌ جي موضوع تي اقبال جعفر صاحب جو، اخبار مطابق ڇرڪائيندڙ ۽ اڪيون ڪولينڊڙ مضمون ڇپيو. ان ۾ سنڌ اندر رهندڙ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ جي حوالي سان خاص ڳالهه اها ڪيل هئي ته سنڌي ڳالهائيندڙن جو مسلمان مذهبي پس منظر سهپ، رواداريءَ ۽ پروسي تي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جو شڪ، قبضي ۽ قرمار تي ٻڌل هو. ٻي خاص ڳالهه اها هئي ته سنڌي ٻوليءَ سان پاڪستان نهڻ کان پوءِ بي واجبي ڪئي وئي ۽ ٽين ڳالهه اها ته سنڌي ڳالهائيندڙن سان سياسي-سماجي سلوڪ مناسب نه رکيو ويو ۽ ساڻن ڪجهه نه ڪجهه ناانصافي ٿي هئي. پر، ان مضمون جي پچاڙي ۾ هُن پاڪستان يا سنڌ جي سياسي-انتظامي-سماجي مسئلن جو

جيڪو حل ٻڌايو هو، ان ۾ ۽ ڪالهوڪي مضمون "پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون" ۾ ڄاڻايل حل ۾ ڪو بہ فرق ناهي.

اقبال جعفر پنهنجي مضمون ۾ جيڪي ڳالهيون ڄاڻايون آهن، انهن مان ڪجھ هي آهن:

1. پاڪستان، باقي ڏکڻ-ايشيا جيان هڪ گھڻ-قومي سماج آهي.

2. پاڪستان ۾ گھڻين قومن جي ڳالھ ڪرڻ غداريءَ کان گھٽ نہ پئي سمجھي وجي، پر ھاڻي اھو خيال ڪو نئون ۽ رجائي (آپٽيمسٽڪ) نہ رھيو آھي. پاڪستان نھڻ وقت بہ قومي نظرئي جي جڙ ۽ دز ايڏي تہ ڇانيل ھئي جو ان وقت جيڪي حقيقي قومون ھيون ــ نرواريل سرحدون، تاريخ، ثقافت ۽ ٻولي رکندڙ ــ انهن کي نہ مجيو ويو.

3. پارت ۾ هندي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور مڙھڻ ۽ پاڪستان ۾ قومي ٻوليءَ طور اردو کي مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ٻنهي ڏيھَن ۾ ڪن ڏڻن ان عمل جي مخالف ڪئي. پارت تہ ترت ئي سموريون وڏيون (گھڻائي رکندڙ) ٻوليون دستوري طرح قومي ٻولي طور مجي ورتيون ۽ هر هڪ لساني ٽولي کي صوبائي سرحدون نروار ڪري ڏنيون، پر پاڪستان ۾ اسين گھڻ-قومي ڪردار (بيھڪ) واري حقيقت کي مڃڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍا ڊرا رھيا آھيون.

4. پاڪستان ۾ هر نسلي ٽولو هڪ گڏيل ڪڙم (نسل، ثقافت، تاريخ ۽ ٻوليءَ جي ڪري پيدا ٿيل نينهن رکي ٿو جنهنڪري ان جي مخصوص سڃاڻپ نھي ٿي، پر اهميت وارو عنصر ٻولي آهي، باقي ٻيا سڀ فرق مٽاڻرا آهن.

5. پاڪستان ۾ نوَ وڏا (گھڻائي رکندڙ) نسلي ٽولا آهن. پنجابي ڳالهائيندڙ 48.17 سيڪڙو (1981ع جي آدمشماريءَ ۾ پونوهارين کي پنجابين ۾ ملائي ڳڻيو ويو آهي، تنهنڪري انهن ٻنهي جي آدمشماريءَ جو سيڪڙو گڏيل انگن ۾ آهي).

.1	پنجابي ڳالهائيندڙ پونوهاري	48.17 سيڪڙو
.2	پشتو	13.15 سيڪڙو
.3	سنڌي	11.77 سيڪڙو
.4	سرائيڪي	9.84 سيڪڙو
.5	اردو	7.60 سيڪڙو
.6	بلوچي	3.03 سيڪڙو
.7	هندڪو	2.43 سيڪڙو
.8	بروهڪي	1.21 سيڪڙو

6. سنڌ ۾ سنڌي مادري ٻولي طور ڳالهائيندڙن جو سيڪڙو 52.40 آهي ۽ اردو ڳالهائيندڙ 22.64 سيڪڙو آهن. سنڌ ۾ تعليمي شرح موجب شهري 13.40 سيڪڙو ۽ ڳوناڻا 15.60 سيڪڙو پڙهيل آهن. اردو ڳالهائيندڙ ٽولو اقتصادي ۽ سماجي طرح وڌيڪ اسريل آهي ۽ منجهس 80-سيڪڙو ماڻهو پڙهيل آهن.

7. جيئن ته پاڪستان ۾ جمهوري نظام کي وڌڻ ويجهڻ نه ڏ نو ويو آهي تنهنڪري ٻين براين سان گڏ هاڻي، نسلائپ وڌي وئي آهي. ايتري قدر جو سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي علائقائي قوم پرستن پاڪستان جي بنيادن بابت ٻه اعتراض اٿارڻ شروع ڪيا آهن.

8. خطرو پاڪستان جي ٽُٽڻ جو نه، پر صوبن جي تٽڻ جو آهي، جنهن کان بچڻ لاءِ ۽ نسلي جهيڙن کان بچڻ لاءِ اڪيلو حل اهو آهي ته جيڪي نسلي ٽولا جن جاگرافيائي علائقن ۾ ڳٽيل آبادي رکن ٿا، انهن علائقن (جيڪي اتفاق سان سِول ڊويزنون ٻه آهن) ۾ خودمختيار چونڊيل حڪومتون متعارف ڪرائي، اختيار انهن جي حوالي ڪيا وڃن.

ويهه ورهيه کن اڳ جي ڳالهه آهي، سنڌ ۾ هڪ مخصوص لساني ٽولي پاران پنهنجي ٻولي زوريءَ مڙهي رکڻ لاءِ پاڪستان جي حقيقي حاڪمن جي مدد سان مهاجر-پنجابي-پختون محاذ جي ڇانوَ هيٺ لساني بل جي آڙ ۾ سنڌين خلاف دهشتگرديءَ جو مچ مچايو ويو هو. تڏهن منهنجو نام نهاد مذهبي جماعت جي هڪ اهڙي ڪارڪن سان بحث ٿي پيو جيڪو پاڻ کي ڏاڍو "فراخدل"، "لبرل" ۽ عالم سمجهندو هو. هن سنڌين جي قومي شعور خلاف ڏاڍيون باهيون پئي چنڊيون ۽ مسلمان قوم ۽ پاڪستان جي حمايت ۾ دليل جا درياهه پئي وهايا. بحث ٿيو، بحث ۾ ڦڙتي بازي نه پئي هلي سگهي، جو ڪجهري شاهد ۽ منصف هئي. بحث هلندي جڏهن فراخدل صاحب پنهنجن دليلن سان پاڪستاني قوم نه ناهي سگهيو، تڏهن اوچتو اعلان ڪري سيني جون مَتيون منجهائي چڏيائين، ته پاڪستان ۾ حقيقي طرح کا قوم آهي ئي کا نه!... پر جيڪڏهن کا قوم ناهڻي ئي اٿوَ ته پوءِ سنڌ ۾ ئي ويهه کن قومون نهي پوندیون....!

"اهو وري ڪيئن؟" ڪجهريءَ پڇيو.

"جيڪڏهن ڪنهن قوم لاءِ هڪ ٻوليءَ جو هجڻ ضروري آهي، ته پوءِ سنڌ ۾ انگريزي، اردو، پشتو، سرائيڪي، بلوچي، پارسي ٻوليون ٻه ڳالهايون وڃن ٿيون... ۽ خود جيڪي سنڌي سڏيا وڃن ٿا، اهي سنڌي ڪٽي آهن، اترادي ٻولي ٻِي، ته ڪوهستاني ٻِي، ڊاٽڪي ٻي، ته ٿري وري ٻي، ڪانياواڙي، ڪچي، گجراتي، ميمڻڪي، ٻيلائي وغيره وغيره. اجا جي وڌيڪ چئو، ته پوءِ سما قوم، ابڙا قوم، سومرا قوم، پُٽا قوم، لاشاري قوم، رند قوم، چانڊيا قوم... ڇا اهي قومون ناهن؟ ٻڌايو ته سهي!"

ڪجهريءَ ان کي چيو ته "هاڻي وِڪلين ٿو."

فتوا واري انداز ۾ چيائين ته جيڪڏهن مسلمان قوم ناهي، پاڪستاني قوم ناهي، ته پوءِ دنيا ۾ کا ٻه قوم ناهي، پوءِ ته اسين سنڌ ۾ ئي پنج سؤ قومون ناهي چڏينداسون، نه ته توهين ٻه مجو، ته سنڌي قوم نالي کا ٻه شيءِ وجود نه ٿي رکي.

چيو ويس ته جيڪڏهن قوم ناهڻ توهان جي هٿ-وس هجي ها، ته پوءِ ضرور ايئن ڪيو ها، پر افسوس! قومون ڪجهه دانشورن جي چوڻ سان ۽ زوريءَ نه ٺهنديون آهن.

اقبال جعفر صاحب جو مضمون پڙهي، مون کي فراخدل صاحب ڏاڍو ياد آيو ۽ سوچيم ته سندس قبيلي جو پوڪيل ٻج ڏاڍو پکڙيو آهي. جيڪڏهن سنڌي قوم آهي، ته پوءِ اردو ڳالهائيندڙ ٻه قوم آهن، ۽ جي اردو ڳالهائيندڙ هڪ لساني يا نسلي ٽولو آهي، ته پوءِ سنڌي ٻه هڪ لساني يا نسلي ٽولو آهي، تنهنڪري سنڌ جي ڏرتيءَ تي اردو ڳالهائيندڙ ٽولي لاءِ نرواريل سرحدون هجڻ گهرجن!

ڪجهه عرصو اڳ مهاجر قوم جي دعويدار ۽ سنڌ ۾ دهشتگرديءَ جي جيئري سردار ٻه ٽوڪ ڪندي چيو هو ته سنڌ جي ڏرتيءَ تي جيترو سنڌين جو حق آهي اوترو مهاجرن جو ٻه آهي، نه ته پلا

سنڌي پنهنجي مالڪيءَ جي سَند ته ڏيکارين؟ اڄوڪا سنڌي خود ڏاريا ڪاهيندڙ آهن. مهاجرستان ناهڻ جون ڳالهيون 1964ع کان وٺي موجود آهن ۽ سنڌين خلاف دهشتگردي، سنڌين کي ڪراچيءَ مان ڪڍڻ جون سازشون ۽ مهاجر سپر پاور حق ڄمائڻ جون ڳالهيون ڪنهن کان به وسريون ناهن. مهاجر قومي موومينٽ (م ق م) اڄ (29-نومبر 1992ع) وري نئين روپ ۾ جياري وئي آهي ۽ سياڻي مهاجريت جيڪي نازي ۽ فاشِي ڪرتوت ڏيکاريندي تنهن لاءِ اڄ ئي تياري ڪرڻ گهرجي.

سياڻي جيڪڏهن غير قانوني ۽ ناجائز طرح آيل بنگالي، جيڪي سالن کان سنڌ ۾ رهيل آهن، دعويٰ ڪن ته اهي به هڪ قوم يا لساني ٽولو يا نسلي ٽولو (جيڪو توهان پنهنجو پاڻ کي قرار ڏيو) آهن ۽ کين به نرواريل سرحدون ملڻ گهرجن، ته پوءِ ڇا ٿيڻ گهرجي؟

ساڳيءَ طرح برمي، انڊونيشي، سيلوني، تِبتي، افغاني، پختون، پنجابي وغيره به سنڌ تي پنهنجيءَ ڏرتيءَ جي دعويٰ ڪري سگهن ٿا، پوءِ ڇا ٿيندو؟

ڇا سنڌين جي ڏرتيءَ ايڏي نڌڪي آهي جو جيڪو به پنهنجي ڏرتيءَ کي بک، بيروزگاري، بدامنيءَ وغيره جي ڪري يا ان تي فتنا فساد اٿاري، پڄي اچي، ناجائز طرح سنڌ ۾ رهي، اهو بن چئن سالن کان پوءِ داداگيري ڪري سنڌجي ٽڪري جو وارث ٿي ويهي رهي؟

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته اقبال جعفر صاحب پنهنجي مضمون ۾ بين جيان سنڌين لاءِ عمومي طرح کي اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن، جيڪي سُڻيون سڌي سگهجن ٿيون جيئن هيتري چرپر، رودِ رستن جو واڌارو ۽ تعليمي ترقي، پر اهي ڳالهيون اڄ ڪلهه ته پاڪستان جو هر حڪمران به ڪري ٿو، توڙي جو هو پنهنجي دَور ۾ زبردست ترقيءَ جي هام هڻندو هجي.

اچو ته پهريائين ان نُڪتي کي جاچيون جنهن جو نمبر-8 آهي ۽ جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته خطرو پاڪستان جي ٽٽڻ جو نہ، پر صوبن جي ٽٽڻ جو آهي، جنهن کان بچڻ لاءِ، نسلي جهيڙن کان بچڻ لاءِ، ليڪڪ وٽ اڪيلو حل اهو آهي ته جيڪي نسلي ٽولا جن علائقن ۾ ڳٽيل آبادي رکن ٿا انهن علائقن (جيڪي اتفاق سان سول ڊويزن به آهن) ۾ خودمختيار چونڊيل حڪومت متعارف ڪرائي، اختيار ان جي حوالي ڪيو وڃي.

مون کي خبر ناهي ته ڪراچي ڊويزن کان سواءِ ٻي ڪهڙي سِول ڊويزن آهي جنهن ۾ ٻيو ڪو لساني ٽولو وڏي اڪثريت رکندو هجي ۽ مون کي جيئن ته ڳالهه سنڌ جي ئي ڪرٽي آهي تنهنڪري سنڌ جي حوالي سان ليڪڪ جي مقصد ۾ اها ڳالهه چٽي طرح اچي ٿي وڃي، ته سنڌ جون باقي ٽي ڊويزنون پلي سنڌين (جن کي به ليڪڪ نسلي ٽولو سڏي ۽ سمجهي ٿو) جي حوالي هجن، پر چوٽين ــ ڪراچي ڊويزن ــ ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي لساني (جنهن کي ليڪڪ نسلي سڏي ۽ سمجهي ٿو) خودمختيار چونڊيل حڪومت متعارف ڪرائي اختيار انهن جي حوالي ڪرڻ گهرجي. ڇا ان ۾ ڪا بدنيتي لڪل ناهي؟

هن وقت ڪراچي ڊويزن جي آبادي وڌ ۾ وڌ هڪ ڪروڙ چئي وڃي ٿي، جنهن ۾ دهشتگرد سردارن جي دعويٰ موجب اردو ڳالهائيندڙن جي آبادي 55-لک آهي (حقيقت ۾ 55-لک آبادي اردو ڳالهائيندڙن جي ناهي، پر ان ۾ ڪچين، ميمڻن ۽ اسماعيلين ۽ بين ناجائز رهواسين کي به زوريءَ ڳڻيو وڃي ٿو، جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن جا ڪيترائي ڪائونسلر برمي ۽ بنگالي آهن ۽ ناجائز طرح آيل پارتي ۽ بهاري ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ به آهن). باقي 45-لک آبادي ۾ 20-لک سنڌي، 15-لک پنجابي، 7-لک پنائ ۽ 3-لک بلوچ آهن. جيڪڏهن ڪُوڙن انگن

اکرن وسيلي ٻه پاڻ کي معمولي اڪثريت ثابت ڪري سگھندڙن جي لاءِ، جيڪي سنڌ ڌرتيءَ جا تاريخي ۽ فطري رهواسي ٻه ناهن، هڪ خودمختيار حڪومت ۽ علائقي جي گهر ڪري سگھجي ٿي، تہ پوءِ اهو مطالبو سنڌين لاءِ ڇو نہ ٿو ڪري سگھجي، جيڪي سنڌ جا حقيقي، فطري ۽ تاريخي رهاڪو ٻه آهن تہ وارث ۽ مالڪ ٻه ۽ جيڪي ڪُوڙن ۽ گھٽايل انگن اکرن موجب ٻه هڪ اڪثريت آهن (۽ جيڪڏهن سنڌين جي ڳڻپ کي سنڌين جي مادري ٻوليءَ تائين محدود ڪرڻ بدران حقيقي سنڌي قوم جي ڳڻپ تائين وڌايو وڃي، تہ ڪير اڪثريت آهن؟).

هر هڪ تاريخي قوم کي سندس پنهنجي علائقي ۾ خودمختيار چونڊيل حڪومت ڏيڻ اختيار ان جي حوالي ڪرڻ جو مطالبو جائز، قانوني ۽ اصولي آهي، ان ڪري نہ ٿو ڪيو وڃي جو ان تي عمل ٽيڻ جي ڪري سنڌ تي سنڌين جي ڪانئن ڪسيل مالڪي موٽڻ لڳندي جيڪا ساڻيلن، ڪٽر ۽ ڦورو حاڪمن کي ڪنهن ٻه طرح پسند ناهي.

ليڪڪ کي صوبن جي ٽٽڻ جو خطرو نظر ڇو ٿو اچي ۽ پاڪستان جي ٽٽڻ جو ڇو نہ ٿو نظر اچي؟ ٻي پاسي وري پاڪستان جي هر حڪمران کي سدائين علائقائي قوم پرستن، علحدگي پسندن وغيره کان پاڪستان ٽٽڻ جو خطرو ئي نظر ايندو آهي، سو ڇو؟

اهو سؤ سيڪڙو سچ آهي تہ بلوچستان ۾ بروهي، بلوچ ۽ پختون، پنجاب ۾ پنجابي، سرائيڪي ۽ پونوهاري ۽ پختونخواهه ۾ پختون ۽ هزارا پاڻ ۾ اٽٻٽت ۽ ڇڪتاڻ رکن ٿا، پر منجهن موجود تضاد ايترو شديد ڪنهن ٻه صورت ۾ ناهي جو صوبن جي ٽٽڻ جو خطرو موجود ٿي پيو هجي، جڏهن تہ سنڌ ۾ دهشتگردن ۽ سندن حمايتي دانشور ۽ حاڪم لڏي جي ماڻهن جِي، بهرحال اها سڌ ئي نہ پر باعمل سڌاءُ آهي تہ سنڌ کي ٽوڙيو وڃي.

ڇي سنڌ کان ڪسڻ جي سازش ۽ سنڌ جو وجود ميسارڻ جي رڃابندي ڏاڍي پراڻي آهي جيڪا اڄ داداگيريءَ ۽ دهشتگرديءَ سان گڏ دانشوراڻي روپ ۾ پيش ڪئي پئي وڃي. جن ٻه ماڻهن پاڪستان ٺهندي ئي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڇنڻ ۽ مرڪزي علائقو بنائڻ بابت سنڌ اسيمبلي ۾ ٽيل بحث جي ڪاروائي پڙهي هوندي ۽ جيڪي ماڻهو پاڪستان جي 45-سالا تاريخ جا ڄاڻو آهن، اهي پڪ سان ڇئي سگھندا تہ اڄ ڏينهن تائين پاڪستان جي حقيقي حاڪمن پنهنجي قول ۽ لکت تان ڪمينن جيان اکيون ڦيري وڃڻ ۾ ڪڏهن ٻه دير ئي نہ ڪئي آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي ڪنهن چيو هو تہ "پاڪستان ۾ رڳو هڪ ڳالهہ ئي پڪ سان ڇئي سگھجي ٿي تہ پاڪستان ۾ ڪا ٻه ڳالهہ پڪ سان نہ ٿي ڇئي سگھجي."

هتي هڪ ٽڪرو ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٽيل ڳالهہ ٻول منجهان پيش ڪرڻ گهران ٿو:

حيدر بخش جتوئيءَ جي مضمون "ڪراچي ۽ سنڌي ٻولي" ۾ جيڪو 1957ع ۾ لکيو ويو ۽ تازو ئي "سنڌ ڪئارٽرلي" (انگريزي) (جلد 20، 1992ع، نمبر 4) ۾ ڇپيو آهي، اوير پاڪستان جي خواجہ شهاب الدين جي بحث کان پوءِ ساڳي ئي ڌرتيءَ جي پٽ پروفيسر راجڪمار چڪروتي جا لفظ ٻه آهن. خواجہ شهاب الدين چيو هو تہ سائين مان نہ ٿو ڄاڻان تہ ٻاهر ان تاثر جنم ورتو آهي تہ جيڪڏهن مرڪزي حڪومت ڪراچيءَ جو ڪنٽرول پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو، تہ هي شهر سنڌين لاءِ اوپرو ٿي (وڃائجي) ويندو. هن اهو ٻه چيو تہ ميزبان کي ڪنهن ٻه معاملي بابت ڊڄڻ نہ ڪپي. تڏهن پروفيسر چڪروتي چيو: اسين ڄاڻون ٿا تہ هن مسئلي تي سنڌ جي ماڻهن جا احساس ڏاڍا شديد آهن... ڪراچي سنڌ صوبي جو

روح، يا شديد تنتي سرشتو آهي. ڪراچيءَ کان سواءِ سنڌ هڪ رڻ آهي ۽ رڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نہ. جيڪڏھن ڪراچي کسي وئي تہ سنڌ پنھنجي سموري اھميت وجائي ويھندي... ۽ جيڪڏھن سنڌ کان ورتي وئي تہ پوءِ مون کي ڊپ آهي تہ، اھو شايد باقي سنڌ کي اولھ پنجاب (يعني پاڪستان واري پنجاب) جي حڪومت سان ڳنڍڻ لاءِ مناسب سبب ھوندو (1948ع ۾ تيز فھم پارکوءَ جيڪو ڪجھ ڄاڻايو، اھو 1955ع ۾ سچ ٿيو ــ ون-يونٽ جي روپ ۾ ۽ ــ جي ماڻھن خلاف ھر قسم جو زوربار ۽ ڏوکو ڪم آندو ويو. - حيدر بخش جتوئي). اڄو تہ اسين شڪرگذاريءَ جي جذبي سان سنڌ جي ان سخي ڪردار کي ميجون جيڪو ان (پاڪستان ناھڻ جي) سلسلي ۾ ميزبان طور ڪردار ادا ڪيو آهي. پر ھاڻي مون کي نظر اچي ٿو تہ، وڏي بدقسمتي چئبي جو، مھمان پنھنجي ميزبان کي تڙي رھيو آهي. محترم خواجہ شھاب الدين پاران ٻڌايل سببن مان اھو ھڪ ھو. ھو چوي ٿو تہ، ميزبان کي ڪنھن به معاملي ۾ ڍڪ نہ ڪپي، رڳو (ايترو ئي تہ ٺئي ٿو جو) مھمان ٿو ميزبان کي تڙي ڪڍي، نہ ان کان وڌ ۽ نہ ئي ان کان گھٽ. جيڪڏھن اھو ھڪ سنو منطق ۽ سني دليل بازي آهي، تہ پوءِ سڄي دنيا جي ميزبانن کي اڄ کان پوءِ ڪنھن به مھمان جي ميزباني ڪرڻ کان اڳ ھوشيار رھڻ کپي. سڄي دنيا جي ميزبانن لاءِ اھو ھڪ سنو سبق آهي....

ليڪڪ اقبال جعفر صاحب تہ ڪراچي شھر بدران ڪراچي ڊويزن تي ميري نظر رکيو وينو آهي.

سنڌ تي ميري نظر رکندڙن کي گھرجي تہ سڄي سنڌ، پر جي سنڌ جي دل ئي کين ملي وڃي تہ پوءِ اھي ڏائڻ جيان ارھا نہ ٽيندا ــ پرائي گھران ڏِڪو به پلو ــ ھيءَ تہ ڪراچي ھوندي. سڄي ڊويزن، چار آباد ضلعا، پاڪستان جو سڀ کان وڏو صنعتي مرڪز ۽ بندرگاھ، سنڌ جي بجيٽ تي سڪيلڊن جيان پليل شھر، سنڌ جو ڪرنگھو جنھن جو ھر جيو-گھرڙو سنڌين جي سگھ نپوڙي نھيو آهي، جنھن کان سواءِ سنڌ جڏڪ لُولي ٿي پوندي.

۽ حوالي کنھن جي ٽيندو؟ سنڌين، پنھنجي محسنن، پناھ ڏيندڙ جي قاتل دھشتگردن ۽ بي رحم جلادن جي حوالي، جن جي سُتيءَ ۾ ڌرتيءَ سان وفاداري آهي کو نہ، بي پاڙا، تاريخي رولو ۽ پاڙيتو خوني، ڪٽر، ساڙيلا ۽ جنوني جلاد، جن جي دھشتگرديءَ کي ذھن ۾ رکندي (اھو) ليڪڪ سمجھي ٿو تہ صوبن جي تڻڻ جو خطرو آهي، تنھنڪري ان دھشتگرديءَ کي بچڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪراچي ڊويزن انھن جي حوالي ڪئي وڃي.

پڙھندڙن کي ياد ھوندو تہ ڄام صادق پنھنجي حڪمرانيءَ جي ڏينھن ۾ دھشتگردن کي سنڌ ٻيلڻ لاءِ اھم ترين وزارتون، ايجا به قائم مقام وڏ وزارت ڏئي دھشتگرديءَ وسيلي قتل واري عمل کي جھڪو ڪرڻ جي ضمانت وني سنڌ ۾ امن امان جي سڌريل صورتحال واريون ٻڌاکون ھڻڻ لڳو ھو تڏھن کنھن دل جلي (سجاڳ) سنڌي صحافيءَ لکيو ھو تہ ڏاڙيلن کي به جيڪو ڪجھ ڦرلٽ ۾ گھرجي کين اھو ڏئي ڏاڙا بند ٿي وڃڻ جي به ھام چو نہ ٿا ھڻو؟ دھشتگردي ۽ ڏاڙيل، ڦورو ۽ بدمعاش کي جيڪو ڪجھ گھرجي اھو جيڪڏھن کيس قانوني ڪري ڏنو وڃي، تہ ٻيو وري ڇا گھربو!؟

ڪارل مارڪس چيو ھو تہ تاريخ مان اسان رڳو ھڪ سبق سکيو آهي تہ اسان تاريخ مان ڪجھ به نہ سکيو آهي. خود اقبال جعفر صاحب جو اھو چوڻ تہ ڊويزن سطح تائين خود مختياري ڏني وڃي، ان ڳالھ جي نشاندھي ڪري ٿو تہ ملڪ ھڪ زبردست چڪتاڻ ھيٺ آهي، صوبن ۾ اقليتن پاران مختلف شدتون رکندڙ داب تہ کيس نظر اچن ٿا، جو تہ اھا ڳالھ چوندي ھو پنھنجن مخصوص مفادن جي ويجھو

پهچي ٿو، پر ڪيس ٽن صوبن جي اڪثريتن پاران مختلف شدتون رکندڙ داب نظر نہ ٿا اچن، جيڪي اول نظر اچڻ گهرجن.

اقليتن لاءِ خودمختيار ڊويزنون ناهڻ بدران، ڇا اهو وڌيڪ بهتر ناهي تہ اڪثريتن جون رياستون، جيڪي هڪ ڊگهي تاريخي عرصي کان برقرار پئي رهيون آهن ۽ پنهنجن علائقن تي تاريخي ۽ فطري حق ب رکن ٿيون، نروار ڪري کين هر طرح خودمختيار بنايو وڃي؟ اهڙيءَ طرح ڪيل قول ب ڪجهہ پاڙجي سگهيو.

اصل ۾ ليڪڪ پارا دانشورَ ان قسم جي حقيقت پسند گُهر ڪندا ئي نہ، چو تہ اها سندن مخصوص گروهہ پرست مفادن جي خلاف آهي. ليڪڪ کي گروهہ پرست چو ٿو چوان، ان جي لاءِ مون وٽ ڪيترائي سبب آهن. اچو تہ انهن کي جاچيون.

(الف) پاڪستان ۾ ليڪڪ جي چوڻ موجب هر نسلي ٽولي کي هڪ گڏيل ڪڙم (نسل، RACE)، ثقافت، تاريخ ۽ ٻولي آهي.

(ب) پاڪستان هڪ گهڻ قومي سماج آهي.

(ٽ) پاڪستان ۾ گهڻ قومي سماج کي مجڻ ۾ ڊرائي ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ پارت ۾ هر لساني ٽولي کي ڏار ڏار صوبائي سرحدون نروار ڪري ڏنيون ويون.

(ج) پاڪستان ۾ نوَ ٽولا (گهڻي آبادي رکندڙ) نسلي ٽولا آهن.

اهي سمورا نڪتا گڏيل سوچ ۽ ڏيان گهرن ٿا.

ليڪڪ يا تہ هڪ قوم، هڪ لساني ٽولي ۽ هڪ نسلي ٽولي ۾ فرق نٿو ڄاڻي، يا ڄاڻي واڻي انهن جي وچ ۾ فرق کي ظاهر نٿو ڪري يا وري هو شعوري طور ڪنهن خصوصي مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ قوم، هڪ لساني ٽولي ۽ هڪ نسلي ٽولي کي ساڳيءَ معنيٰ وارو ظاهر ڪرڻ گهري ٿو.

منهنجو خيال آهي تہ پويان ب رايا وڌيڪ صحيح نموني ليڪڪ جي ذهن جي ترجماني ڪن ٿا. اها راءِ قائم ڪرڻ لاءِ مون وٽ سبب آهن.

ليڪڪ جي چوڻ موجب پاڪستان هڪ گهڻ قومي سماج آهي يعني پاڪستان ۾ بن کان وڌيڪ قومون آهن، انهن هڪ چٽسالي ناهي رکي هئي ۽ هر هڪ چٽ (ذري قوم) کي پنهنجو نرواريل علائقو، تاريخ، ثقافت ۽ ٻولي آهي.

ليڪڪ پاڪستان ۾ نسلي ٽولي بنديءَ تي نظر وجهڻ جي دعوت ڏيندي چوي ٿو تہ هر نسلي ٽولو پيداوار آهي گڏيل ڪڙم (نسلي)، ثقافتي، تاريخي ۽ لساني نينهن جو، جنهن سان هر هڪ نسلي ٽولي جي سجاٽپ ٿئي ٿي.

ليڪڪ کي نظر اچي ٿو تہ پاڪستان ۾ گهڻ قومي ڪردار کي مجڻ ۾ ڊرائي ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ پارت ۾ هر لساني ٽولي کي صوبائي سرحدون نروار ڪري ڏنيون ويون. (هتي ليڪڪ اهو مطالبو نہ ٿو ڪري تہ پاڪستان ۾ ب هر قوم يا نسل يا لساني ٽولي کي سرحدون نروار ڪري ڏنيون وڃن ها، اهو ان ڪري جو انهن ڏينهن ۾ سندس مخصوص مفادن تي ٺهڪندڙ سندن لساني ٽولو وڃوڙ ۽ لڏپلاڻ جي حالت ۾ هو ۽ ان ڪري ان لاءِ ڪو ب سرحد بند علائقو نہ نهي پئي سگهيو.)

ڏنل نڪتن جي روشنيءَ ۾ صاف چئي سگهجي ٿو تہ ليڪڪ جي خيال موجب هڪ لساني ٽولي وٽ رڳو هڪ ٻولي هوندي آهي، هڪ نسلي ٽولي وٽ گڏيل ڪڙم، ثقافت، تاريخ ۽ ٻولي ٿئي ٿي، جڏهن تہ هڪ قوم وٽ انهن سيني خصوصيتن سان گڏ هڪ خطو (علائقو) ب هوندو آهي.

دنيا ۾ هڪ لساني ٽولي، هڪ ذات، هڪ قبيلي، هڪ نسلي ٽولي، هڪ لاڏائو ٽولي، هڪ پناهگير ٽولي ۽ هڪ قوم ۾ فرق رکيو وجي ٿو، پر ليکڪ هڪ نسل، هڪ لساني ٽولي ۽ هڪ قوم کي پاڻ ۾ انگڙو ونگڙ ڪري منجهائڻ، هڪ بي جو متبادل سڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مون ليکڪ ڏانهن "ڊان" جي معرفت هڪ خط لکيو آهي (۽ پڙهندڙن کي به هڪ خط لکڻ جو عرض ٿو ڪيان) جنهن ۾ مون کائنس پڇيو آهي ته:

1. جيڪڏهن پاڪستان ۾ گهڻيون قومون آهن، ته انهن جا نالا ڪهڙا آهن ۽ اهي ڪيئن هڪ نسلي ۽ لساني ٽولي کان فرق رکن ٿيون؟
2. جيڪڏهن پاڪستان ۾ وڏي آبادي۽ وارا نوَ نسلي ٽولا موجود آهن، ته پوءِ قومون ڪٿي آهن ۽ لساني ٽولا ڪهڙا آهن؟
3. مادري ٻوليءَ موجب انگن اکرن ۾ جن ٽولن کي ظاهر ڪيو ويو آهي، اهي لساني ٽولا سڏبا يا نسلي ٽولا ؟

ليکڪ ۾ جيڪڏهن ذري جيتري به علمي فضيلت موجود آهي، ته پوءِ آءٌ اميد رکان ٿو ته هو هڪ مضمون وسيلي ان موضوع کي ساڳي ئي اخبار ۾ لکي ظاهر ڪندو.

هن مضمون ۾ ليکڪ هڪ لساني ٽولي، هڪ نسلي ٽولي ۽ هڪ قوم ۾ فرق کان شعوري طرح نٽائي ۽ انهن کي هم مفهوم نموني پيش ڪري هڪ عملي بي ايماني ڪئي آهي.

مادري ٻوليءَ جي بنياد تي انگ اکر ڏئي انهن کي نسل سڏڻ ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڏرتيءَ تي سنڌي قوم ۾ سمائجي ويل اردو، پنجابي، سرائيڪي، بلوچي وغيره مادري ٻوليون ڳالهائيندڙ آبادي۽ کي سنڌي قوم کان خارج رکي سنڌين کي هڪ اقليت جي ويجهو پهتل نسل يا لساني قرار ڏيڻ دانشوارنہ سازش کان سواءِ ٻيو ڪجهہ به ناهي.

سنڌ ۾ اڄ به ۽ پاڪستان نهڻ کان اڳ به ڪيترائي ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ انگريزي، پارسي، اردو، بلوچي، پشتو، پنجابي، سرائيڪي يا سنڌي ڳالهائيندڙ هئا پر اهي قوم جي حيثيت ۾ سنڌي هئا ۽ آهن ۽ اهي به بنا ڪنهن لساني ساڙ جي پاڻ کي سنڌي ئي سمجهندا هئا ۽ آهن. اصل ڳالهہ به اها آهي ته ماڻهو پاڻ کي ڪهڙي قوم جي حوالي سان سڃاڻي ٿو ۽ ڪهڙي قوم جون خصوصيتون ۽ ڪردار رکي ٿو. سنڌ ۽ پنجاب ۾، سنڌ ۽ بلوچستان ۾، سنڌ ۽ پختونخواهہ ۾، سنڌ ۽ پارت ۾، سنڌ ۽ ايران ۾، ڪيتريون ئي ذاتيون ۽ قبيلا اهڙا آهن جيڪي ساڳيو نالو رکن ٿا. قوم هڪ لساني ٽولي، هڪ نسلي ٽولي، هڪ قبيلي وغيره کان گهڻو مٿانهون سماجي ايڪو آهي. ڪيتريون ئي مادري زبانون، ڪيترائي قبيلا، ڪيتريون ئي ذاتيون، ڪيترائي نسلي ٽولا جذب ٿي هڪ قوم کي جنم ڏين ٿا. سنڌي قوم ۾ به ڪيتريون ئي ذاتيون ۽ ڪيترائي قبيلا ملي جلي ويا آهن. هڪ قوم لاءِ شرط هڪ مادري ٻولي جو نہ، پر هڪ گڏيل ٻوليءَ جو آهي. سنڌ ۾ اڄ به ڪيتريون ئي ذاتيون ۽ ڪيترائي قبيلا مختلف مادري ٻوليون ڳالهائن ٿا، پر سندن گڏيل ٻولي سنڌي آهي جيڪا سنڌ ڏرتي جي حوالي سان کين سنڌي قوم جو فرد بنائي ٿي. هنن جو رشتو ناتو، اپت کاپو، مفاد ۽ ڪردار سنڌ سان ڳنڍيل آهي. اهي هڪ ذات، قبيلي ۽ نسلي يا لساني ٽولي جي حيثيت ۾ گڏجي سنڌ، سنڌي ٻولي سنڌي مفادن خلاف ڪنهن به قسم جي سازش، فتني بازي ۽ غداري نہ ٿا ڪن. (هتي اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڪجهہ فردن جو ذاتي، انفرادي ڪردار گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿو.) ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو علائقائي فرق جي ڪري به يا اجا به وڌيڪ قومون ٿي سگهن ٿا (جيئن عربي ٻولي ڳالهائيندڙ

ڪيتريون ئي قومون آهن) تہ مختلف مادري ٻوليون ڳالهائڻ باوجود ڏرتيائي ايڪي جي ڪري اهي هڪ قوم ٻہ ٿي سگهن ٿا (جيئن سوئس قوم آهي). ان ڪري جڏهن ٻہ لفظ قوم، نسل يا ٽولو اچي تڏهن انهن لفظن جو حقيقي مطلب ضرور سمجهڻ گهرجي. هر قوم کي هڪ ڊگهو تاريخي پس منظر، گڏيل ٻولي، ڏرتيءَ جو مخصوص ٽڪرو، گڏيل قومي، سياسي، اقتصادي مفاد ۽ ڪردار هوندو آهي، جنهنڪري منجهن گڏجي رهڻ جو جذبو پيدا ٿي پوندو آهي. اهو هڪ فطري عمل آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ان فطري ۽ تاريخي عمل کي مخصوص مفاد رکندڙ ٽولا ارادي سان زوريءَ عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جيئن هن وقت گورا آميريڪي ۽ صيهوني اسرائيلي آهن. گورا آميريڪي ۽ صيهوني اسرائيلي آهن. جيڪڏهن دهليءَ جا نڱ ٻہ هجن تہ نهي پوندو ڪٽر گروهہ پرست دهشتگرد ٽولو، جيڪو زوريءَ، غير تاريخي انداز ۾، هڪ ڪوڙي قوم جي دعويٰ ڪري، سپر پاور قبضي گير حق ڄمائڻ گهري ٿو، جنهن لاءِ هو دهشتگرديءَ، قتلام، ڪوڙ ۽ پروپئگنڊا جو سهارو وني ٿو.

جيڪڏهن سنڌ مان ناجائز ۽ غير قانوني رهاڪن کي ڪڍيو وڃي، سنڌ ۾ صحيح نموني آدمشماري ڪئي وڃي ۽ بدنيتيءَ سان مادري ٻوليءَ جي بنياد تي سنڌي قوم جي وڌ ڪُٽ نہ ڪئي وڃي ۽ اسان مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي سگهہ آهر سنڌي قوم جي عوامي سجاڳيءَ ۽ ٻڌي لاءِ جاکوڙ ڪري، تہ ڪو سبب ناهي جو سنڌي اقليت ۾ بدلائي سگهجن ۽ سنڌين کي سنڌ جو وري عملي وارث ۽ بااختيار ٿيڻ کان رندائي سگهجي.

هاڻي ڇو نہ اهو جاچجي، تہ سنڌ يا پاڪستان ۾ نسلي ساڙ پيدا ڪرڻ جو حقيقي سبب ڪهڙو آهي؟

پاڪستان نهڻ وقت هن علاقي ۾ جيڪا وڏي تبديلي آئي، اها هئي لکين ماڻهن جي لڏ پلاڻ ــ پارت جي ڪجهہ علاقن مان اردو ڳالهائيندڙن جي پاڪستان ڏانهن ۽ پاڪستان حڪومت هيٺ آيل علاقن مان هندو مذهب رکندڙن جي پارت ڏانهن. ان وقت تائين هن سڄي ننڍي کنڊ ۾ ڪنهن ٻہ لساني يا نسلي جهيڙي جي خبرچار نہ ٿي ملي ۽ سڌيو ويندڙ مذهبي جهيڙو ننڍي کنڊ ۾ جيڪڏهن موجود هيو تہ اهو انهن علاقن ۾ جتي اردو ڳالهائيندڙ رهندا هئا ــ يُو پي، سِي پي ۽ بِهار ۽ سنڌ ۾ ماڻهو مادري ٻولي ڪهڙي ٻہ ڳالهائيندا ها پر سڀ قومي سجاڻپ جي حوالي سان سنڌي هئا.

پاڪستان نهندي ئي پهريون وڏو قڏو سنڌ کان ڪراچي کسڻ جي سلسلي ۾ ٿيو. سنڌ جي احتجاج باوجود سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ بند نہ ٿي، سنڌ جي مال ملڪيت تي قبضي بازي شروع ٿي ۽ سنڌ جون زمينون ۽ ڪارخانا ڏارين جي حوالي ڪندي سنڌ اسيمبليءَ جو اپمان ڪيو ويو.

ان کان پوءِ اقبال جعفر صاحب جي لکڻ موجب، اڪيلي قومي ٻولي طور پارتي حڪومت هنديءَ کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسان ڪوشش ڪئي تہ اردو مقرر ٿئي. ان کان پوءِ سنڌ ۾ مني صديءَ کان رائج قومي ۽ سرڪاري ٻولي ــ سنڌيءَ ــ ۽ بنگال ۾ بنگاليءَ خلاف نفرت جو ڪرو تپايو ويو، انهن جي طرز معاشرت، تهذيب ۽ ثقافت تي گند اڇاليو ويو ۽ نيٺ ون-يونٽ ڪري سنڌيءَ کي ميساريو ويو. جمهوري عمل کي سازشن جو شڪار بنائي مارشل لا مڙهيو ويو ۽ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جائز حقن جي گُهر ڪندڙن کي چٽڻ لاءِ هٿياربند قوتن جي ڇانوَ هيٺ سنڌين خلاف "پنجابي-مهاجر-پٺاڻ متحده محاذ" ناهيو ويو. ساڳي ئي قسم جو مهاجر فرنٽ بنگالين کي چٽڻ لاءِ اوپر پاڪستان ۾ انهن ناهيو جن کي اڄ ڪلهہ ٻِهاري سڏجي ٿو.

بنگلاديش کي انهن جِجُن مان جند ڇڏائڻ لاءِ ڏاڍي وڏي قرباني ڏيڻي ۽ سيکت سهڻي پئي، جڏهن ته سنڌي بوليءَ کي سنڌ ۾ بحال ڪرڻ کان رندائڻ لاءِ سنڌين خلاف زبردست دهشتگردي ڪئي وئي جنهن کي نالو ڏنو ويو "سنڌي-مهاجر جهيڙو" يا لساني جهيڙو. ڳجهه ڳوهه ۾ مهاجرستان يا اردو ديس جي مهم هلائي وئي، جنهن موجب ڪراچيءَ تي قبضو ڪرڻو هو.

ضيائي مارشل لا ختم ڪرڻ لاءِ سنڌين هڪ وسيع جمهوري جدوجهد هلائي، ته سندن قومي جمهوري شعور کي چيتاڙڻ لاءِ ويهارو ڪن مهاجر تنظيمون، يا تي پنجابي تنظيمون ۽ يا تي پناڻ تنظيمون ناهيون ويون، جن ۾ مهاجر قومي موومينٽ (م ق م) ۽ پنجابي-پختون محاذ کي ايجنسين وسيلي مضبوط بنايو ۽ ڏاڙيلن جو هڪ لشکر ناهيو ويو. دهشتگردن جڏهن 1986ع کان 1990ع تائين سنڌين جو ڪوس ڪيو، ته ان کي نالو ڏنو ويو "نسلي جهيڙو."

مقامي دهشتگردن جڏهن خود ايجنسين کي چَڪ پائڻ شروع ڪيا تڏهن ان ۾ سنهي ڦڙڦوٽ وجهي، ڪجهه دهشتگردن کي هيڏي هوڏي ڪري، ان کي ڪجهه ڏوئي پوئي، پاڪ پوتر بنائي نئين روپ ۾ آڏو آندو ويو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته پاڪستان ۾ جمهوري عمل کي وڌڻ ويجهڻ نه ڏنو ويو، پر ڪير آهي جنهن جمهوريت کي وڌڻ ويجهڻ نه ڏنو آهي ۽ ڪنهن مارشل لا جي ڇانوَ ۾ پنهنجا غليظ ڦورو ۽ قبضي گير مفاد پورا ڪيا آهن.

ايوب خان ۽ يحيٰ خان جي مارشل لائن کي کهڙين افرادي قوتن جي ٽيڪ هئي ۽ کهڙين قومن جي عوام انهن جي مخالفت ۾ ويڙهه ڪئي؟ جنرل ضياء جو مارشل لا ڪنهن هٽايو، ڪنهن ان کي مضبوط ڪيو ۽ ڪير هئا جيڪي ان جي مخالفت ۾ وڙهيا؟ پهرئين مارشل لا حڪومت کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪنهن ڪيو ۽ پي مارشل حڪومت کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪنهن ڪيو؟

پهرين صاف ستري چونڊ ۾ اولهه پاڪستان منجهه اڪثريت سان ڪنهن ڪٽيو ۽ پي صاف ستري چونڊ ۾ اڪثريت سان ڪنهن ڪٽيو؟ انهن جمهوري قوتن جي سرواٽي ڪنهن ٿي ڪئي؟

پهرين صاف ستري چونڊ جي نتيجي ۾ سڄي پاڪستان ۾ اڪثريت سان ڪٽندڙ عوامي ليگ کي ڪنهن حڪومت ناهڻ نه ڏنو؟

جمهوري طريقي سان اڪثريت ۾ ٻئي پيرا ٽهيل حڪومت خلاف کهڙيون وڳوڙي قوتون ڪم آنديون ويون؟

ڪير آهن جيڪي هن وقت تائين رڳو ڏاڍ ۽ دهشتگرديءَ جي زور تي مارشل لائن جي جهوليءَ ۾ پليا آهن؟

جيڪڏهن انهن ۽ اهڙين ٻين ڪيترن ئي سوالن جا جواب ايمانداريءَ سان ۽ حقيقت جي روشنيءَ ۾ ڏنا ويندا، ته پوءِ مجرم پاڻ ئي اگهاڙا ٿي پوندا.

اقبال جعفر صاحب ۾ جيڪڏهن ٿورڙي به علمي فراخدلي، فضيلت ۽ همت هوندي، ته پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون ڳولڻ لاءِ چاچر ۾ چيرون ڪرڻ ۽ هن يا هن تي تهمت هڻڻ بدران، پاتال ۾ پيهي وجي حقيقي ڏوهارين کي ڳولي لهندو.

(چپيل: روزاني "جاڳو" ڪراچي، 13 ڊسمبر 1992)


ڪو بہ باهريون اثر تيستائين
ڪارائتو نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين ان
شيءِ ۾ اڳواٽ موجود جوهر ۾ اندروني
طرح اهي لياقتون، فضيلتون، انسانيت ۽
شرافت موجود نہ هجن... مون جنهن
پيشي جي چونڊ ڪئي اهو هئو ماڻهپي
جي سوپ لاءِ پنهنجو ذهن، علم ۽
پورهيو صرف ڪرڻ، ظلم خلاف جيڪو
ڪجهہ قلم، زبان ۽ هٿ وسيلي ڪري
سگهجي ٿو اهو ڪرڻ. ڏيئو پلي ڪيترو
بہ ننڍو هجي پر اهو اونداهي ماحول ۾
سوجهرو ضرور پيدا ڪري ٿو. ڏيئي مان
ڏيئو ٻاري، هٿ هٿ ۾ ڏئي وڌبو تہ ڪو
شڪ ناهي جو ظلم، جهالت ۽ جانورپڻي
جي هن دنيا ۾ ماڻهپي جو مانُ مٽاهون نہ
ڪري سگهجي. ڏاڍ، اڻڄاڻيءَ ۽ وحشت
خلاف جنگ منهنجو مقصد آهي، ۽ اهو
مقصد ماڻڻ لاءِ جيتري بہ منهنجي سگهہ
آهي اها ڪر آڻڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ
ڪئي اٿم... سنڌ جو ڇاپو آهيان، سنڌي
ٻولي ڳالهايان ٿو، ان ڪري پنهنجو فرض
ٿو سمجهان تہ پنهنجي وت ۽ وس آهر
سنڌ جي خودمختياريءَ، سنڌي ماڻهن جي
چونڪاري ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ
جيڪو ڪجهہ ڪري سگهان ٿو، اهو
ڪيان.
(ڊاڪٽر محبت پرڙو)
Designed by : Ahsan Daudpota